



رُوحانيِ بات چيتِ

جشن واسواڻيِ

رُوحانيِ بات چيتِ
(۴)

۱۰ رپيا

جشن واسواڻيِ



سمرپن

گرديو

جي ڪمل چرنن ۾!

Published by Shri Gangaram Sajandas, Mira Nagar,
10, Sadhu Vaswani Path, Poona-411001.
Editor: Shri A. M. Vaswani (Phone: 667846 and 647474)
Typeset & Printed by: S. P. Shahani at
WAHGURU ENTERPRISES
715, Bhawani Peth, Pune-411042.
✆ 651635 / 654424

وشيہ سوچي

ٻه اکر

سنت مالا جو نئون ٽن مهنن جولاءِ-آگسٽ-سپٽمبر ١٩٩٤ جو گڏيل نمبر روحانيِ بات چيت: ڀاڱو ٤، پياري دادا جشن جي ٧٦ جنم ڏن ٢-٨-٩٤ تي پرڪاش ٿئي ٿو!

دادا جشن ڪئن نه جت ٻه ويندو آهي ته اُت روحانيِ بات چيت، روح رهاڻ ڪندو آهي! اِها بات چيت ڇا آهي؟ اُن جو مختصر ذڪر هن پستڪ جي ڀرين ۾ پيڄن ۾ ڏنو ويو آهي! ڪاش! مان اِڪ نقاش هجان ته اَوهان کي دادا جشن جي تصوير چٽي ڏيکاريان ته ڪيئن نه نينهن وارين نيلين اکين سين، مٺيِ مشڪ ڪٽيِ، اونهي آنند جي ساگر ۾ ٽٻيون ڏيئي هر پيري ڪونه کو موتيِ ڪٽيِ اَچيِ اَسان جي اَڳيان رکي ٿو. هن پستڪ ۾ اَهڙا ست موتيِ، سپت وچن پاڪن جي چرنن ۾ رکان ٿو جن مان هرهڪ وچن تي دادا جشن روحانيِ بات چيت ڪئي آهي!

جيئن هن پستڪ لئه مٽر پئي تيار ڪيم ته ڪي ٿورا اَکر دل جي اَندر گهنڊ جي آواز جيان ٻڌم! انهن اَکرن ۾ مون سمجهيو ته آهي تت سار نه فقط هن سڄي پستڪ جو، نه فقط دادا جشن جي سکيا جو، پر پياري دادا ساڌو واسوانيِ،

جنهن تي پياري دادا ساڌو واسوانيءَ ڪيڏو نہ زور ڏنو:-
”جاڳ! پيارا! جاڳ!“ اَسين مورکہ تہ سُتل آهيون،- اِندرين جي ننڊ ۾، من جي ننڊ ۾! ڪيڏي نہ اونهي ننڊ اَچي اَسانکي ويڙهيو آهي! شاه عبداللطيفَ بہ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چويٿو نہ:-

سُتا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري
تو جو ساڻيهہ پانيو، سو تِي مانجهاندي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نہ ملي!

اِنڪري ڇا ڪَر؟ شاه صاحب اِڪ ٻئي شلوڪ ۾ چويٿو:-

پوکہ تانکِي پوکہ، جيسين پاڻِي اَتيئِي ٻار ۾:
وَتُ بہ ويندءِ نکري، سُڪي ٿيندين سوڪ:
جت لٽندو لوکَ، اُت سڪائيندءِ سنگرا!

شاه صاحب چويٿو:- جيسين سواسن روپِي متکي ۾ سواس آهن، پيارا! ڪمائِي ڪر! ڪر تياري! ڪر تياري! جي سواس وڃايئہ تہ ڪيتري بہ محنت ڪَندين ڪجھ بہ حاصل ٿيندءِ ڪين ڪي. جتَ محنتي اِنسان، ڪمائيءَ وارا اِنسان ويٺا لٽندا، توڪِي تہ اِڪ سنگر بہ ملندو ڪين! اِن ڪري پيارا! ڪر تياري! تياري!

دادا جشن اَکين ۾ ڪيڏي نہ ڪرپا ڪٽي، ڪيڏي نہ اَسان پانڌيئڙن لئہ ديا ڪٽِي اَسان کي ٻڌائي تو اِن بات چيت ۾ تہ کهڙي تياري ڪَريون؟ پنجن تيارين جو ذڪر دادا جشن ڪريَ ٿو! پَر روز آهي هن هڪ ڳالھ تي تہ فقط ٻڌون نہ پر اَڀياس ڪريون.

(ا) پهرين تياري تہ سانت ۾ ويهِي نام جو اَڀياس ڪريون! هن داس داداَ جشن جا دل ڇڪيندڙ پروچن اَلائي

سنتن ستپرکن جي سکيا جو آواز مون هنن اَکرن ۾ ٻڌو:- ”ڪر تياري! ڪر تياري!“

This is a clarion call to every one of us.

”فاني اَٿيئي هي بنگلو، فاني اَٿيئي هيءَ ماڙي:
اُت جاڳ: ننڊ نہ ڪجي ايتري: ڪر تياري! ڪر تياري!“

هي اَکر تہ ڪين آهن: پر نُور سان ڀريل نينهن نهار آهي: جنهن نهار سان نهاري نهاري، دادا جشن اَسان مان هڪ هڪ جي دل دروازي تي اَچي ٿو ڪڙڪائي ۽ پڪاري:-

ننڊ نہ ڪجي ايتري،
ڪر تياري، ڪر تياري!

دادا جشن تازو آميريڪا ويو: اُتي وچي وِشو ڌرم سميلن تي پنهنجو lecture ڏنائين. اُن ليڪچر ۾ هن ڳالھ تي زور ڏنائين تہ هيلتائين اَسان ڌرم بابت ڪيترو نہ ڳالهايو آهي. هينئر وقت آيو آهي تہ جيڪر اَسين اِنهن آدرشن جي ٿوري ڪي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيون! اَڀياس جي ضرورت آهي.

هن روحاني بات چيت جي سڄي پستڪ ۾ هن هڪ ڳالھ تي زور ڏنل آهي تہ جيون جي مٺڪيءَ مان هڪ هڪ ڪري سواس وڃن پيا نڪرندا، عمر وڃي پيئي گهٽبي. پوءِ جيڪر هن جيون جو سونو وجھ پنهنجن هٿن مان نہ وڃايون! اِنڪري اَڀياس ڪريون!

ڪهڙو اَڀياس ڪريون؟ ڪهڙي تياري ڪريون؟ اِن روحاني بات چيت ۾ دادا جشن چويٿو:-

”فاني اَٿيئي هي بنگلو، فاني اَٿيئي هيءَ ماڙي:
اُت جاڳ: ننڊ نہ ڪجي ايتري: ڪر تياري! ڪر تياري!“

ڦرين مکيہ ڳالھ جنهن تي دادا جشن زور ڏئي ٿو،

ڪندو آهي ته هيءَ ضروري تياري آهي، ديا! سنت تلسي پنهنجي ڀاڱي ۾ چوبنو آهي:

"ديا ڌرم ڪا مول هئہ."

(۵) ۽ پنجين ڌاري حصن جو ذکر به مان سمجهان ٿو دادا جشن پنهنجي هرهڪ اپديش ۾ ڪندو آهي ته مانوَ ڌرم آهي شيوا ڌرم ۽ غريبن دکين جي شيوا. پر شيوا جو بنياد ڪهڙو؟ ته هڪ هڪ دکي، دردر ۾ نارائڻ جو روپ ڏسون! هڪ وار جي اهو درشن اچي وڃي ته هڪ هڪ دکيءَ جي چرڻن ۾ سر جهڪائي اُن جي شيوا ڪنداسين ۽ دل ۾ چونداسين:-

"غريبن جي شيوا آهي پريوءَ جي پوڄا!"

هن داس کي ياد اچن ٿا سنڌ جي سنت ڪوي ساميءَ جا اکر:-

"مکہ سان نام جپي، سانت نہ اَچي جيئہ کي
اَن پاڻيءَ جي نانوَ سان، اُڃ بکہ ڪين لهي
نگر پهتو ڪونہ ڪو، بنا پند ڪيئي:
گرگم رَهت رهي، تہ سُکي ٿئي سامي چوي.

سامي جن هن شلوڪ ۾ چون ٿا تہ فقط مکہ سان نام جپڻ سان جيو کي شانتي مِلندي ڪين. جيئن رڳو پاڻي يا اَن جي نالي چوڻ سان اُڃ بکہ لهي ڪين ويندي. نڪو ڪو بنا پند ڪرڻ جي نگر پهچي سگهندو. تڏهن ڇا ڪرڻو آهي؟ سامي جن چون ٿا تہ جيڪو پنهنجي گروءَ کان سکيا وٺي ۽ اُن موجب رهڻي رهندو!"

زور آهي رهڻيءَ تي، اَڀياس تي. اِنڪري هن سڄي روحاني باتِ چيت جي پستڪ ۾ دادا جشن هن هڪ ڳالھ

ڪيترا ٻڌا آهن. هرهڪ اُپديش ۾، هرهڪ روحاني بات چيت ۾ هن هڪ ڳالهه تي زور ڏيندو آهي ته سانت ۾ نام جپيو! پيارو دادا به اِڪ پنهنجي مٺي گيت ۾ چويٿو ته:-

هيري جئسا جنم اَمولڪ، هاٿ نه آوي پياري:
رام رتن تون ليهه، مت جائو پياسا ڙي!

دادا جشن وري ورِي، ڪيڏي نه قرب ۾، ڪيڏي نه پيار ۾ چويٿو:- ”پيارا! ڪرَ تياري! اِن ڪري نام ڪماءِ!“

(٢) پوءِ ڪيترا دفعا منَ ۾ شنڪا اُٿندي آهي ته سانت ۾ ويهي نام جپيون: ۽ جي نام ۾ من نَه لڳي ته؟ ته دادا جشن چويٿو:- بِي تياري اَٿيئي ته پريوءَ سان ڪونه ڪو ناتو جوڙ! گروجن به پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چون ٿا ته:-

ڪچريئا سِئه توڙ، ڍوند سجڻ سنت پڪيئا:
اوه جيوَنديئا ڇڏ وڃن، اوه مُئيا نه جائي ڇوڙ!

پيارا! سَنگَ ڪَڇن سان ڪپي، مٺن مالڪن سان، مٺن مرشدن سان، پَڪن سان ناتو جوڙ! اِنڪري دادا جشن چويٿو ته پريوءَ سان ڪونه ڪو ناتو جوڙيو! پوءِ ويهي اُن سان ڳالهيون ڪريو!

(٣) ۽ جي ناتو پڪو جوڙيندا سين ته دل ۾ پڪ ٿي ويندي ته پيارو پريو جيڪي به ڪري ٿو، اُهو اَسين قبول ڪريوَن! اِنڪري ٽين تياري آهي ته جيڪي ٿئي، جيڪي مٺو مرشد، مٺو مالڪ ڪري چَئون:- ”قبول! قبول!“

(٤) چوٿين تياري به دادا جشن ٻڌائي ٿو ته اَسين پنهنجي جيون ۾ ديا جو انگر ڪوليون! ديا پسن ۽ پکين لئہ، ديا هرهڪ پراڻيءَ لئہ! پيارو دادا، گوتم ٻڌ وانگر، ديا جو اَوتار هو! اِنڪري دادا جشن اَلائي ڪيترن موقعن تي وينتي

روحانِي بات چيت

روحاني بات چيت ڇا آهي؟ روحانِي بات چيت ۾ اَسين ڪونه ڪو ويچار ڪٽندا آهيون. اُن ويچار بابت ٻيا ڪيترا ويچار ايندا آهن. ڪي هِن پاسي کان ته ڪي هُن پاسي کان، ڪي دل مان but all revolving round the one central thought اِن ويچار بابت ڪيترا ويچار ٻيا ايندا آهن. ۽ مون توهان کي وري وري اِها وينتي ڪئِي آهي، هي سؤلو آتمڪ ساڌن توهين بہ اَڀياس ڪري ڏسو. صبوح جو اُٿو، اَکيون کوليو، بسترو ڇڏيو، اُن کان اَڳ ڪو نہ ڪو ويچار ڪٽو. ڪا نہ ڪا تڪ گرباڻيءَ جي، سنتن جي باڻيءَ جي، گيتا جي باڻيءَ جي، ڪا نہ ڪا تڪ ڪٽو. اُها تُڪ ڪٽي پوءِ توهين بستري مان نڪرو.

اِها يادگيري پوڻ ڪڏهن ڪڏهن ڏکي ٿيندي. توهان مان ڪي چوندا:- ”اَسين سڀان کان وٺِي اِهو ڪنداسين.“ سڀان صبوح جو اُٿندا، توهان کي وسري ويندو. پوءِ وڃِي برش ڪندا. پنهنجا ڏند صاف ڪندا. آرسيءَ ۾ نهاريندا، توهان کي اَچِي يادگيري پوندي تہ اَسان ٻاڻ کي چيو هو تہ صبوح جو اُٿنداسين تہ ڪا نہ ڪا تڪ، ڪو نہ ڪو ويچار ڪٽنداسين. هِي تہ اَڄ مون کي وسرِي ويو. پوءِ اَڄ منهنجو ڏينهن ويو. نہ، ڏينهن ويو ڪين. برش اُتي ئِي ڦٽو ڪري وڃِي بستري ۾ سمهِي پئو. چادر شايد ويڙهي اُٿيا هوندا. وري وڃِي چادر وجهو. ليٽِي پئو. اَکيون پُوري ڪونہ ڪو ويچار ڪَٽِي پوءِ وري بستري مان اُٿو. توهان جو پوءِ اَهڙو اَڀياس ٿِي ويندو، جو روز

تي زور ڏئي ٿو تہ پيارا! ڪر تيارِي! اِنڪري آپِياس جي جيون رہ!

هِي پستڪ دادا جشن جي ٧٦ جنم دن تي پرڪاش ٿو ٿئي! تہ هي داس، هڪ پينار دادل جي در تي، دادا جشن کان بہ اِهائي هڪ سوکڙي ٿو گهري،- نرمل نام جِي بخشيش،- شيام نام جِي بخشيش! شل اِڪ اِڪ سواس جو نواس رهي نام ۾!

آتما واسواڻِي

پونا،
١٩٩٤-٧-٢٢
(گرو پورنما دن)

(٥٣)

پيار جو نشو نرالو

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

پيار ئِي شياما ڪرشن مُراري،
پيار ئِي جوت ڏام اَوتاري!
پيار ئِي گيتا گرنٿ گيان،
پيار ئِي نوُرِي نام نِڌان!

هِي وچن پياري دادا جي ٻاڻيءَ مان آهي. پيارو دادا چوي ٿو:- جيڪِي آهه، سو پيار ئِي آهه: ٻيو ڪجهه آهيئِي ڪين. شيام، ڪرشن مراري، جنهن جِي اَسين پوڄا ڪريون ٿا، سو ڪيهو آهه؟ پيارو دادا چوَيٿو:-

"پيار ئِي شياما ڪرشن مُراري،
پيار ئِي جوت ڏام اَوتاري!"

جوت ڏام، The Highest، اُهو ڇا آهي؟

"پيار ئِي گيتا گرنٿ گيان"

اَسين گيتا پڙهون ٿا. ٻين گرنٿن جو اَڀياس ڪريون ٿا، پر اُهو سڀ آهي هڪ اَکر ۾،- پيار، پيار، پيار.

"پيار ئِي نوُرِي نام نِڌان"

اَسين جي نام جِي زندگِي رهون ته اَسان جي جيون

اُٿندا، پھرين ڪو نہ ڪو ويچار ڪڻندا.

پوءِ اِهو ويچار اَچڻ لاءِ توهين ڪوشش ڪندا. ڪيترا پيرا ويچار توهان کي اِيندو ئي ڪين. اِن ڪري اَسان کي مدد ملندي جي اَسين رات جو سمهڻ کان اَڳ ڪو نہ ڪو ويچار ڪڻون. اَج سمهو، سکمني صاحب مان ، گيتا مان، ڪو نہ ڪو شاستر جو توهان کي پيارو آهي، کولي ڪا نہ ڪا تڪ ڪڻو. اُها تڪ پاڻ سان ڪڻي سمهو. اِئين ڪندا، توهان جي ننڊ بهتر ٿيندي. توهان کي سپنا عجيب اِيندا. پوءِ صبوح جو اُٿندا، شايد پهرين پهرين توهان کي وسري ويندو. ٿوروئي يتن ڪندا، توهان کي اَچي ياد پوندو.

اِهو ويچار ڪڻي توهين پنهنجو ڏينهن شروع ڪريو. هٿ منهن ڌوئِي، سانتيڪي ڪنڊ ۾ اَچي وهو، ڏهہ منٽ، پندرهن منٽ. جيترا منٽ توهين spare ڪري سگهو. سانت ۾ ويهي اُهو ويچار جو توهان کنيو آهي، وري وري اُچاريو. توهين ڏسندا اِن ويچار بابت توهان کي ٻيا ڪيترا ويچار دل جي اَندر اُٿندا. توهان مان هڪ هڪ جي اَندر creative spirit آهي. اُهو توهان کي پيو ويچار موڪليندو ۽ آهستي آهستي جڏهن اِنهن ويچارن ۾ توهين مگن ٿِي ويندا، توهان کي سنسار ۽ سنساري ڳالهيون، پنهنجو سرير بہ وسري ويندو. ۽ هڪ سڀاڳي ڏينهن پريوءَ جي ڪرپا سان، مرشد جي مهر سان، توهين بہ ديدار پائي سگهندا.

ڏاڍو سولو سادن آهي. ٿوري اَڀياس ڪانپوءِ، ڇهن اَٺن مهنن ڪانپوءِ توهين اِهو اَڀياس ڪندا، ڏسندا اُٿڻ سان هينئر توهان کي ويچار ڪرڻوئِي ڪونهي. ويچار توهان کي پاڻهي پيو اِيندو.

ڏيئي سگهون ٿا. مون کي هڪ ماڻهو گڏيو. چيائين:- ”فلاڻي مون سان هڪ اَکر ڳالهايو: مون ڏهه ڳالهايامانس. مان ڪو گهٽ آهيان ڇا؟“ اِئين ڪرڻ سان اَسان جي اَندر بي آرامي ويندي وڌندي. جنهن آرام، جنهن پدارٿ، جنهن سچي آنند جي تلاش ۾ اَسين آهيون، سو ملندو ڪين جيستائين اَسان جي اَندر پيار نه جاڳيو آهه.

سنت هو: هڪ ماڻهوءَ اَچي چيس ته ”منهنجي گهر اَچي جيڪر پوڄن ڪائو.“ چيائين: ”مان پوڄن خوشيءَ سان تنهنجي گهر ڪائيندس، پر جن جي به برخلاف تنهنجي دل جي اَندر ڌڪار آهي، اُنهن سڀني کان اَڄ وڃي معافي وٺ. مون کي خبر آهي ته تنهنجي دل ۾ ڏاڍي ڌڪار آهي: اِن ڌڪار جي ڪري تون رات جو ننڊ به نٿو ڪرين.“ ماڻهوءَ چيو:- ”سائين! اِها ڳالهه برابر آهه. رات جو پيو اَڄ وڃ ڪندو آهيان.“ وڏو وڪيل هو، پر ڌڪار دل جي اَندر. ڪوبه ٿوروئي ساڻس هيٺ مٿي ڳالهه ڪندو هو، يڪدم اُن کي ڌڪاريندو هو. سنت چيس:- ”اَڄ وڃي اُها لِسٽ (list) ٺاهه، جن جي به برخلاف تنهنجي دل جي اَندر ڌڪار آهي. وڃي اُنهن کان معافي وٺ ۽ اُنهن کي چئه ته سنت اَچڻا آهن مون وٽ پوڄن ڪائڻ. توهين به ضرور اَچجو ۽ اَچي پوڄن ڪائجو. پوءِ جڏهن تنهنجي گهر اَچن ته تون دروازي تي بيهي اُنهن جو سواگت ڪجانءِ. ٿِي سگهيئي ته هٿ ۾ پيالو ۽ نئپڪن ڪٺي اُنهن جا هٿ ۽ پير ڌوئجانءِ. اُنهن کي پيار ۾ نينبڊ ڏجانءِ، ڇو ته پيار ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه آهي ڪين.“

۾ ٻه نام جي شڪتيءَ ڪُلي. اِها نام جي شڪتي آهي پيار جي شڪتيِ. جيڪي آهه، سو آهه پيار. پريو ڇا آهه؟ پريو آهه پيار.

Love is not a quality of God: Love is God Himself. Wherever there is love, there is God.

ڪله هڪ پيغ ويٺي مون کي ٻڌايو. چيائين:- "پريوءَ کي مان ڏسندي آهيان چت شڪتيءَ جي روپ ۾. پر اُها چت شڪتي ڇا َ آهي؟ اُها چت شڪتيِ مان سمجهنديِ آهيان ته آهي پوترتا (Purity)." مون چيومانس:-

Purity is only a quality of God: Purity is not God. There is difference between purity and God. Love is God.

سڀ ڪجهه آهه پيار. اِن ڪري پيار ۾ وڌو. توهين جي چاهيو ته پريوءَ جي نزديڪ اَچو ته پيار جي نزديڪ وڃو.

مان وري وري ٻائرن ۽ ڀينرن جي چرنن ۾ اِها وينتي رکندو آهيان. ڏسو، ڪيترا دفعا نه اَهڙيون حالتون ٻڻجي اَچن ٿيون. ڪو اَسان سان پوريءَ طرح هلت نٿو هلي، ڪو اَسان جو پورو آدرياءُ نٿو ڪريٌ، ڪو اَسان جو متر وڃي ٿو اَسان جي نقطچيني ڪري ۽ اَسان کي خَبر پوي ٿي، ڪو وڃي ٿو اَسان بابت گهٽ وڌ رپورٽون ڦهلائي، ڪو اَسان سان ٺڳيِ ڪري ٿو. ڪيترائي دفعا اِئين اَچي ٻڻجي ٿو. پوءِ مان چوندو آهيان:- اَسين ڇو نه اِنهن سڀني جي جواب ۾ پيار ڏيون. بيشڪ، اَسين ڌڪار ڏيئي سگهون ٿا، اَسين اُنهن سان تڪو ڀڙي سگهون ٿا، اَسين اُنهن کي وڏيڪ تڪليف

ويٺا آهيون. هي سارو سنسار پيار جي شڪتيءَ تي پيو هلي.

”پيار ئي شياما ڪرشن مراري،
پيار ئي جوت ڏام اَوتاري!
پيار ئي گيتا گرنٿ گيانَ:
پيار ئي نوري نام نڌان!“

ڪهڙو فائدو ٿيو، جي مون گيتا پڙهي ۽ دل جي اَندر پيار نہ اُتاريو.

Our love should move out to all creation because creation is one family.

هڪ هڪ ۾ پيار جو قطرو پيو ئي آهي. اَسان پيار کي پورو سمجهيو ڪونهي. اَسين پيار جي ڇاڇي کي پيار ڪريون ٿا. اَسان جو پيار خودمطلبي آهي. پيار جو ڇاڇو هيئنر رڳو اُونده آهي. جي جوت پيار جي ڏسو تہ عجب ۾ پئجي وڃو! هي سڀ جيڪو پيار اَسين ڏسون ٿا، سو ڇاڇو آهي- پيار جي اونده.

راجا ڀرترهري ڏاڍو سٺو راجا هو. نيڪ اِنسان هو. سڀ ڪم ڪندو هو پيار ۾ ۽ اُن ۾ جيتري ديا وجهي سگهندو هو، وجهندو هو. سڀي پرجا هن مان راضي هئي، سنتشٽ هئي. چوندا هئا تہ راجا تہ ڀرترهري. پوءِ هڪ ڏينهن هڪڙو اَمر ڦل هن وٽ ڪٺي اَچن ٿا. اُهو اَمر ڦل جيڪڏهن ڪو ماڻهو کائي تہ اَمر ٿي وڃي. مري ئي ڪين. راجا ڀرترهريءَ کي چون ٿا:- ”سائين! سڄي سنسار ۾ هڪ ئي اَهڙو اَمر ڦل آهي: ۽ اَسان چيو تہ هن جي لائقي فقط توهان کي آهي. توهين راجا آهيو: توهان پرجا کي ههڙو سکي رکيو

کھڙي به راه تان توهين پنڌ ڪرڻ چاهيو- يوگ جي راه، ڪَرم جي راه، شرناگتيءَ جي راه، گيان جي راه، راج يوگ جو رستو، ڀڳتي يوگ جو رستو- جيڪو به رستو پڪڙيو، پيار ڪانسواءِ پهچندا ڪين. هيءَ سڄي ڪائنات ڇا آهي؟

What is creation? Creation is only an overflow of the love of God.

جئن چانهه جو پيالو ڀريندا آهيون، ويندا آهيون وڌيڪ وڌيڪ چانهه وجهندا، پوءِ overflow ڪري وهي ويندي آهي. تئن هيءَ سڄي سرشٽي، سڄي دنيا، نه فقط اَسان جي دنيا،- اَسان جي دنيا ته فقط واريءَ جو هڪڙو ڪڻو آهي. ڪروڙها اَهڙا واريءَ جا ڪڻا آهن. ڪروڙها ڇا، پر اڳڻت. اِها سڄي سرشٽي is only an overflow of love . پريوءَ جو پيار وهي آيو ۽ سڄي سرشٽي اِن پيار مان ٺهي.

اِن ڪري اَسان مان هڪ هڪ جي اَندر پيار پيو آهي. اَسين پيار جا ٿهيل آهيون. فقط اُن پيار کي ويڙهي ويٺا آهيون. ڪيترا پيرا اَسين پنهنجون شيون ويڙهي رکندا آهيون. هڪ ٻڍي اَمي ايندي هئي: ڏيکاري ڪونه ڏيندي هئي ته مَن ڪي ڪو مٽيا آهن. اَڳڙيون ٿَڳڙيون ڪٽي ويندي هئي ويڙهيندي، پر اَندر سون پيو هوندو هو. هڙ رکي هوندي هئي. ڪير نهاريندو به ڪونه هو. چوندا هئا:- ”هِڙي ميري هڙ، جنهن مان ناس جي بانس پيئي اَچي، تنهن کي هٿ ڪير لاهيندو؟“ تن ڏينهن ۾ ٻيڙيون ناس ڏينديون هيون. هينئر جي مون کي خبر ڪونه آهي. تئن اَسين پيار کي ويڙهي

اپ ۾ گهلي ويندس. تنهن کان بهتر، مان مري وڃان.
سان ڇا واسطي جيئان؟ اَسان جو راجا جيڪر جيئي. اُهو
هميشھ زنده رهي. ڇو نہ مان اِهو اَمر ڦل کڻي وڃي راجا
پرترهريءَ کي ڏيان."

راجا پرترهريءَ کي اَچي اِهو اَمر ڦل ڏئي ٿي. راجا
پرترهري پيو نهاري. اَمر ڦل تہ سڄي سنسار ۾ فقط هڪڙو
ٿيندو آهي. اُهو مون پنهنجي پياريءَ پنگلا کي ڏنو. هن
وٽشا وٽ ڪئن پهتو؟ پڇا ڪرايائين. خبر پيس. ويراڳہ وٺي
ويس.

اِن آزمودي جو ذڪر راجا پرترهري پاڻ ڪندو هو.
چيائين:- "هيِ پيار، جنهن جي پٺيان پيو ڀوان، اُهو تہ سچو
پيار ڪونهي، اُهو تہ آهہ اِڪ پاڇو، اوُنده آهہ. مان ڇو اِن
اوُنده جي پٺيان پيو ڀوان: مان سچي پيار جي تلاش ۾
نڪرندس."

راجائي ڇڏي ٿو. ويراڳہ ڀاوَ ۾ سنڌو نديءَ جي ڪپ
تي وڃِي آشرم ٺاهي ٿو ۽ اُت رهي ٿو. چوي ٿو:- "مان
اُهو سچو پيار پائيندس."

پيار ئي شياما ڪرشن مُراري،
پيار ئي جوت ڏام اَوتاري!
پيار ئي گيتا گرنٿ گيان،
پيار ئي نوُري نام نڌان!

اِن پيار پائڻ جي ڪوشش ڪريو! اِن پيار جو نشو
نرالو! اِن پيار ۾ ڏاڍو آنند آهہ!

اِهو نشو هو راڌا کي! ايڏو پيار ڪرشن لاءِ هن جي

آهي. توهين جيڪر هميشه هجو، جئن پيا اَسان جي سنڀال لهو، اَسان کي سکي رکو. اِن ڪري هي ڦل توهان کي ڏيون ٿا."

راجا ڀرترهريءَ جو پيار هو پنهنجي راڻيءَ سان، جنهن جو نالو پنگلا. هن ويهي ويچار ڪيو ته مان هميشه جيئرو رهان ۽ منهنجي راڻي جي گذاري ويئي ته منهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ تنهن کان بهتر مان جيترو وقت جيئرو رهان ته منهنجي راڻي ضرور جيئري هجي. اُها جيئري رهندي، جي اَمر ڦل مان اُن کي ڏيندس. اُها اَمر ڦل کائي ۽ جيئري رهي. مان ڀل گذاري وڃان. راڻيءَ کي اُهو اَمر ڦل مليو.

راڻيءَ جو وري پيار هو ڪوچوان سان. هيءَ سچي ڳالهه آٿو. ڪوچوان، جيڪي گهوڙن جي سنڀال ڪندا آهن ۽ گاڏيون هلائيندا آهن. هن راڻيءَ چيو ته مان جي هميشه لاءِ جيئان ۽ هيءُ منهنجو پيارو مري وڃي، تنهن کان بهتر هي ڦل مان اُن کي ڏيان، اُهو کائي. جيستائين مان زنده آهيان، تيستائين ته اُهو هوندو. مون کي اِها پڪ ٿيندي.

ڪوچوان جو وري پيار هو هڪ وئشا سان. ڪوچوان وڃي اِهو اَمر ڦل ڏنو وئشا کي. چيائين:- "جيستائين مان جيئرو هجان، اوستائين ته هيءَ جيئري هجي. هن ڪانسواءِ مان ڪئن رهي سگهندس؟"

وئشا کي جو اِهو اَمر ڦل مليو. ويهي ويچار ڪيائين. چيائين:- "مان هي اَمر ڦل کائي ڇا ڪنديس؟ منهنجي جيون ته پاپ ۾ ورڳيل آهي. جيترو وڌيڪ مان جيئري رهنديس، اوترو وڌيڪ پاڻ کي پاپ ۾ ڪيرائيينديس ۽ ٻين کي به

ولي۾ واڪا ڪيائينس:- ”نڪري اَچ! نڪري اَچ!“ هي پيو چويس تہ ”مان نڪران ڪئن؟ دروازو ڏاڍو ننڍڙو آهي.“ جهوپڙي هئي. جهوپڙيءَ کي دروازا ننڍڙا ٿيندا آهن. مينهن جو ڏيان ڪري پاڻ کي مينهن جيڏو پئي سمجهائين.

مون وٽ ڪيترا اِيندا آهن. مون کي چوندا آهن تہ اَسين سانت ۾ ويهون ٿا تہ اُن وقت من پيو ڀٽڪي. ڪم ڪار ڪندا رهون ٿا، اُن وقت من نٿو ڀٽڪي، پر سانت ۾ ويهون ٿا تہ من اَلائي ڪٿ ڪٿ پيو وڃي. من ڇو ٿو ڀٽڪي؟ ڪڏهن پاڻ کان پڇيو اٿو؟ من اُت ٿو وڃي، جت من جو پيار آهي. اَسان پنهنجي من سان پيار رکيو آهي. سنسار جو پدارٿ، سنسار جا روپ، سنسار جو مان شان وڏائي، اِندرين جو عيش عشرت آرام، ڀوڳ، اَسان وجهِ پيار اُنهن کي ڏنو آهي. جت پيار آهي، اُت من ضرور ويندو. ڏسو، من ڪٿي ٿو ڀٽڪي؟ لنڊن؟ ڇو تہ اُت منهنجو گهوٽ آهي، اُت منهنجو پٽ ٿو رهي. ضرور اوڏانهن ويندو.

ويٺا هوندا سانت ۾: اوچتو ٿي اوچتو توهان کي ڪونہ ڪو ويچار اِيندو. توهين ڏسندا اُن بابت توهان کي اُهو ويچار هوندو، جنهن لاءِ توهان کي پيار هوندو يا جنهن لاءِ توهان کي ڌڪار هوندو. پيار ۽ ڌڪار، ٻئي positive and negative شڪتيون آهن. راوڻ ڌڪاريو شري رام کي. ڀرين ڏاڍو پيار ڪندو هوس. پر ڀوءِ اُن جو negative side اَچي ٿو اُٿيس، جنهنڪري ڌڪار اَچي پيدا ٿيس. شري رام تہ ڀڄاڙيءَ ۾ درشن ڏنس. توهان کي ڪپي تہ اِئين ڪريو. بهتر آهي، پريوءَ کي پيار ڪريو. توهان کي ڪپي تہ پريوءَ کي ڌڪار

اَندر کُليو، جو ڪرشن جو ڌيان ڪري ڪري هڪ ڏينهن سمجهائين ته مان پاڻ ڪرشن آهيان. سو ويهي پڇڻ لڳي:- ”راڌا ڪٿي؟ راڌا ڪٿي؟ راڌا ڪانسواءِ مان ڪئن رهندس؟“ پيار ۾ اِهو جادو آهه. جنهن کي توهين پيار ڪندا، پيار ڪنديون، جنهن جو توهين ڌيان پيار ۾ ڪنديون، ڪندا، توهين سمجهندا، توهين اُهو ٿِي پيا آهيو.

يوگِي رام چڪر وٽ هڪڙو ماڻهو آيو. چيائينس:- ”مون کي ڌيان سيکار.“ يوگِي رام چڪر چيس ته ”ڌيان معنيٰ پيار. پهرين پيار اَٿيئي؟ جي پيار نه اَٿيئِي ته ڌيان ڪئن ڪري سگهندين؟ پيار ڪانسواءِ ڌيان ڪهڙو؟“ پڇيائينس:- ”پيُءُ کي پيار ڪندو آهين؟“ ماڻهوءَ چيو:- ”بابا جو نالو ئِي نه ٻُڌو. مون کي پيو گاريون ڏيندو آهي. مان چوندو آهيان، مون کي شل ڏسيئِي نه.“ يوگِيءَ پڇيس:- ”ماءُ کي پيار ڪندو آهين؟“ ماڻهوءَ چيو:- ”ماءُ ته منهنجِي ننڍي هوندي ئِي گذاري ويئِي. باقي هڪ مينهن آهي، جنهن جو مون نالو رکيو آهي جمنا.“ يوگِيءَ چيس ته ”اِن جمنا جو تون وچِي ڌيان ڪر. تنهنجي لاءِ ڌيان سولو ٿيندو.“ سهج ڌيان ٿئي ٿو، جڏهن اَسين جنهن کي پيار ڪريون ٿا، تنهنجو ڌيان ڪريون. هِي ماڻهو وڃِي پنهنجو پاڻ کي ڪوٺيءَ ۾ بند ڪري ٿو. ”جمنا! جمنا! جمنا!“ ايڏو ڌيان ڪيائين، جو سمجهائين مان پاڻ مينهن ٿِي ويو آهيان. سو ويٺو مينهن جا آواز ڪري. سندس پيُءُ جڏهن موٽيو، چيائين ته پٽ ڪٿي؟ مينهون چارڻ به ڪين ويو آهي. ڇا اَچي ڏسي ته ڪوٺيءَ جو دروازو بند پيو آهي ۽ اَندران آواز پيا اَچن.

تڏهن لوڪ صفون ٺڌي بيهن ٿا ته اِيوالويا هتان لنگهندي ته اَسين هن کي پنهنجا پرنام ڏينداسين، پنهنجا نياز ۽ نمسڪار ڏينداسين. گل وٺي آيا. پر اُن رات جو، پٺيان اِڪ دروازو هو، اُن مان اِيوالويا گم ٿي ويئي. لوڪ اَڳئين دروازي وٽ بيٺا هئا، disperse ڪونه ٿيا هئا. جڏهن کين خبر پيئي ته اِيوالويا پٺئين در کان نڪري ويئي، پوءِ disperse ٿيا.

هڪڙو ماڻهو جو اُن وقت concert تي حاضر هو، سو جڏهن نديءَ جي مٿان پل تان لنگهي پنهنجي گهر پئي موٽيو ته ڏسي ته هڪ ڇوڪري ڪوشش پيئي ڪري ته مان اِن نديءَ ۾ ٽپو ڏيئي آپگهات ڪريان. يڪدم ڊوڙندو ڊوڙندو ويو ته وڃي اُن کي بچايان. پٺيان اَچي هن کي ڪلهن کان پڪڙيائين. نهاريائين ته ڏٺائين اِيوالويا. اُنهيءَ رات گم ٿي ويئي. هي ماڻهو اِيوالويا کي چوي ٿو:- ”اَسين هُتي منتظر بيٺا هئاسين ته تنهنجو درشن ڪريون، توکي گل ڏيون. توکي پنهنجا نمسڪار، پنهنجا نياز ڏيون ۽ تون هي ڇا ڪري رهي آهين؟ تون ڪٿن ٽپو ڏيندين؟“ اِيوالويا چيس:- ”ڳالهه ئي نه پڇ. I am the most unhappy woman on earth. مون جهڙي دکي اِستري هن پرٿويءَ تي اَئيئي ڪين. مان پنهنجو دک نديءَ جي اَندر ٻوڙڻ ٿي چاهيان. منهنجي اَندر دک جي اَگني پيئي ٻري. اِها اَگني مان ٻجهائڻ چاهيان ٿي. اِن ڪري مان ٽپو ٿي ڏيان.“ هن چيس:- ”مان توکي ٽپو ڏيڻ ڪين ڏيندس.“

اُن رات جو اِيوالويا تي پربوءَ جي ڪرپا ٿئي ٿي. سندس زندگي بدلجي وڃي ٿي. رنگ منچ (stage) کي اَلوداع

ڪريو. پل ڪريو، پر خوب ڌڪار ڪريو. توهين ڌڪار ڪريو، تنهن کان به ته توهين پيار ڪريو. من کي ٻڌڻ جو رستو آهه پيار جو رستو. توهين پريوءَ کي پيار ڪريو. اَصل هينئر کان ئي وٺي چئوس. پري ڪٿي وڃڻو ڪونهي. پريو حاضر ناظر آهي. مان اَڪثر ٻارن کان پڇندو آهيان:- ”پريو ڪٿي آهي؟“ چون:- ”هُتي هُتي!“ مان چوندو آهيان:- ”هِتي! هِتي!“هينئرئي چئو ته ”پريو! مان جهڙِي آهيان، تهڙِي تنهنجِي آهيان. مان تنهنجِي ٿيڻ ٿِي چاهيان. سمست توکي پاڻ اَرپن ڪرڻ ٿِي چاهيان. مون کي تون پنهنجو بناءِ!“ پيار ۾ توهين اِئين چوندا، توهان جون اَکيون اَچي آليون ٿينديون. ”مون کي بيو ڪجهه ڪپي ڪين. گهٽوئي ڏٺو اٿم.“

هينئر مان توهان کي سچ ٿو ٻڌايان. اَچي ٻهتا آهيو. باقي اَلائي گهٽا ڏينهن. خبر ئِي ڪونهي. اوچتو ئِي اوچتو سڏ ٿين ٿا. پوءِ توهين هن حالت ۾ ويندا ڇا؟

اِيوالويا هڪ وڏي actress هئِي. ڇا ته سندس منهن ۾ سندرتا هئِي! ماڻهو پيا رڳو ڪيس نهاريندا هئا. مکر ڪوليندي هئِي، ڳائيندي هئِي. ڇا ته سندس آوِاز مٺو هوندو هو! دلين تي جادو لڳائَي ڇڏيندي هئِي. ماڻهو اَصل مست ٿِي پيا هن جي پٺيان ڦرندا هئا. رڳو خبر پوندي هئن ته اِيوالويا آئِي آهي. پئرس ۾ هوندي هئِي. رنگہ منچ تي اَچي پنهنجا recitals ڏيندي هئِي يا ڪڏهن ڪو ناٽڪ ٿيندو هو ته اُن ۾ پارٽ ڪٽندي هئِي. هڪ ڏينهن پنهنجو performance ڏئي ٿِي. اهڙِي ته effective ۽ impressive هئِي، جو لوڪن هڪ پَل لئہ پنهنجون اَکيون پري نہ ڪيون. جڏهن performance پورِي ٿئي ٿِي،

لکو پيو آهي. رڳو ڪولٺو آهي. اُن ہيڍيءَ وانگر ناس جي ڪپڙي ۾ ويڙهي ويٺا آهيون. ڪوليو! ڪوليو! پيار ڪوليو!

هينئر ئيِ پريوءَ کي پرارٿنا ڪريو:- ”پريو! تون اَسان کي اُهو پيار ڏي! ہيو ڪجھ •اَسان کي کپي ڪين! اَسان کي تو واسطي پيار کپي! اَسان جي اَندر تو واسطي پيار اُٿي، جئن اَسين توکي پيار ڪريون ۽ تنهنجي صدقي وجيِ سيني کي پيار ڪريون!

هڪ هڪ ستسنگ جي اِها سکيا آهہ. پنهنجي اَندر اِهو عشق اُٿاريو. اِهو عشق آهہ اَگنيِ، جنهن اَگنيءَ ۾ ڇا جليِ ويندو؟ جليِ ويندو آپو، جليِ ويندو اَهنڪار. پوءِ تہ آنند ئيِ آنند! سچ ٿو ٻڌايانوَ، جنهن حالت ۾ هوندا، ڏاڍيِ آنند ۾ هوندا. هن وقت توهين آپي کي جهلي ويٺا آهيو. توهين پيا سمجهو تہ توهان جو متر آهي، توهان جو دوست آهي، توهان جي ساهيڙي آهي. اِهو آپو آهہ توهان جو وڏي ۾ وڏو دشمن. اُهو توهان کي دکيِ ويٺو ڪري. اُنهيءَ ڪانپوءِ توهين چٽيِ پوندا. پيار جاڳايو! پيار جاڳايو!

پيار ئيِ شياما ڪرشن مُراري،
پيار ئيِ جوت ڏام اَوتاريَ!
پيار ئيِ گيتا گرنٿ گيان،
پيار ئيِ نوُري نام نڌان!

اِهو پيار ڪئن جاڳي؟ اُن لاءِ پنج ڳالهيون ضروري آهن:- (١) پهرين پهرين ڳالھ هيءَ تہ جيڪڏهن چاهيو ٿا تہ پيار توهان جي جيون ۾ جاڳي تہ مون توهان کي وينتيِ ڪئيِ آهي تہ هينئر ئيِ پيار پريوءَ کان گهرو. چئوس:- ”پريو!

ڪري ٿي. ڪنهن ڏورانهين ملڪ ۾ وڃي شيوا ڪري ٿي. اُنهن وٽ وڃي پنهنجي گروءَ جو پيغام پهچائي ٿي. ٽي سال اُتي ڪم ڪري ٿي. نہ ڪاٿي جو، نہ صحت جو ويچار ڪري ٿي. سندس صحت ٽُٽي پوي ٿي. ٽن سالن ڪانپوءِ زوريءَ هن کي پئرس موڪلين ٿا تہ تون ڪجهہ holiday وٺ. هن کي اِن ڪم مان ايڏو آنند اَچي ٿو، ڪجهہ پرواهہ ئي ڪونہ هوندي هئس.

پئرس ۾ موٽي اَچي ٿي. يڪدم پريس وارا ڪيس ملن ٿا. ڪانئس سوال پڇن ٿا تہ ”خبر ڪر، تون ٽي سال هتان گم ٿي ويئينءَ. تو شيوا ڪئي آهي. هينئر تنهنجي حالت ڪهڙي آهہ؟“ اِيوالويا چوي ٿي:- ”جڏهن مان ويس تہ I was unhappy of all women on earth. Today I am happiest of all.’ پڇنس ٿا:- ”ڪارڻ ڪهڙو؟“ چوي ٿي:- ”ڪارڻ هي آهي هڪڙو تہ منهنجي دل اَندر پريوءَ لاءِ پيار اَچي جاڳيو آهہ. پريوءَ جي پيار ۾ مان سڀ ڪجهہ ڪريان ٿي. آنند ئي آنند آهي. منهنجي اَندر ۾ اُهو عشق اَچي جاڳيو آهي، - عشق عجيبن واسطي!“

سيني سنتن جي اِها سکيا آهہ، - عشق عجيبن واسطي!

نُوري گرنٿ ۾ اَسان کي اِهي اَکر ملن ٿا:-

سنتن جو اَٿيئي هي پروانو:
هلندو توسان هڪ خزانو، -

عشق عجيبن واسطي!

اَسان مان هڪ هڪ کي مانکہ جنم مليو ئي اِن واسطي. اِهو عشق، اِهو پيار جو قطرو اَسان مان هڪ هڪ جي اَندر

مان منهنجو پيارو پريو رنج ٿئي. مان ڪيترا سال هيءَ هڪ پرارٿنا وري وري پيو ڪندو هوس:- "مرشد شال وٺان!" اهڙو ڪم نہ ڪريان، جو منهنجو گرو مون تي رنج ٿئي! شل مان اُن کي وٺان! بس، هيو ڪجھ مون کي ڪپي ڪين! مرشد شال وٺان! اِن ڪري اَهڙو ڪوبہ ڪم نہ ڪريان، اهڙو ڪو ويچار اَندر ۾ نہ اُٿاريان، اَهڙو وڪار اَندر ۾ اَچڻ نہ ڏيان. مان چاهيان ٿو تہ پريو اَچِي منهنجي دل اَندر وهي. پر منهنجِي دل ڏسو، ڪيڏي نہ گندي آهہ. ڪيڏي ڪِنَ سان پيرِي پيئِي آهہ. پوءِ ڪَئن وهندوَ؟ توهان ڏنو هوندو، ڪتو وهندو آهي تہ پهرين پڇ سان زمين صاف ڪندو آهي. اَسين پريوءَ کي ڪهڙِي گندِي دل ۾ وهاريون ٿا؟ اُنهيءَ دل ۾، جٿو، اَج ڪان وٺِي ڪوبہ ڏڪار جو ويچار نہ ايندو. ڪوبہ ڪام جو ويچار نہ ايندو، ڪوبہ ڪروڌ جو ويچار نہ ايندو. هِي چَپ ڪڏهن ڪنهن تي ڪروڌ نہ ڪندا. ڪابہ ڳالھ مان نہ ڪريان، جا منهنجي محبوب کي نہ وڻي!

(۵) پنجين ڳالھ:- Try to face it with love فلاڻي مون کي هيئن چيو، مون بہ چئِي ڏنومانس. هينئر هن مون کي هيئن چيو، مون کيس پيار ڏنو. هن مون سان هيئن ڪيو، مون کيس آسيس ڏنِي. هن مون کي تڪليف پهچائِي، مون وجِي هن جي شيوا ڪئِي. آزمائي ڏسو. توهان کي ايڏو آنند ايندو، جو بس!

(بمبئِي: ۹۱.۴.۲۱)

تون پريم داتا آهين: تون پريم ماتا آهين! توکان ئي گهرون ٿا. اَسان کي پريم ڏي! اَسان جون اوڻايون، اَسان جون ڪچايون نہ ڏس!" ۽ پرڀوءَ سان ڪونہ ڪو ناتو جوڙيو. چئوس:- "پرڀو! تون منهنجو هي آهين!" هتان اُتو، تنهن کان اَگر ڪونہ ڪو ناتو پرڀوءَ ساں جوڙي اُتو. وجو اِهو ناتو وڌائيندا. جئن ويندا ناتو وڌائيندا، پريم ويندو وڌندو. پرڀوءَ کي هينئر ئي پڪاريو، هينئر ئي چئوس:- "سمست مان پاڻ کي توکي اَرپن ڪرڻ چاهيان ٿي."

(٢) ٻي ڳالھ جا ضروري آھ، سا ھيءَ تہ ننيڙيون ننيڙيون پرارٿنائون ڪريو. ڪم ڪار جي وچ ۾ بيٺا هجو، ڪانہ ڪا ننيڙي پرارٿنا ڪريو، جهڙوڪ:-

"مون کي تہ کپين تون!"

"ڪڏهن ملندين مهاٽيءَ کي؟"

"ننگہ نذر جو اَٿيئِي توتي توتي!"

"ڪڏهن اِيندين پکن پيهي؟"

ننيڙيون پرارٿنائون ڪرڻ سان اَکيون آليون ٿين ٿيون.

(٣) ٽين ڳالھ هيءَ: جيکي ڪريو، چئو:- "پرڀو! تو واسطي! تو واسطي!" اَڄ کان وٺي پئسي جي ڪري ڪم نہ ڪريو. مون توهان کي وري وري چيو آھ تہ پئسو ۽ ڪم ٻئي هڪ ٻئي سان ٻڌا پيا آهن. ڪم ڪندا، پئسو ضرور توهان وٽ اِيندو. پاڻيهي اَچي توهان جي گود ۾ پوندو. پر توهين پيار جي پاونا سان ڪم ڪريو.

Let us work for love sake; never for wages.

(٤) چوٿين ڳالھ: اَهڙو ڪوبہ ڪم نہ ڪريو، جنهن

رچيائين. برهم سوتر لکيائين. بيو بہ ڪيتروئي ڪم ڪيائين. عجب لڳندو آهي، هڪ ماڻهوءَ هيڏو ڪم ڪئن ڪيو؟

اَسان مان هڪ هڪ پارتواسيءَ تي سندس قرض آهي. اِهو قرض اَسين ڪئن لاهي سگهنداسين؟ قرض لاهي سگهنداسين، جيڪڏهن جيڪي شاستر هُو ڇڏي ويو آهي، اُنهن جو ٿورو ڪجھ اَڀياس ڪنداسين. اَڀياس جي معنيٰ اِها ڪانهي تہ اَسين فقط اکر پڙهون. اَڀياس جي معنيٰ آهي تہ جيون ۾ اُن جي ساکي ڏيون.

It is the life that is needed .It is very easy to speak words, but I must bear witness in deeds of daily living to the words that I speak.

هڪ ڏينهن مهاتما گانڌيءَ وٽ هڪ ماتا آئي. چيائينس:- "مهاتما جي! منهنجي پٽ کي kidney جي تڪليف ٿي پيئي آهي ۽ ڊاڪٽر چيو اَٿس تہ لوڻ نہ کاءُ، پر هُو منهنجي ڳالھ ٻڌي نٿو. تون کيس چوندين تہ توکي هُو ٻڌندو. توتي هُو اَصل عاشق آهي." مهاتما گانڌيءَ چيس تہ "تون پنهنجي ٻالڪ کي هفتي کانپوءِ مون وٽ وٺي اَچ تہ مان کيس چوندس." هفتي کانپوءِ ماتا پنهنجي ٻالڪ کي وٺي آئي. مهاتما گانڌيءَ هن کي ڳراٽڙي پائي چيو:- "منهنجا ٻالڪ! تون هڪ ڳالھ ٻڌندين؟" ٻالڪ چيو:- "تنهنجو چوڻ منهنجي لاءِ حڪم آهي. تون مون کان اِئين چو ٿو پڇين تہ مان تنهنجي ڳالھ ٻڌندس. تون جيڪي چوندين، سو مان ڪندس. مان پنهنجي جان بہ قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." تڏهن مهاتما گانڌيءَ چيس:- "منهنجا ٻالڪ! تون جيڪر اَڄ کان

(٥٤)

گر پُورِنما جي سکيا

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

”تنهنجا ٿورا لک هزار، گرديو! شل توڙ نباهيان!“

گرديو! تو منهنجي واسطي ڇا نہ ڪيو آهي! تنهنجون هزارين مهربانيون مون تي آهن. مان ڪِرِن ۾ ڪِريو پيو هوس، تو اَچِي مون کي ڪِرِن مان ڪڍيو. گند ۾ وجايل هوس، تو اَچِي مون کي گند مان ڪڍيو. تو اَچِي مون کي هڪ نئين دنيا ڏيکارِي. هاڻي مون تي اَهڙِي آسيس ڪر، ڪرپا ڪر، شل توسان توڙ نباهيان! پڇاڙيءَ تائين شل توسان سچو ٿِي رهان! اِڪ هڪ تک مون وري وري پئي اُچاري آهہ، نہ ڪلاڪ ڪلاڪ، پر اُن کان اَڳہ بہ وري وري پئي اُچاري اَٿم:-

”تنهنجا ٿورا لک هزار، گرديو! شل توڙ نباهيان!“

اَڄ آهي پوتر گر پُورنما جو ڏينهن. ڏاڍي سڀاڳي ڏينهن اَسين اَڄ هت ڪٺا ٿيا آهيون. گر پُورنما جو پوتر ڏينهن پاڻ سان يادگيري ڪٺي اَچي ٿو اُن جي، جنهن کي ڀارت ۾ اَسين آدي گرو ڪري سڏيندا آهيون. اُهو ڪير هو؟ ويد وياس. چار ويد رچيائين: اَرڙهن پُران لاهيائين. ڀاڳوت، مهاڀارت

(۱) پهرين ڳالهه:- پنهنجي اَندر وڃو. ٻاهر پيا ڀٽڪو. جنم جنم ۾ ڀٽڪيا آهيو. ڪيترا جنم توهان گذاريا آهن. لکاهه جنم توهان ورتا آهن. سرير توهان لاٿا آهن ۽ پاتا آهن. ڪڏهن جانور جو سرير، ڪڏهن مڇر جو سرير، ڪڏهن ڪنهن plant جو سرير، پر هميشه ٻاهر مڪي ٿي رهيا آهيو. هينئر وقت آيو آهي ته پنهنجي اَندر وڃو. جڏهن اَندر ويندا، توهين ڏسندا، توهان جي اَندر لڪل شڪتيون آهن، اُهي کلنديون جڏهن توهين اَندر وڌيڪ وڌيڪ ويندا.

(۲) ٻي ڳالهه: اُهي شڪتيون توهين پنهنجي واسطي ڪتب نه آڻجو، پر دکي دنيا جي شيوا ۾ خرچ ڪجو.

اِنهن ٻن ڳالهين ۾ آهه ويد وياس جي سڄي سکيا سمايل. پهرين ڳالهه، مون کي اُميد آهي ته توهين اَڄ کان ئي شروع ڪندا. سيان اَلائي اَڇي يا نه. پوءِ جڏهن توهين پنهنجي اَندر ويندا، اَندر جون شڪتيون کولي ڪن نه ڪن دکين دردن جي شيوا ڪندا. پيارو دادا ساڌو واسواڻي اَسان کي وري وري چوندو هو:- The day on which I have not helped some one in need, is a lost day indeed. ڪنهن نه ڪنهن جي مدد ڪريو. ڪنهن پسون، ڪنهن پکيءَ جي، ڪنهن غريب، ڪنهن مسڪين جي شيوا ڪريو.

اَڄوڪو ڏينهن آهي گروءَ جي پوڄا جو ڏينهن. شش پري پري کان اَچي گروءَ جي چرنن ۾ ڪنا ٽيندا آهن، گروءَ جي اَچي آسيس وٺندا آهن.

”تنهنجا ٿورا لک هزار، گرديو! شل تونڙ نباهيان!“

اَڄوڪي ڏينهن سان، ڀارت ۾ اِئين وشواس آهي،

وٺي لوڻ نہ کائين." چيائين:- "اَڙي! لوڻ ڇا، مان تہ کنڊ بہ کين کائيندس. ڪا وڏي ڳالھ آهي ڇا؟ تنهنجي صدقي مان ڪجھ بہ ڪندس." تڏهن ماتا مهاتما گانڌيءَ کان پڇيو:- "هفتو توهان وچ ۾ ڇو وڌو؟ مان اڳئين هفتي توهان وٽ آئي هئس. توهان چيو، هفتي کانپوءِ اَچج. سبب ڪهڙو؟" مهاتما گانڌيءَ چيس:- "سبب هي تہ اڳئين هفتي جڏهن تو مون کي اَچي چيو تہ مان تنهنجي ٻالڪ کي چوان تہ لوڻ نہ کاءُ، مان پاڻ لوڻ کائيندو هوس. پوءِ مان ڪئن ٻئي کي چوان تہ تون لُوڻ نہ کاءُ. سڄو هفتو مون لوڻ ڪونہ کاڌو آهي. اِن ڪري هاڻي مان چئي سگهان ٿو."

پراچين زماني ۾ گريس ۾ ست سياڻا هئا، تن مان هڪ هوندو هو ٿيلس (Thales). اُن کان ڪيترا سوال پڇائون. چيائونس، تورن اَڪرن ۾ اَسان کي جواب ڏي. سوال پڇائون:- "What is the greatest thing in the world?' چيائين:- "Space, because it contains everything." پيا ڪيترا جواب ڏنائين. جڏهن پڇائونس:- "What is the easiest thing to do?" چيائين:- "To give advice" اِن کان وڌيڪ ٻي ڪا سولي ڳالھ ڪين آهہ. پر What is necessary is not to give advice but to act according to that advice, so that my life becomes a picture of the words that I speak.

اِهو اَپياس اَسين جڏهن ڪريون. ويد وياس هيڏو روحاني خزانو (Spiritual literature) اَسان واسطي ڇڏي ويو آهي، اُن جو اَپياس ڪري، جيون ۾ اُن جي ساکي ڏيون. اِهي سڀ جيڪي شاستر آهن، تن ۾ ٻن ڳالهين تي زور ڏنل آهي:-

they form a habit ۽ پنهنجي عادت بدلائڻ ڏاڍو مشڪل آهي. Habit لئہ چوندا آهن تہ اهڙي خوفناڪ آهي، جو Habit مان H ڪڍندا تہ abit اَچا رهندي. a توهين ڪٽ ڪريو، bit اَچا رهندي. b توهين ڪٽ ڪريو، تہ it اَچا رهندو. i توهين ڪٽ ڪريو تہ t اَچا رهندي. ٻي habit ناهي تہ Tea چانهہ جي عادت تہ سڀن کي آهي. اِن ڪري پنهنجي ويچارن جي سنڀال ڪريو. اَسين ڪيترا ڀيرا چوندا آهيون، تہ فقط ويچار ڪيوسين نہ: اِن ۾ ڇا ٿيو؟

What does it matter? After all it was only a thought. We should pay attention to our thougths .We don't realise that thougths are the building blocks of life. With thoughts we are building our future.

(۱) ڀريون ساڌن آهہ پوترتا. ۽ (۲) ٻيو ساڌن: جيڪي ٿئي، سو قبول ڪريو. چئو:- ”پريو! تنهنجي هٿن مان پرساد ٿي آيو آهي، اَسان کي قبول آهي.“

”پريان سندي پاڙ جي، مڙيوئي مٺائي!“

جيڪي تو وڻان اَچي ٿو پريتم! اَسان واسطي مٺو آهي. گرو اَرجن ديو کي جڏهن ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي ديگڙي ۾ وجهن ٿا ۽ مٿان ٻرندڙ ريتي اُڇلائين ٿا، سندن چپن تي آهن هي اَکر:- ”تيرا ڀاڻا ميٺا لاڳيءَ!“ منهنجي واسطي مٺائي آهي، ڇو تہ پريو! تو وڻان اَچي ٿو. جڏهن اَسين اِئين ڪري سگهنداسين، جيڪي اَچي ٿو، خوشيءَ سان قبول ڪنداسين،- صحت اَچي، بيماري اَچي، ساک ٿئي، ننڊا ٿئي، گرمي هجي، سردي هجي، مينهن هجي، اُس اَچي،

هڪ نئين موسم شروع ٿئي ٿي. اِن موسم ۾ توهان کي اَدرشٽ دنيا مان ڏاڍي مدد اِيندي. اَپياس جي موسم آهي. اِن ڪري توهين اَپياس ضرور ڪَريو ۽ مان توهان کي ڏاڍو سولو رستو ٻڌايان ٿو. ڪا ڏکي ڳالهه توهان کي ڪين ٿو چوان. سولو رستو، پر شروع ضرور ڪجو. شروع ڪندا تہ توهان تي آسيس اِيندي. اَدرشٽ لوڪ مان توهان کي مدد اِيندي.

اَپياس وَاسطي ٻن ڳالهين جي تمام ضرورت آهہ:-

(ا) پوترتا. اَسين پاٺ پوڄائون ڪريون ٿا، پر اَسان جي جيون بدلجي نٿي. سبب هي آهہ، جو اَسين آهيون اُن مٽڪيءَ وانگر، جنهن مٽڪيءَ ۾ ڇيد آهن، سوراخ آهن. اُن ۾ توهين وجو پاڻي وجهندا، پاڻي وهي ويندو. اَسين شڪتي ڪٺي ڪريون ٿا، پوڄائون ڪريون ٿا، پاٺ پڙهون ٿا، شيوائون ڪريون ٿا، پاڻي وجي ٿو ڪٺو ٿيندو، پر پاڻي وهي ٿو وڃي. جيستائين اَسان جي جيون ۾ پوترتا جو اَنگ نہ آيو آهي، تيستائين اَسين اَڳتي وڌي نہ سگهنداسين.

پراچين ڀارت ۾ اَڄوڪي ڏينهن کان جنماشٽميءَ تائين گرهستي بہ پوترتا جي زندگي رهندا هئا. ياد رکجو تہ It is purity that is needed and never forget purity begins in the thought. پنهنجن ويچارن تي توهين قبضو رکو.

If you hold thought constantly, it is bound to drive you to action. If it is good thought, it will drive you to good action. If it is an impure thought, it will drive you to impurity.

پوءِ اُهي actions جي توهين وري وري ڪريو ٿا،

پيارو دادا ساڌو واسواڻي هڪ ڏينهن اَسان کي ڪٿو
ڪري چوي ٿو:- اَچو تہ مان توهان کي منتر ڏيان. هڪ
اَکر جو منتر ڏنائين:- ”قبول! قبول! قبول!“ جيڪي اَچي،
قبول ڪريو! پريوءَ وٽان پرساد ٿي آيو آهہ. پريو اَسان جي
ماتا آهہ، پتا آهہ. هڪ هڪ آزمودو جو اَسان وٽ اَچي ٿو،
ڪجھ نہ ڪجھ سيکارڻ اَچي ٿو. توهان مان گهڻا اَڄ اِهو منتر
ڪٿي ويندا؟ قبول! قبول! قبول! توهان جي سڄي جيون ۾
آنند اَچي ويندو. اِهي ٻہ ڳالهيون ڏاڍيون ضروري آهن، جي
توهين اَڀياس جي رستي تي پنڌ ڪرڻ چاهيو.

”تنهنجا ٿورا لک هزار، گرديو! شل نوڙ نباهيان!“

گرو ڪير آهي؟ گرو اَکر ٻن اَکرن مان ٺهيل آهہ:-
گ ۽ روُ. گ معنيٰ ”اونده“. ”روُ“ معنيٰ ”جو ڪسي وڃي“.
گرو اوُنده کي ناس ڪري ٿو.

اَسين اوُنده ۾ آهيون. اسين پيا سمجهون، ٻجليون
ٻريون ٻرن، اَسين سوجهري ۾ آهيون. پر سچ پچ اَسين اونده
۾ آهيون. اَسين ڄاواسين، ماتا جي گربھ ۾ نوَ مهنا، نوَ
ڏينهن هئاسين. ڪيڏي نہ اوُنده اُتي هئي. پوءِ ڏاڍيون پڪارون
ڪيوسين:- ”پريو! اَسان کي هن اوُنده مان ڪڍ. اَسين توکي
ساريندا‌سين ڪين!“ پر جڏهن ماتا جي گربھ مان نڪتاسين،
تڏو وڃي مايا جي گربھ ۾ پياسين. مايا جي گربھ ۾ تہ
اَڌيڪ اوُنده آهہ. اُن اوُنده مان اَسان کي گرو ڪڍي سگهي
ٿو. نڪي ماءُ، نڪي پيءُ، نڪي ڀاءُ، نڪي ڀيڻ، نڪو مِتر،
نڪا ساهيڙي، فقط گرو اِهو ڪم ڪري سگهي ٿو، ڇو تہ
هو اوُنده آهي آپي جي اوُنده. اَسان مان هڪ هڪ کي

جيڪي بہ اَچي، پريو! تو وٽان آيو آهي. اَسان کي قبول آهي! اَسان جي واسطي مٺائِي آهي. ڪو ماڻهو توهان سان گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو، يڪدم توهان کي جوش اَچِي وڃي ٿو. هڪ ماڻهو مون کي مليو. چيائين:- ”فلاڻي مون سان هڪ اَکر ڳالهايو، مون ڏه اَکر ڳالهايامانس.“ اَيپاسي اِنسان اِئين ڪين ڪندو. اَيپاسي اِنسان چوندو:- ”ڀل هُو ويٺو ڳالهائي. هن جي گت مت هُو ڄاڻي! مون کي پنهنجو ڪم ڪرڻو آهي.

”تون اَپني توڙ نباهہ، اُس ڪي اوهہ جاني!“

مان ايئرپورٽ تان پئي آيس اوهان جي شهر ۾ اَندر تہ buses تي ڪي اَکر لکيل هئا. مون کي چيائون تہ هِي اَکر ڪيترن buses تي لکندا آهن:- ”!Let them say“ پيارو دادا اَسان کي چوندو هو:- ڪو نہ توهان کي ڪجھ چوي، توهين چئو:-

"They say, what do they say? Let them say!"

ٽن قسمن جا اِنسان آهن:- (١) تامسڪ اِنسان، (٢) راجسڪ اِنسان ۽ (٣) ساتوڪ اِنسان. تامسڪ اِنسان هميشهہ سکہ ڳوليندو. دکہ اِيندس تہ پري ڀڄڻ جِي ڏاڍِي ڪوشش ڪندو. راجسڪ اِنسان ڪوشش ڪندو تہ دکہ کيِ مان سکہ بنايان. ساتوڪ اِنسان سم درشٽيءَ جو اِنسان آهہ. سکہ اَچي، دکہ اَچي، جيڪي اَچي، پريو! تو وٽان آيو آهي. اَيپاسي اِنسان ساتوڪ ٿئي ٿو. اِهي بہ ڳالهيون ڪرڻ جي توهين هينئر ڪوشش ڪريو:- (١) پوترتا، (٢) جيڪي اَچي، اَسين قبول ڪريون.

نوجوان پڇيو ته:- ”اُهو ڪئن؟“ ۽ يوگيءَ نوجوان کي چيو ته:- ”تون ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟“ نوجوان چيو ته:- ”مان ڪسان جو ڪم ڪندو آهيان.“ يوگيءَ چيو ته:- ”توکي خبر آهي ته ڪڻڪ جو فصل ڪئن تيار ٿيندو آهي؟ زمين جي اَندر ڪڻڪ وجهبي آهي. اُهي ڪڻڪ جا داڻا جڏهن زمين ۾ مري ويندا آهن، تڏهن اُنهن مان سَلا نڪرندا آهن، جي وڏي سنگ ٿيندا آهن ۽ نئين ڪڻڪ پيدا ٿيندي آهي.“

”پهلي مرڻ قبول ڪر، پوءِ جيئڻ کي رک آس!“

نوجوان مونجهي وجي ته. وري يوگيءَ وٽ نه آچي. ڪيڏو نه وجھ وڃايائين! جو گروءَ وٽ اَچي، پنهنجو پاڻ گروءَ کي اَرپن ڪري ڇڏي ۽ پڪ ڄاڻي ته گرو جيڪي ڪري ٿو، اُن ۾ ئي سندس ڀلو آهي. جنهن جي اَندر اِهو صدق اَچي ٿو، سو سڀاڳو! سندس خوديءِ مري وڃي ٿي ۽ هو خدا جو درشن پائي ٿو.

”پهلي مرڻ قبول ڪر، پوءِ جيئڻ کي رک آس!“

(لڳاس: ٧-٧-٩٠)

خودي آهي، "مان مان". "مان مان" ڪيڏا نہ ٿي واڪا ڪري. جتي وڃو، اُتي "مان مان" جا واڪا آهن. هڪ گرو آهي، جو اَچي اَسان جي "مان مان" ڪپي ٿو. اِن ڪري ڪيترا پيرا ڪاسائيءَ وانگر ٿئي ٿو. پياري دادا جي ٻاڻيءَ ۾ هڪ هنڌ لکيل آهہ:- "گر چرنن نُوري ٻلهاريِ، جن هٽي ڪٽاريِ ممتا ماريِ!" گروءَ جي ڪيڏي نہ ڪرپا! هڪ هڪ سچي گروءَ جي سکيا آهي:- "پهلي مرڻ قبول ڪر، پوءِ جيوڻ ڪي رکہ آس!" جي تون نوجيون پراپت ڪرڻ چاهين تہ پهرين موت قبول ڪر!

يوگي مهاديو هماليہ پربت تي رهندو هو. اَڪثر ڪري شش قبول ڪين ڪندو هو. هڪ ڏينهن هڪ نوجوان وٽس اَچي ٿو. اَچي سندس قدمن ۾ ڪري ٿو. ڪيس وينتي ڪري ٿو:- "گرديو! مون کي پنهنجي ڪمل قدمن ۾ قبول ڪريو! نوجيون جو مون کي دان ڏيو! اِيشور جو درشن ڪرايو!" تڏهن مهاديو کيس چوي ٿو:- "هڪ شرط تي توکي قبوليندس. سامهون پهاڙ پورو ٿئي ٿو، اُن پائنٽ تان هيٺ ٽپو ڏي. پوءِ توکي قبول ڪندس." نوجوان ٻڇي وڃي ٿو. چوي ٿو:- "هيڏي اوچائيءَ تان ٽپو ڏيندس. لاش بہ ڪين لڀندو. مان تہ موي ويندس. ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندس." يوگي مهاديو کيس چوي ٿو:- "مرڻ کان اَڳہ نئون جنم ڪٿان ملي سگهندو؟" نوجوان منجهي پوي ٿو. چوي ٿو:- "جي مرندس تہ شش ڪٿان ٿيندس؟ مان هوندس ئي ڪونہ، پوءِ نوجيون ڪنهن کي ملندي؟" يوگي مهاديو چوي ٿو:- "جيستائين تون مُئو ڪين آهين، تيستائين نوجيون پراپت ڪري ڪونہ سگهندين."

اِهو اِيپاس ڪري اَسين اُن منزل تي پهچون ٿا، جت سنسار ۾ سرير ڀُلجي وڃون ٿا. سنسار ڀلجڻ سولو آهي: پر سرير ڀلجڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. سرير ڀلجڻ کي ڏاڍو وقت لڳي ٿو. اَسان کي اِندريون ۾ من ٻئي ٻڌي ويٺا آهن.

حيدرآباد سنڌ ۾ نور هوندا هئا. پوءِ اُنهن کي رسي ٻڌي چڙهيندا هئا. جو تہ نور وڃي مٿي منگهن ۾ پنهنجو گهرُ ٺاهيندا هئا. رسيءَ جي ٻئي پاسي پٿر ٻڌندا هئا. پوءِ نور جڏهن مٿي منگهہ ۾ اَندر ويندا هو تہ پٿر بہ مٿي چڙهندو هو ۾ gravity کيس هيٺ ڇڪيندي هئي. ويچارو نور هيٺ لهي اِيندو هو، ٻاهر ڇڪجي اِيندو هو.

اَسان کي بہ gravity جي ڇڪ ٿئي ٿي،- اِندرين ۾ من جي ڇڪ. اِندرين ۾ من جي گهاٽ کان مٿي شل چڙهون. اَسين ايڪانت ديس ۾ ويهي پنهنجو اَيپاس ڪريون تہ ڏاڍو فيض رسندو.

اُتم ديس ايڪانت ۾، سمريو اونڪار:
دن بہ دن اَيپاس ڪر، ڀُل جائو سرير سنسار!

اَهڙو ڏينهن نہ ٿئي جنهن ڏينهن اَسين اَيپاس نہ ڪريون.
مهاتما گانڌي روز رات جو سمهڻ کان اَڳہ ڪجھ وقت ڌيان ۾، پرارٿنا ۾ گذاريندو هو. اُن جو پنهنجو نمونو هوندو هو. هڪ ڏينهن کيس هڪ ڳوٺ ۾ وڃڻو هو. ڏڳي گاڏيءَ ۾ وڃي ٿو. رستا ڀڳل، جنهنڪري کيس چڱا جهوٻا اَچن ٿا. ويچاري جو سرير ٿي ڀڄي پوي ٿو. ڳوٺ ۾ پهتو تہ بہ ٻجا رات جا اَچي لڳا. ڏاڍو ٿڪل، سرير ڇڪناچُور. چيائين هاڻ سمهڻ کان اَڳہ مون کي ڌيان ۾ پرارٿنا ڪرڻي آهي. سرير

(٥٥)

اَپياس جي راهه

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

اُتم ديس ايڪانت ۾، سمريو اونڪار:
دن به دن اَپياس ڪر، پُل جائو سرير سنسار!

روز اَپياس ڪر. هيءَ راهه آهي اَپياس جي راهه. شري ڪرشن اَرجن کي چوي ٿو:- جيون ۾ ٻه ڳالهيون ضروري آهن:- (١) ويراڳيه (٢) اَپياس.

"اُتم ديس ايڪانت ۾": ايڪانت آهي اُتم ديس: اُن ۾ روز وڃي ره. پيارا! اِن ڪري ڀهرين ضروري آهي ته ڪا سانتيڪي ڪنڊ ڳوليون: اُت وڃي ويهون. پر اُها ڪنڊ ايڪانت اُتم ديس ڪونهي. اُتم ديس ايڪانت اَسان جي اَندر آهي: اُت وڃي وهڻو آهي. اُن جي لاءِ هيءَ ٻاهرين ڪنڊ به ضروري آهي. سانتيڪي ڪنڊ ڳولي اُت ويهي جيڪر اونڪار جو سمرن ڪريو. اَپياس ڇا آهي؟ وري وري اُچارڻ. اَپياس معنيٰ ساڳي ڳاله وري وري ڪرڻ. نيَت اَهڙو هري ٿا وڃون جو پاڻيهي پيو هلي.

اُتم ديس ايڪانت ۾، سمريو اونڪار:
دن به دن اَپياس ڪر، پُل جائو سرير سنسار!

چار ڳالهيون ڏاڍيون ضروري آهن:- (۱) سمرن، (۲) ڀڄن، (۳) ڌيان ۽ (۴) شيوا.

روز ٿورو ٿورو هڪ هڪ مان ڪندا رهو. توهين پيا ڪم ڪيترائي ڪريو ٿا، پر ڪمن جو ڪم آهي:-

”اُتم ديس ايڪانت ۾، سمريو اونڪار“

ايڪانت جي ديس ۾ اَچي اِندرين ۽ من جي گهاٽ ڪان مٿي چڙهي ويهي سمريو. جيڪو بہ نام توهان کي چڪي، جيڪو بہ نام توهان کي مليل هجي. سڀ نام اُن هڪ ڏي وٺي هلن ٿا، جيڪو پاڻ اَنام آهي. پوءِ جئن نام جي راهہ ۾ پنڌ ڪندا، توهان کي پاڻيهي ڪي ساڌن اِيندا. توهين ڏسندا تہ جيڪڏهن ٿورو گهٽ کائو ٿا تہ توهين بهتر اَڀياس ڪري سگهو ٿا. پيٽ ڏلي توهين نام سمرن ڪونہ ڪري سگهندا.

لقمان وڏو حڪيم ٿي گذريو آهي. چوندو هو تہ ”پيٽ اَڌ کاڌي سان ڀرجي، چوٿو پاڻيءَ سان، باقي چوٿو خالي رکجي.“ پوءِ توهين ڏاڍو سکي ٿيندا. اَسين اَڪثر ڪري کائڻ ويهون ٿا: پوءِ پيا کائون، پيا کائون ۽ خاص ڪري solid کاڌو کائڻ سان توهان کي هڪدم خبر نہ پوندي تہ توهان جي بکہ پوري ٿي آهي، پر اَڌ ڪلاڪ کان پوءِ توهين پاڻ کي ڳرا پيا سمجهندا. کاڌو ڏاڍي لالچ آهي. اِن ڪري پاڻ تي ضابطو رکو. پنهنجو کاڌو determine ڪري ڇڏيو تہ مان هيترو کائيندس. پنهنجي آزمودي مان هڪ هڪ پنهنجو فيصلو ڪري. ايترو کائو جئن توهان کي بکہ نہ ستائي ۽ توهين پاڻ کي light feel ڪريو. پوءِ نام پاڻيهي پيو توهان

هاڻ اَهڙو ٽڪل آهي جو پنج منٽ ليٽي پوءِ اُٿي ويهي ٿو ڌيان ڪريان. هي جو پنج منٽ ليٽيو تہ ننڊ اَچي ويس. اُٿي تہ صبوح ٿي ويو، روشني پرڪاش ٿي ويئي. ڇهہ بہ لڳي ويا. پوءِ چوي ٿو، مونکي ڏاڍو ڏکہ ٿيو تہ مون پنهنجو اَڀياس توڙي ڇڏيو. اُن ڏينهن مون اَڀياس ئي ڪين ڪيو نہ تہ مان روز رات جو سمهڻ کان اَڳہ ڌيان ۾ وهندو هوس. پنهنجي نام جو سمرن ڪندو هوس. منهنجو سڄو ڏينهن اِئين ئي گذري ويو. هاڻ پاڻ کي سيکارڻ لاءِ نکي ڪجهہ مان کائيندس، نکي مان ڪجهہ ڳالهائيندس، جيئن هي سرير سکي ۽ مونتي غالب نہ پوي.

اَسين چئون ٿا تہ اَسين اَڀياس ڪريون ٿا. پوءِ جڏهن اَڀياس جو وقت اَچي ٿو، سرير چوي ٿو:- ”اَج تہ ڇڏ: سڀان ڪا وٺي اَڀياس ڪج.“ ۽ اِئين سڀان ڪري ڪري سال گذري وڃن ٿا. ڪرڻو آهي تہ اَج ڪريون. سنتن جي سکيا آهي:-

جو ڪلهہ ڪرڻا هئہ، سو آج ڪر:

آج ڪرڻا هوءِ، سو اَب!

هينئر ئي ڪريو. اَڀياس جو اِهو قانون آهي. ساند ۾ ويهي پنهنجي ڌارا ڪوشش ڪري هتي ترڪنيءَ (اَجنيہ چڪر) ۾ آڻيو. جيڪڏهن ڪنهن کي مٽي ۾ سوُر پوي تہ اُهو پل في الحال نہ ڪري، پوءِ هرديہ چڪر ۾ آڻيو. هرديہ چڪر آهہ Physical heart جي لائين ۾ Centre: اُت پنهنجي ڌارا کي آڻيو. جڻ توهين اُت ويهي پنهنجي اِشٽ ديو جو ڌيان ڪريو. پنهنجي گروءَ جو ڌيان ڪري، اُن جي چرنن ۾ ويهي نام جپيو. اِهو سولو آهہ. سمرن ڪندا رهو.

اَچِي بيهي ٿو، اُن کي ملي ٿِي.

گرو نانڪ گپت گيان کڻي آيو. چيائونس: اِهو گپت گيان ڇا آهي؟ چيائين:- گپت گيان آهي نام. ڪنهن کي ٿو نام ملي؟ جو بکاري ٿي وڃي بيهي ٿو.

"مانگئہ دان ٺاکر نام!"

(2) Be forbearing as a tree.

وڻ وانگر تون صبر ڌار. وڻ کي توهين پٿر هڻو، موٽ ۾ توهان کي ڇا ڏيندو؟ ميوو ڏيندو. ڪو توهان کي پٿر هڻي، ڪو توهان سان تکو ڳالهائي، جي توهين نام جي راھ ۾، سمرن جي راھ ۾، اَڀياس جي راھ ۾ پنڌ ڪرڻ چاهيو ٿا تہ جواب ۾ تکو نہ ڳالهايو.

"دل ڪر درخت جي دستُور!"

وڻ وانگر ٿيو. وڻ کي جيڪو ڪپي ٿو، تنهن کي بہ وڻ ڇانو ڏئي ٿو. چويس ٿو: تون اُس ۾ نہ ڪپ، پر تون پل منهنجي ڇانو ۾ مون کي ڪپ.

(3) Honour others without seeking any honour for yourself.

ٻين جو تون شان ڪر. پنهنجي واسطي شان نہ گهر. تنهنجو ڪنڌ هميشه هيٺ هجي. اَهڙي اِنسان جي اَندر ڌيان ٽڪي ٿو. اَهڙي اِنسان جي اَندر نام پاڻيهي پيو اَچي. آهي تہ نام اَسان جي اَندر. نام آهي شڪتيِ، جا اَسان جي اَندر آهي:-

نام ڪي ڌاري سگلي جنت:
نام ڪي ڌاري کنڊ برهمنڊ!

سڀ جيڪِي هلي پيو، نام جي شڪتيءَ سان پيو هلي.

وٽ اِيندو. پوءِ جڏهن توهين قدم قدم ڪٽيندا، نام پيو اِيندو. سواس سواس ۾ نام پيو اِيندو.

هڪ هنڌ مان ويس: اُت ماني ويٺي ڪاڍائون. ڪاڍو ڪائي اُٿيا تہ پاڙي مان شاديءَ جو پلاءِ آيو. شاديءَ جو پلاءِ ڏاڍين سڳنڌين سان ڀريل هوندو آهي. پلاءِ جو آيو، سڳنڌيون پکڙجي ويون. چيائون، هاڻي هي ڪٿي ڇڏيو؟ وري اَچي ويٺا. پوءِ ضرور اِنسان کي آلس اَچي ٿو ۽ آلس ۾ اَڀياس نہ ٿو ٿئي.

اُتم ديس ايڪانت ۾، سمريو اونڪار:

دن بہ دن اَڀياس ڪر، ڀُل جائو سرير سنسار!

جڏهن سرير ۽ سنسار ڀُلجي وڃي ٿو، تڏهن ياد ڪجو تہ اَڀياس جو ڪجھ اَثر توهان تي ٿيو آهي. ٽي ڪلاڪ يڪساهي وهڻ مان توهان کي اِهو آزمودو ملندو.

شري چيتنيہ نام جو پيغام ڪٺي آيو. پوءِ پڇيائونس تہ نام اُچارڻ لاءِ qualifications ڪهڙيون آهن؟ سنت چوي ٿو تہ ٽي qualifications آهن:-

(1) Be humble as a blade of grass.

گاهہ جي پتي وانگر نماڻو ٿيءُ. گاهہ جي پتي کي توهين پير ڏيو، نمي ويندو. توهين هلي ويندا، تہ وري اُٿي بيهندو. ڪيس پرواهہ ڪونہ ٿيندي: واڪو رڙ ڪونہ ڪندو. تئن ڪو اَسان کي لتاڙي وڃي، پَل لتاري وڃي. اَهڙي نئڙت جڏهن اَسان جي اَندر اَچي ٿي، تڏهن اَسين نامَ اُچارڻ لاءِ لائق ٿيون ٿا. اِن ڪري نماڻا ٿيون. هونءَ نام آهہ بخشيش، جا گروءَ جي در تي، پريوءَ جي در تي، جو بکاري ٿي

(٥٦)
منو ٻول

ياءُ (سنگت ڏانهن اِشارو ڪندي):- دادا، هنن سينيِ
ان ڪنهن کي وڏيڪ پياس آهي؟
دادا:- پياس تہ هڪ هڪ کي آهي پر ڪنهن نہ
ڪنهن شيءِ واسطي، ڪنهن نہ ڪنهن پدارٿ يا ڪنهن نہ
ڪنهن روپ واسطي. نہ تہ جيڪر اَسين جيئرا رهيِ نہ سگهون.
نيٺ اُها پياس آهي پريوءَ واسطي. چاڪاڻ تہ ٻج (seed)
هي اُن پياس جو، پر pervert ٿيِ ويو آهہ. اُن پياس جيِ
abortio ٿيِ ويئيِ آهہ، اِن ڪري وجيِ روپن ۽ پدارٿن ۾ ڦاٿيِ
آهہ. پر Ultimately پياس آهي پريوءَ واسطي. هڪ ڏينهن
اِت ڪائيِ نڪرندي. اِن ۾ ٿيِ هڪ هڪ لاءِ اُميد آهہ.
ن ڪري ڪنهن مَان بہ اُميد نہ وڃايو. ڪو ڪيڏو بہ شرابيِ،
ڪيڏو بہ جوئاري هجي. شراب لاءِ پياس اَٿس؟ جوئا لاءِ پياس
ٿس؟ ويچار لاءِ پياس اَٿس؟ Ultimately اُها پياس جا هيئر
ت مايا جيِ اَثر هيٺ اَچيِ ڏنگي رستي ۾ پيئيِ آهہ،
نيٺ هليِ اُتي پهچندي.
پيٹ:- پر دادا، پهچنديِ، جڏهن مٿس مهر ٿئي.

اُها شڪتيِ اَسان مان هڪ هڪ جي اَندر آهي پر اُن شڪتيءَ جيِ پروڙ اَسان کي ڪين آهي. اُها شڪتيِ ڪئن ڪلي؟ اِن ڪري اَسين اَڪري نام جپيون. اَڪري نامِ سچو نام ڪين آهي. سچو نام اَندرَ پيو آهي. پر پهرين اَڪري نام جپيو تہ اُهو سچو نام ڪلي. جڏهن اُهو ڪلي ٿو، اِنسان پاڻ نام جو روپ ٿئي ٿو.

اُتم ديس ايڪانت ۾، سمريو اونڪار:
دن بہ دن اَپياس ڪر، پُل جائو سرير سنسار!

اِن ڪري ايڪانت جي ڪنڊ ضرور ڳولهيو. پنهنجي گهر ۾ ڪا نہ ڪا ڪنڊ، جت توهان کي ٽيليفون نہ منجهائي، جت توهان کي ٻارن جو گوڙ نہ ستائي. پوءِ ڪو ڄاڻُو هوندو تہ توهان کي اَچيِ سيکاريندو تہ نام ڪئن جپجي؟ ڪئن سواس سواس سان نام جپجي؟ سوهم نام چوندا آهن ڪئن جپجي؟ سواس ڪڍو، چئو ”سو“، سواس لاهيو، چئو ”هم“. ساڳيءَ طرح ست نام، ساڳيءَ طرح واهگرو.

اُتم ديس ايڪانت ۾، سمريو اونڪار:
دن بہ دن اَپياس ڪر، پُل جائو سرير سنسار!

سنسار آهي من ۽ سرير: سرير ۽ من ٻئيِ جڏهن اَسان کي وسريِ وڃن ٿا، پوءِ اَسان جي progress تڪڙي ٿئي ٿيِ. هن وقتَ اَسان کي جهلي بيٺا آهن. Gravity اَٿو جيڪي pull ڪن ٿا ۽ نام جهلي بيهي ٿو.

ياء:- دادا، ڪهڙن ڪرتوين جي ڪري اِنسان کي هن جنم ۾ سوکڙيون ملن ٿيون؟

دادا:- اَڪثر چوندا آهن ته جيڪي جيڪي اِنسان دان ڪري ٿو، بيءَ جوڻ ۾ اُهو وري اُن کي واپس ملي ٿو. پر ڪيترين حالتن ۾ جي ڪو دان نٿو ڪري ته به هن کي شاهوڪاري ملي ٿي.

هڪ ڳالهه جو ذڪر ڪيل آهي ته هڪ ڪتي کي ڪنهن ڏاڍي مار ڏني. پوءِ هن ڪتي ڌرمراءِ کي دانهن ڏني ته مون کي هن ري گناه ڏاڍي تڪليف ڏني. مون هن کي ڪجهه به تڪليف ڪونه ڏني. پوءِ چون ٿا ڌرمراءِ هن کان پڇيو ته هن کي سزا ڪهڙي ڏني وڃي؟ ڪتي چيو ته بئي جنم ۾ هن کي وڏي مندر جو مهنت ڪيو وڃي، جتي ڪمائي هن کي خوب هجي، جت شش هنڪي خوب هجن. هوُ عجب ۾ پيو ته ڪتو ڇا ٿو چوي؟ پوءِ ڪتي ٻڌايو ته جيڪڏهن هن کي، هي ماڻهو جئن ٺهيل آهي، وڏو مهنت ٿيندو ۽ هن کي شاهوڪاري ملندي، شش ملندا ته هي گهڻن پاپن ۾ ڪِرندو. پوءِ ويندو degrade ٿيندو.

پر هيئن به اَڪثر چوندا آهن ته جيڪي توهين دان ۾ ڏيو ٿا، سو توهان کي ضرور ڪڏهن نه ڪڏهن ملي ٿو. پر اَسان جي پياس ٿيڻ گهرجي ته اَسين هن چڪر کان ڇٽون. سمجهو دان ڏيون ٿا،- جڳهين جو دان ڏنوسين. وري بئي جنم ۾ اَسان کي جڳهيون ملنديون. پوءِ جڳهين سان وڃي ڦاسنداسين. اِن چڪر کان جيڪر ڇٽون. سچي جڳياسوءَ کي هڪ ئي پياس هئڻ گهرجي ته پريوءَ بنا بيو ڪجهه مون

دادا:- مهر شل پنهنجِي ٿئيس.

پيٽ:- دادا، پنهنجِي مهر ڪئن ٿئي؟

دادا:- هڪڙي مهر آهي پرڀوءَ جي: اُها مهر هڪ
هڪ تي آهي، نہ تہ اَسان کي هي جنم نہ ملي ها. مانڪ
جنم پرڀوءَ جي مهر جِي شاهدي آهي. نہ تہ ڏسو، ڪيترا
نہ جيوَ آهن، ڪروڙها جيوَ. سائنسدان اَجا پيا ڳولين. اُنهن
سيني جوٽين مان پياري پرڀوءَ اَسان کي چونڊي هيءَ مانڪ
جوُڻ ڏني آهہ. اِها سندس ڪرپا آهہ.

ڀاءُ:- وري مانڪہ جوُڻ ۾ اَسان جهڙا، اُن کان غريب،
اُن کان بہ غريبَ ڪيترا آهن.

دادا:- برابر، پر غريبي يا شاهوڪاري ڪرپا جي نشاني
ڪين آهي. ڪيترا غريب آهن جي شايد اَسان کان بهتر
آهن، جن کي چت شانتِي اَسان کان وڌيڪ آهي.

It is to be measured in terms of the interior condition of the
man, not under the outer possessions he has.

بنگلا ماڙيون اُهي نشانيون ڪين آهن تہ اِنسان ڪو
evolve ڪيو آهي: سچِي شانتِي آهي هيءَ تہ اَندر جِي نشانيِ
ڪيتري آهي؟

پيٽ:- دادا، اِهو صحيح آهي تہ جڏهن اِنسان بڻجي
ٿو، تنهن کانپوءِ پسوءَ جي جوُڻ ۾ نٿو وڃي؟ وڃِي سگهي
ٿو؟

دادا:- ڇو نہ وڃِي سگهي ٿو. جي اُن جي پلي لا
آهي تہ پسوءَ جِي جوُڻ ڪٽي تہ پوءِ پسوءَ جي جوُڻ ۾
وڃڻو پوندس.

اَسان کي هتي آهي. تپ تپ تي اَسان جي اَڳيان لالچ آهي. تپ تپ تي "شريبہ" ۽ "پريبہ" بہ مارگہ اَسان جي اَڳيان آهن. اِئين رشيِ چوي ٿو. پر اَسان مان ڪيترا، اَسين پريبہ جي مارگہ تي وڃون ٿا. شريبہ جي مارگہ تي نٿا وڃون. اِن ڪري اَسان جون جيڪي لڪل شڪتيون آهن، سي نٿيون کلن.

دادا:- وشوامتر برهم رشيِ ٿيو جڏهن لالچ کي منهن ڏنائين. اُهو وجهہ فقط مانکہ جنم ۾ ملي ٿو. وشوامتر ڪيڏي نہ تپشيا، ڪيڏو نہ اَڀياس ڪيو. چون ٿا، وشوامتر جهڙو ودوان ڪو ورلي هوندو. تنهن هوندي بہ پنهنجي راجائي تياڳہ ڪري تلاش ۾ نڪتو. وششت رشيِ هن کي ڪوٺيندو هو راج رشيِ. چوندو هوس:- "تون برهم رشيِ ڪونہ آهين." وششت کي ڪوٺيندا هئا برهم رشيِ. هن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳندي هئي. چوندو هو:- "مان ڇا ۾ هن کان گهٽ آهيان، جو مون کي هي اَصل نٿو برهم رشيِ ڪوٺي." هڪ ڏينهن تہ ڏاڍي هنن جي دوبدو لڙائي لڳي. تون ڇا؟ تون ڇا؟ ٿي. وشوامتر وششت کي چيو:- "سبب ڪهڙو آهي جو تون مون کي برهم رشيِ ڪري نٿو قبولين؟" وششت چيس تہ "سبب هي آهہ جو تو ۾ اَڃان ڪروڌ پيو آهي. برهم رشيءَ ۾ ڪروڌ ڪين ٿيندو آهہ. برهم رشيءَ کي ڪري ايڏي وديا نہ هوندي، برهم رشيءَ ڪري ايڏو تپ نہ ڪيو هوندو، پر ڪروڌ هن کي ڪونہ هوندو."

وشوامتر کي ڏاڍو خيال ٿي پيو. هٿي هٿي نيت ويچار ڪيائين نہ مان وششت کي ماري ڇڏيان. هڪ ٿي آهي

ڪي ڪپي ڪين.

ڀاءُ:- دادا، توهين چوندا آهيو تہ مانک جنم فرشتا بہ چاهين ٿا. تنهن جي معنيٰ مانک جنم فرشتن کان بہ بهتر آهي ڇا؟

دادا:- مانک جنم بهتر آهي. حقيقت ۾ اَسان مان هڪ هڪ فرشتو آهي. اُن ديو لوڪ مان ٿِي آيو آهي. پر مانک جنم جڏهن اَسان کي ملي ٿو تہ اَسان کي وجھ ملي ٿو to taste the powers that we have developed. هن دنيا ۾ ڪيڏيون نہ لالچون آهن. اُهي لالچون اُتي ڪونهن. هاڻي اُنهن لالچن کي جڏهن اَسين مُنهن ڏيون ٿا ۽ سوڀارا ٿيون ٿا تہ اَسان جون لڪل شڪتيون کلن ٿيون. اِهو وجھ اَسان کي فقط مانک جنم ۾ ملي ٿو. ديوتائن کي نٿو ملي.

ڀاءُ:- دادا، اِهو تہ ٿيندو ستپرکن جي سنگ ۾.

دادا:- برابر، ستپرکن جي سنگ ۾ ٿيندو، پر تنهن کانپوءِ سُواديايہ بہ ڪرڻ کپي.

ڀيڻ:- فرشتا سُواديايہ ڪونہ ڪن ڇا؟

دادا:- فرشتا بہ سواڌيايہ ڪن ٿا، پر هيءَ جيڪا لالچن کي روڪڻ جي شڪتي آهي، اُها اُنهن کي اُتي ڪونهي.

ڀيڻ:- هنن کي بہ اُتي عيش عشرت جون سامگريون آهن. پوءِ اُنهن کي حسد وغيره ٿيندو هوندو.

دادا:- عيش عشرت جي هنن کي سامگري آهي بيشڪ، پر عيش عشرت کي منهن ڏيئي اُن تي فتح پائين، اُهو اُنهن کي ڪونهي. اِن ڪري توهين ٻڌندا هوندا تہ ديوتا جي اَڳيان لالچ آئي، ويچارو ڪِري پيو. اِهو چڙهڻ جو وجھ

مان توکي سچ ٻڌايان ٿو تہ وشوامتر جهڙو ٻيو ودوان
ن کين ڏٺو آهي. منهنجِي وديا اُن جي وديا اَڳيان ڪجهہ
ين آهي. وشوامتر جهڙو تپسوِي مون اَڄ ڏينهن تائين ڪين
و آهي. منهنجِي تپشيا هن جي اَڳيان ڪجهہ بہ ڪونهي.
نط هڪ ڳالهہ هن ۾ آهہ نہ تہ جيڪر سج وانگر چمڪي.
بنئر چنڊ ڪان وڌيڪ ٿو چمڪي. نہ تہ جيڪر سج وانگر
مڪي. اُها ڳالهہ هيءَ تہ هن ۾ ڪروڌ جو وڪار آهي."
وشوامتر ٻڌي ويٺو. وشوامتر چيو:- "مون بابت هن
ي اَهڙو سٺو ويچار آهي. ۽ منهنجن وديارٿين اَڳيان منهنجي
ڏي ساراهہ ڪري ٿو." تپ ڏيئِي اَچِي وششٽ جي پيرن
ي ڪِري پيو. چيائينس:- "مون کي معافِي ڏي! مان اَڄ
نجر کڻِي آيو هوس توکي خلاص ڪرڻ لاءِ." تڏهن وششٽ
ن کي پنهنجن ٻانهن سان اُٿاري چيو:- "برهم رشِي! تون
ٽ! تون اُٽ!" وشوامتر عجب ۾ پئجِي ويو. چيائين:- "منهنجن
کنن اَلائي پوريءَ طرح ٻڌو يا نہ؟ اَڄ منهنجا ڪن ٻيءَ
رح ٿِي پيا آهن." وششٽ چيس:- "نہ، مون برابر چيو،
و تہ تنهنجو ڪروڌ جو وڪار هاڻي نڪري ويو."
پيٽ:- تنهن جي معنيٰ سنت جِي ديا ٿيس. پوءِ توهين
جيڪر اَسان تي اَهڙِي ديا ڪريو.
دادا:- پوءِ توهين بہ خنجر کڻِي اَچوس.
پيٽ:- دادا، اَڄ جو ويچار؟
دادا:- اَڄ جو ويچار:-

اَئسِي ٻاڻِي ٻوليئي، من ڪا آپا کوءِ:
اؤرون ڪو سيتل ڪَري، آپ ٻِي سيتل هوءِ!

ساري سنسار ۾، جو مون کي برهم رشي ڪري نٿو قبول ڪري ۽ اُن جي اَثر هيٺ پيا ڪيترا مون کي برهم رشي نٿا ڪري سمجهن. چيائين هن کي خلاص ڪندس، ڇڏي پوندس.

وششٽ سويل صبوح جو اَچي پنهنجن وديارٿين سان ملندو هو. هڪ ڏينهن وشوامتر اُن کان اَڳ هت ۾ ڪپ ڪٺي وڃي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. چيائين، هتي اَچي وششٽ وهندو، وديارٿي وهندا. نماشام جي وقت وديارٿي پنهنجن گهرن ۾ ويندا. جڏهن وششٽ اَڪيلو هوندو، مان خنجر هڻي کيس خلاص ڪري ڇڏيندس. نہ هوندي بانس، نہ وڄندي بانسري. هي وڻ تي ويٺو هو. نماشام ٿي. چو نہ اُها پورڻماسيءَ جي رات هئي. وديارٿي سڀ ويا، فقط هڪڙو وديارٿي اَچي بچيو. وشوامتر چيو:- ڪٿي اُهو وديارٿي بہ وڃي تہ مان هن کي خنجر هڻي ختم ڪريان. اُن وديارٿيءَ ۽ وششٽ جي وچ ۾ گفتگو ٿئي ٿي. اُها گفتگو وشوامتر ٻڌي ٿو. وديارٿيءَ وششٽ کي چيو:- ”اَڄ چنڊ ڪهڙيءَ نہ سونهن ۾ پيو چمڪي!“ تڏهن وششٽ کيس چيو تہ ”هيءَ سونهن ڇا آهي؟ تون نہ وشوامتر کي ڏسين تہ هيءَ سونهن اُن جي اَڳيان ڪجهہ ڪين آهہ.“ تنهن تي وديارٿيءَ چيس:- سائين! وشوامتر ۾ توهان ايڏي سونهن ڏٺي آهہ، پر هوُ تہ توهان لاءِ گهٽ وڌ ڳالهائيندو آهہ. جت وڃي، توهان لاءِ گهٽ وڌ ڳالهائي. توهان جي ساراهہ ۾ مون هڪ بہ اَکر هن جي مکہ مان ڪونہ ٻڌو آهي. جڏهن بہ ڳالهائي، ڪانہ ڪا گهٽ وڌ ڳالهہ چوي. ڪونہ ڪو تکو اَکر چوي.“ وششٽ چيو:- ”اُهو ڀل چوي،

چليل هيون. هڪ تصوير ڏانهن پياري دادا وري پئي نهاريو. اُها تصوير ڪهڙي هئي؟ گوتم ٻڌ ٻن لشڪرن جي وچ ۾ اَچي بيٺو آهي. نديءَ جو پاڻي پيو وهي. نديءَ جي ڪنڌ جي هڪ پاسي هڪ لشڪر، ٻئي پاسي ٻيو لشڪر. وچ ۾ گوتم ٻڌ اَچي آڳر ڪٽي بيٺو آهي. اُنهن جي پنيان ڪيترين پينر آهن، جي روئُن پييون. اِئين ٻوڌي پستڪ ۾ لکيل آهي ته ١٦٠ هزار اِستريون پنهنجن پتين ۽ پنهنجن ٻارن لاءِ روئي رهيون هيون، جي جنگ ميدان تي موت جي منهن ۾ وڃڻ لاءِ جڙ تيار ٿيا بيٺا هئا. جي لڙائي لڳي ها ته ڪيترا مري وڃن ها. گوتم ٻڌ کي خبر پيئي ته هي ٻه لشڪر لڙائِي ڪرڻ واسطي تيار ٿيا بيٺا آهن. اِجهو ٿيون رت جون نديون وهن.

گوتم ٻڌ پاڻ اَچي ٿو: اَچي هنن ٻن لشڪرن جي وچ ۾ بيهي ٿو. ٻنهي لشڪرن جي راجائن سان ڳالهائي ٿو. هڪ هڪ کان پڇي ٿو: چوي ٿو:- ”توهين پاڻيءَ تي لڙائي ٿا ڪريو: پاڻيءَ جو ملهه ڪيترو؟“ لڙائي اِن ڪري ٿي لڳي، جو هڪ راجا چيو ته ”هن روهني نديءَ جو پاڻي منهنجو آهي“؛ ٻئي راجا چيو ته ”اِن پاڻيءَ تي منهنجو حق آهي.“ گوتم ٻڌ پڇين ٿو:- ”How much is water worth?“ ”پاڻيءَ جو نيٺ ملهه گهڻو آهي؟“ ٻنهي راجائن کي گوتم ٻڌ لاءِ ڏاڍي عزت، شرڌا هئي. سچ پڇ ته گوتم ٻڌ پاڻ راجائي ڪُلَ جو هو. سڀ ڪجهه ڇڏي اَچي فقير بڻيو. گوتم ٻڌ کي چون ٿا:- ”Lord! water is worth very little.“ ”پاڻيءَ جو ملهه ڏاڍو ٿورو آهي.“ وري گوتم ٻڌ ڪانئن پڇي ٿو:-

منهنجا پيارا! اَهڙي ٻاٽي ٻول، جو من جو آپو گم
ٿي وڃي. اَسان جي ٻاٽيءَ ۾ اَڪثر آپو نڪري ٿو اَچي
اِن ڪري خبرداز ٿيون. اَهڙي ٻاٽي ٻوليون، جا ٻين کي
بہ سيتل ڪري ۽ اسان کي بہ سيتل ڪري. توهان ڏٺو هوندو
کي بہ ماڻهو ويٺا پاڻ ۾ تڪرار ڪن:- ”تون ڇا؟ تون ڇا؟
هڪڙو چوندو:- ”تون ڪير آهين؟ تون سمجهين ڇا ٿو؟
ٻيو وري چوندو:- ”تو وري پاڻ کي ڇا سمجهيو آهي؟ مار
ڪا گهڻ چيز آهيان ڇا؟“ پر ڪو اِيندو هڪڙو، اَچي م
اَکر ڳالهائيندو، اِنهن مٺن اَکرن سان هنن ٻنهي جو جهڳڙو
تڪرار گم ٿي ويندو.

”اُورون کو سيتل ڪري“: اَهڙي ٻاٽي ٻوليو، جا ٻين
کي وڃي سيتل ڪري. ”آپ ٻي سيتل هوءِ!“ پاڻ تہ آهيئي
سيتل. سيتل اَسين ٿيون ٿا، جڏهن اَسين پنهنجي اَندر ۾
وڃون ٿا. اَسان جي اَندر هڪ مرڪز آهي، جنهن کي ڪر
ڪوٺيو آهي Neuter Point، ڪن ڪوٺيو آهي Kingdom of Heaven
ڪن ڪوٺيو آهي Atman. جدا جدا نالن سان اُن کي ڪوٺي
اَٿن. اُن مرڪز (point) کي جڏهن اَسين وڃي ڇهون ٿا
سيتلتا اَچي وڃي ٿي.

۱۹۳۹ع ۾ پيارو دادا سيلان ۾ هليو. اُن
صلح لاءِ هڪڙي ڪانفرنس ڪوٺائي هئائون،-
World Conference for Peace پياري دادا کي وينتي ڪيائون ت
توهين اِن ڪانفرنس تي preside ڪريو.

اُت لنڪا ۾ هڪ ڏينهن پيارو دادا هڪ ٻوڌي وهار
۾ هليو. اُن مندر ۾، اُن وِهار ۾ ڀتين تي ٻڌ جون تصويرون

اَهڙي ٻاڻي ٻوليو، جو ٻين کي سيتل ڪري ڇڏي. پاڻ تہ اَڳيئيِ سيتل آهي.

ٻاڻيءَ جي تپشيا ڏاڍي ڪٺن آهي. زبان جي تپشيا شايد ڪٺن ۾ ڪٺن آهي. هڪ راجا هڪ ڏينهن دربار ۾ سوال پڇيو: چيائين:- ”مون کي ٻڌايو تہ مٺي ۾ مٺي شيءِ ڪهڙي آهي؟ ۽ ڪوڙي ۾ ڪوڙي، زهريلي ۾ زهريلي شيءِ ڪهڙي آهي؟“ هڪ جواب ڏنو: چيائين:- ”راجن! مٺي ۾ مٺي شيءِ آهي اِنسان جي زبان. زهريلي ۾ زهريلي، ڪوڙي ۾ ڪوڙي شيءِ آهي اِنسان جي زبان.“ ساڳي زبان ٽاهي سگهي ٿي، ڪنهن مُئل اِنسان ۾ نئين حياتي وجهي سگهي ٿي، ساڳي زبان ڪنهن زنده اِنسان کي ماري سگهي ٿي.

هڪڙي ڀيڻ مون کي گڏي: روئي جو روئي: چيومانس:- ”روئين ڇو ٿي؟“ چيائين:- ”فَلاڻي مون سان اَهڙا تکا اَکر ڳالهايا آهن، منهنجي دل کي ڦٽي ڇڏيو اَٿس. اِهي ڦٽ ڇٽندا ڪين.“ ڏسو، اَسان جا اَکر ڦٽي سگهن ٿا. آهن رڳو اَکر، پر ڦٽ ڪري ڇڏين ٿا. هاڻي توهين پنهنجي زبان مٺي ۾ مٺي ڪندا يا زهريلي ۾ زهريلي ڪندا؟ فيصلو توهان کي ڪرڻو آهي.

”اَئسي ٻاڻي ٻوليئي، من ڪا آپا کوءِ:
اوُرون ڪو سيتل ڪري، آپ ڀي سيتل هوءِ!“

اِن زبان جي تپشيا جا ٻہ aspects آهن. هڪڙو aspect آهي سواد جو، ٻيو aspect آهي ٻاڻيءَ جو. سواد ڪان وڌيڪ ڏکيو آهي ٻاڻيءَ جو. جيڪو اَکر مُکہ مان نڪتو، سو وري واپس نہ ايندو.

"راجائن جو ملھ ڪيترو How much are kings worth?" آهي؟" ٻئي چون ٿا:- "راجا جو ملھ تمام گھڻو آهي. راجا جو ملھ ڪٿي نٿو سگھجي." تيون سوال پڇين ٿو:- 'How much are your queens worth?' "راڻين جو ملھ گھڻو آهي؟" چون ٿا:- "راڻين جو ملھ ڏاڍو گھڻو آهي." هاڻي پڇين ٿو:- 'How much your soldiers worth?' "توهان جي لشڪر جا سپاهي، اُنهن جو ملھ گھڻو آهي؟" ٻئي راجائون ساڳيو جواب ڏين ٿا:- 'Precious to me is the life of every soldier. precious to me is the blood of every soldier.' ٻئي راجائون گوتم ٻڌ کي چون ٿا:- "سائين! هڪ هڪ سولجر، اُن جي حياتي ڏاڍي ملهائتي آهي." پوءِ گوتم ٻڌ چوين ٿو:- "توهان جو ملھ بہ وڏو، توهان جي راڻين جو ملھ بہ وڏو، توهان جي سولجرن جو ملھ بہ وڏو، پاڻيءَ جو ملھ ڪجھ ڪين. اُن پاڻيءَ تي توهين هيڏيون حياتيون وڃائڻ لاءِ تيار ٿيا آهيو؟ هينئر توهين لڙائي شروع ڪندا، رت جون نديون وهنديون پاڻيءَ جي ڪري، جنهن پاڻيءَ جو ملھ تمام ٿورو آهي!"

گوتم ٻڌ جي چوڻ ۾ ڪا طاقت هئي، ڪا magnetism هئي. توهين اِن تصوير ۾ ڏسندا، ٻئي راجائون پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪن ٿا. چون ٿا:- اسين لڙائي ڪين ڪنداسين. اَسين هڪ ٻئي کي ملي ڪونہ ڪو سمجھوتو ڪنداسين." مهاتما گانڌي چوندو هو:- "لڙائي نہ ڪريو، پاڻ ۾ ملي ڪونہ ڪو سمجھوتو ڪريو." گوتم ٻڌ جي ٻاڻيءَ ۾ اُها طاقت هئي.

"اَئسي ٻاڻي ٻوليئي، من ڪا آپا کوءِ:
اؤرون ڪو سيتل ڪري، آپ ڀي سيتل هوءِ!"

ٻڌي آيس. چيم تہ توکي اَچي ٻڌايان.“ سقراط چيس:- ”ڇوتہ ڳالھ مون کي ٻڌاءِ تہ ھي جيکي مون کي ٻڌائين ٿو، اُن دئاران ڪنھن جي شيوا ٿي سگھندي يا نہ؟“ ماڻھوءَ چيو:- ”نہ“. سقراط چيس تہ ”پوءِ مون کي نہ ٻڌاءِ.“

سقراط چوندو ھو تہ اِھي چار سوال پھرين پاڻ کان پڇو:-

(1) Is it true? (2) Is it sweet? (3) Is it necessary? (4) Is it useful?

جيڪڏھن اِنھن چئني سوالن جو جواب ”ھا“ ۾ اَچي تہ پوءِ ڀل اُٿ چئو، نہ تہ نہ چئو. پر اِن لاءِ سجاڳي کپي.

سيني پراڻين ۾، سيني جيون ۾ ھڪ اِنسان کي ئي ڳالھائڻ جي طاقت ملي آھي. اِن ڪري شايد ھوُ اُن جو fullest use ٿو ولي. وجي پيو ڳالھائيندو، وجي پيو ڳالھائيندو.

”اَئسي ٻاڻي ٻوليئي، من ڪا آپا کوءِ:

اؤرون ڪو سيتل ڪري، آپ ڀي سيتل ھوءِ!“

اِن ڪري ڪوڙ نہ ڳالھايون. ڪوڙو نہ ڳالھايون. ڪنھن جي ننڊا نہ ڪريون.

پيڻ:- دادا، اِھو آپو ڪٿان آيو آھي؟

دادا:- پنھنجي real self جو پاڇو آھي.

اَسان وجي پاڇي کي پڪڙيو آھي. آھي رڳو پاڇو. It has no existence.

(لوناوالا: ٢٢.١٠.٨٢)

Parables to Ponder پستڪ ۾ هڪ ڳالھ ڏنل آهي ته هڪ ٻالڪي هڪ درويش وٽ اَچي ٿي. چويس ٿي:- ”مان پنهنجي ساهيڙيءَ سان تڪا اَڪر ڳالهائي ويٺي آهيان. هاڻي مان ڇا ڪريان؟“ درويش جي اَڳيان هڪ پنو رکيو آهي. چويس ٿو:- ”هن پني کي ٻه اَڌ ڪر، چار ڪر، اَٺ ڪر، سورانهن ڪر، ٻتيھ ڪر، چوهٺ ڪر. هاڻي اِهي ٽڪريون دريءَ کان ٻاهر اُڇلاءِ.“ اُڇلائي ٿي. پوءِ چويس ٿو:- ”هاڻي وڃي ميڙي اَچ.“ ويئي ته هڪ ٻه ڪونه هئي. هوا ۾ سڀ اُڏامي ويون. درويش چيس:- ”ساڳيءَ طرح اَڪر آهن. هڪواريءَ مکہ مان نڪتا، وري واپس ڪونہ ايندا.“

پيڻ:- دادا، اِن لاءِ ڪو اُپاءُ آهي؟

دادا:- سجاڳي. سجاڳہ رهون. سقراط (Socrates) وٽ هڪ ماڻهو آيو. هيءَ ڳالھ پليٽو جي dialogues ۾ لکيل آهي. پليٽو کي چوي ٿو:- ”فلاڻي ڳالھ ٻڌي اَٿيئي؟ مان هينئر ٻڌي آيو آهيان.“ سقراط چويس ٿو:- ”ترس. منٽ ته ترس. مون کي ٻڌاءِ ته جيڪي تون چوين ٿو، سو پهرين تو تصديق ڪئي آهي؟ سچ آهي يا نہ؟“ ماڻهوءَ چيو:- ”مون تصديق ڪين ڪئي آهي. مون اِئين ٻڌو آهي.“ سقراط چيس:- ”ٻي ڳالھ، مون کي ٻڌاءِ ته جيڪي تون چوين ٿو، سا مٺي ڳالھ آهي يا ڪوڙي؟“ ماڻهوءَ چيو:- ”ڪوڙي ته لڳي پيئي.“ سقراط چيس ته ”ٽين ڳالھ مون کي ٻڌاءِ ته جيڪي تون مون کي ٻڌائين ٿو، سو مون کي ٻڌائڻ ضروري آهي ڇا؟ سمجھ جي مون کي نہ ٻڌائين ته مون کي ڪا تڪليف ٿيندي ڇا؟“ ماڻهوءَ چيو:- ”اَصل ضروري ڪونہ آهي. مان

مون ۾ ويٺو آهين. اِئين نہ ٿئي تہ تون جيڪو تير ڀيو جوڙين، - ڇو تہ تون مون ۾ ويٺو آهين، - تنهنجو تير مٿان توکي ئي اَچي لڳي.

جيون جو اِهو قانون آهہ، جيڪي توهان مان نڪرندو، سو توهان وٽ موٽي اِيندو. جي توهين ٻين کي سک موڪليندا، سک موٽي توهان وٽ اِيندو. جيڪڏهن ٻين کي توهين دک موڪليندا، دک موٽي توهان وٽ اِيندو. جي توهين ٻين کي ڌڪاريندا، اُهو ڌڪار چڪر هڻي وري موٽي توهان وٽ اِيندو.

ٿورا سال اَڳہ مان لنڊن ۾ هوس. هڪ وڏي باغ ۾ ويٺي پنڌ ڪيم. اُتي هڪ نوجوان ڏٺم، جنن کي هٿ ۾ هڪ اوزار هو. ويٺي اُن جو اِستعمال ڪيائين. اُن اوزار کي ڪوٺيندا آهن Boomerang. هتي ڀارت ۾ مون ڪنهن کي ڪونہ ڏٺو آهي. اِن اوزار وسيلي تير ڇنيائين ويٺي ۽ تير وري واپس وٽس موٽي پئي آيو. جتي وڃي، چڪر هڻي، وري موٽي اُتي آيو، جتان اِهو تير نڪتو.

هڪ هڪ ڪرم، هڪ هڪ ويچار، هڪ هڪ وچن، اِن Boomerang وانگر آهہ. بيشڪ، مون مان نڪري ٿو، پر موٽي مون وٽ اِيندو ضرور. اَسان پنهنجي ڌڪار جا ويچار موڪليا، اَسين پاڻ کي ويٺا ڌڪاريون، ڇو تہ اُهي ڌڪار جا ويچار موٽي مون وٽ اِيندا. اَسين پيا سمجهندا آهيون تہ اَسان ٻين کي نڱيو. پر ٻين کي نڱي نٿا سگهون. نڱيون اَسين پاڻ کي ويٺا.

”مون ۾ آهين تون، مٿان تنهنجو توکي لڳي“

هڪڙو ناٺي هو. Architect جو ڪم ڪندو هو. سندس

(٥٧)

مون ۾ آهين تون!

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

ڪَشي ڪانَ ڪمان ۾، مِيان مار مَ مون:
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو توکي لڳي!

سنڌ جو شاعر، سنڌ جو سنت چوي ٿو:- هڪ ڏينهن ڏٺم، هڪ شڪاري تير جهلي بيٺو هو. پکين کي، جانورن کي پئي ماريائين. تڏهن هن سنت جي مُکہ مان اِهي اکر نڪرن ٿا:-

"ڪَشي ڪانَ ڪمان ۾، مِيان مار مَ مون!"

"ڪانَ" معنيٰ تير ڪمان. تير ڪَشي (ڇڪي) پوء ڇوڙيندا آهن. پوء نڪاءُ، جنهن کي وڃي لڳي، اُن کي ماري ڇڏي. پنهنجو تير ڪمان ۾ ڪشي، ميان! مار مَ مون! سنڌ ۾ مسلمان کي ڪوٺيندا هئا "ميان". چوي ٿو:- "ميان! تون مون کي نہ مار!" هي اَکر ڇڄ تہ اُن جانور، اُن پکيءَ جي مکہ مان نڪرن ٿا، جنهن کي هوُ مارڻ ٿو چاهي.

ڪَشي ڪانَ ڪمان ۾، مِيان مار مَ مون:
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو توکي لڳي!

چويس ٿو:- تون مون کان جدا ڪين آهين: تون

سيبئي هلي بنگلو ڏسنداسين."

ٻئي ڏينهن هي Architect، سندس زال ۽ هي شاهوڪار اُتي آيا. شاهوڪار چيس:- ڇا تہ تو بنگلو ٺهرايو آهہ." ڳرانڙيون پيو پائيس. پوءِ چويس ٿو:- خبر اَٿيئي، هي بنگلو ڪنهن جي لاءِ آهي؟ اِهو بنگلو اَڄ مان پنهنجي ڌيءُ جي جنم ڏن جي سوکڙِي ڪري ڪيس ڏيان ٿو."

اُن وقتت هن architect جو مُنهن ڪئن نہ لهِي ويو، جو تہ ڪيس خبر هئِي تہ جيڪِي شيون ڪتب آنديون اَٿس، سي ساديون آهن. ڪنهن وقت بہ ڪرِي پون. چيائين:- "مون پنهنجي سهڙِي کي ڪين ٺڳيو، پر مون تہ پاڻ کي ويهِي ٺڳيو آهہ."

اَسين بہ اَفسوس! پاڻ کي ٺڳيون ٿا. ٻئي کي نٿا ٺڳي سگهون. هيءَ سرشتِي اَهڙِي قانون تي ٻَڌل آهي، جو اَسين ٻئي کي ٺڳي نٿا سگهون. ٻاهران بيشڪ ڏسڻ ۾ اِئين اَچي ٿو تہ اَسان ٻين کي ٺڳيو آهي، پر اُن جو حساب اَسان کي ضرور ڏيڻو پوي ٿو.

هڪڙِي ڳالهہ ڪندا آهن. ڪيترِي قدر سچِي آهہ، مون کي خبر ڪَانهي. منهنجِي بہ ٻڌل آهي اِها ڳالهہ، پر اِن ڳالهہ ۾ مطلب ڏاڍو مٺو رکيل آهي. هڪڙو ماڻهو هو. ڪيس هڪ متر هو. ٻئي دوست هئا. پاڙن وانگر رستو هون. هڪ ٻئي سان گڏ کائيندا هئا. هڪ ٻئي سان گڏ گهمندا هئا. ڪڏهن هُو هِن جي گهر اَچِي ٽڪندو هو، ڪڏهن هُو هُن جي گهر اَچِي ٽڪندو هو. هڪ ٻئي سان ڏاڍو مٺو ناتو هوندو هون.

سهڙو ڏاڍو شاهوڪار هوندو هو. هڪ ڏينهن ڪيس گڏجي ٿو. چويس ٿو:- ”منهنجا پيارا! مان وڃان ٿو ٻاهر وديش جي دؤري تي. شايد اَٺ ڏهه مهنا ٻاهر هجان. ٽڪريءَ تي مون پَٽُ ورتو آهي. مان چاهيان ٿو تہ اُن تي هڪ سندر بنگلو تيار ٿئي. اِهو ڪم مان توکي ڏيئي ٿو وڃان. ۽ پنهنجي آفيس کي چئي ٿو وڃان تہ جيڪي بہ بل تون موڪلين، يڪدم اُنهن جا پئسا هو پريندا. تون رڳو ڏسجانءِ تہ ڪم سٺيءَ طرح ٿئي. سندر بنگلو ٺهرائجانءِ. ٽڪريءَ تي پَٽ آهہ.“

ناٿي ڏاڍو خوش ٿيو. چيائين، جيڪو بل موڪليندس، هوُ honour ڪندا. ههڙو وجهہ وري زندگيءَ ۾ ڪڏهن ملندو؟ هن بنگلي ۾ ڏاڍيون ساديون شيون ڪم آڻي لڳو جهڙوڪ substandard cement, substandard wood. بِل وري اُچين شين جا موڪليندو. آفيس کي حڪم مليل هو تہ جيڪو بہ هن جو بل اَچي، توهين يڪدم اُن جا پئسا ڏيو. هي وري پئسا وٺندو. خوش پئي ٿيو تہ مون هن هڪ بنگلي مان هيڏا لک ڪمايا آهن. ڪيس خبر ڪين هئي تہ پاڻ کي پئي ٺڳيائين.

پوءِ ڇا ٿيو؟ هي شاهوڪار ماڻهو پنهنجي ياترا تان موٽي آيو. ناٿي اَچي ڪيس گڏيو. چيائينس:- ”بنگلو تيار آهي.“ ٻاهران رنگ روپ اَهڙا سهڻا هڻايا هئائين، جو بنگلو ڏاڍو سندر، چمڪندڙ پئي لڳو. هڪ هڪ چوي:- ”مان جيڪر اَهڙي بنگلي ۾ رهان.“ شاهوڪار چيس:- ”اَڄ مان تورو ٿڪل آهيان. سڀاڻي جيڪر هلي ڏسان ۽ سڀاڻي منهنجي ڏيهُ يعني تنهنجي ڏرمپتنيءَ جو بہ جنم آهہ، اُن کي بہ وٺي اَچج.

ورتو پٽ جو ڪنهن هنڌ. هنن ٻنهي جي شادي ٿي. يعني هوُ هينئر جو نائي ٿِي آيو. ڇوڪريءَ جو پيءُ تي ڏاڍو رُباب هلندو هو. پيءُ ڏاڍو ڪيس پانئيندو هو. پيري پيري گهر ويندي هئي، ڪا نه ڪا شيء کٽي ايندي هئي. ڪڏهن چانديءَ جو گلاس، ڪڏهن چانديءَ جو tea-set، ڪڏهن ڪو ڪراڪريءَ جو dinner set. ڪانه ڪا شيء کٽي اِيندي هئي. هن جي پيءُ تي ڏاڍي هلندي هئي.

هڪ ڏينهن هيءَ ڇوڪري پنهنجي گهوٽ کي چوي ٿي:- ”اَڄ مان وڃان ٿي پنهنجي پيءُ وٽ. مان اَڳئين پيري ڏسي آئي هئس ته منهنجي پتا ڏاڍي سٺي ڪرسي ٺهرائي هئي. منهنجي دل ٿي، اُها جيڪر مان کڻِي اَچان، پر مون کي اُن وقت ڪار ڪونه هئي. اَڄ مون کي ڪار آهي. مان ڪار ۾ اُها سٺي ڪرسي کٽي ٿي اَچان. مان چاهيان ٿي، تون جيڪر اُن ڪرسيءَ تي ويهين.“ تڏهن گهوٽس چويس ٿو:- ”خبردار! هاڻي منهنجو حساب ڪتاب هن سان پورو ٿي ويو. مون سڄو حساب ڪتاب لکي رکيو آهي. ٢٥ هزار وياج سميت هن مون کي ڏنا آهن. شيون جيڪي وٺي آئي آهين، اُهو حساب هاڻي پورو ٿيو. هينئر ويندينءَ، توکي پائي ڪونه ڏيندو. ڪاٺ جي ذري به توکي ڪين ڏيندو.“ چيائين:- ”هي گهوٽ مون کي ڇوي ڇا پيو؟ ڳالهه ڪهڙي ٿو ڪري؟ منهنجو پيءُ مون کي چوندو آهي، هي سڄو گهر تنهنجو آهه. جيڪي کپيئي، سو تون کڻِي وڃ.“ هي چوي ٿو:- ”توکي ڪاٺ جي ذري ڪونه ڏيندو.“ گهوٽ کي چوي ٿي:- ”اِئين ڪئن ٿيندو؟“

هڪ ڏينهن هڪ متر کي اَچي پئسي جي گهرج ٿي. پنهنجي دوست، متر کي وڃي چيائين ته "مون کي ٢٥ هزارن جي ڏاڍي ضرورت آهي." اَڄڪله ٢٥ هزار ڪجهه ڪونهي. پر تن ڏينهن جا ٢٥ هزار اَڄڪله جي ٢٥ لکن برابر آهن. ايڏو اُن وقت هڪ هڪ رپئي جو ملهه هو. متر چويس ٿو:- "٢٥ هزارن جي مون کي ضرورت آهي. مون کي جيڪر ڏين. پوءِ مان توکي وري واپس ڪندس." هن چيس:- "مان خوشيءَ سان توکي ڏيان. مون وٽ رکيا آهن. سيان توکي ڏيندس." ٢٥ هزار بئنڪ مان وٺي اَچي هن کي ڏنائين. هن ڪتب لڳائي ڇڏيا.

جنهن ٢٥ هزار ڏنا، تنهن کي اَچي پئسي جي گهرج ٿي. پنهنجي دوست کي چيائين:- "تو مون کان ٢٥ هزار رپيا ورتا هئا، هينئر جيڪر مون کي واپس ڏين. مون کي پئسي جي ڏاڍي ضرورت آهي." هي دوست اَلي ويو. چيائين:- "ڇا جا ٢٥ هزار؟ سپنا ٿو لهين ڇا؟ تو مون کي ڪڏهن ٢٥ هزار ڏنا؟ ڇوين ڇا ٿو؟ مون کي ٻڌاءِ، ڪو شاهد آهي، جو شاهدي ڏئي ته مون توکان هيترا پئسا ورتا؟"

تڏهن هن چيس ته "منهنجا پيارا! ٢٥ هزار تو ورتا، اُن جي خبر هڪ توکي، ٻي مون کي ۽ ٽين پرڀوءَ کي! جي تون مون کي نه ڏيندين، ته مان توکي ٻڌايان ٿو ته ٻئي جنم ۾ تنهنجو ناتي ٿي اَچي توکان وٺندس. تون ڇٽي ڪونه سگهندين."

جنهن ٢٥ هزار ڏنا، سو گذاري ويو. اُن ڪانپوءِ جنهن ٢٥ هزار ورتا، تنهن کي ڌيءُ ڄائي. هن ناتيءَ وڃي جنم

وٽ وري موٽي ايندين. اَسين دل اَندر ڪيترن لاءِ ڏکار جا ويچار اُتپن ڪريون ٿا. پوءِ چئون ٿا، ڪنهن کي خبر ٿوريئي پيئي. اِهو تہ رڳو ويچار هو. ويچار ناس نٿو ٿئي.

There is the immortality of thought. Thought is immortal. Thought lives. Thought does not vanish.

ويچار گم ٿي نٿو وڃي. ويچار رهي ٿو. ويچار اَمر آهه. جئن آتما اَمر آهه، تئن ويچار بہ اَمر آهه. اِهي ويچار وري موٽي پوري وقت تي اَسان وٽ اَچن ٿا. اِن ڪري ڪنهن کي بہ تڪليف نہ ڏيون. ڪنهن کي بہ وچنن ۾، ويچارن ۾، ڪرتويہ ۾ ڪو ڪشٽ نہ پهچايون. هڪ هڪ جي شيوا ڪريون، هڪ هڪ جي آسيس پايون. اُهو ئي وري اَسان وٽ موٽي ايندو.

"ڪشي ڪانَ ڪمان ۾، مِيان مار مَ مون:
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو توکي لڳي!"

اِن ڪري سنڌيءَ ۾ چوندا آهن:- "جهڙي درشٽي، تهڙي سرشٽي". نوري گرنٿ ۾ هي اَکر اَچن ٿا:- "هيءَ دنيا اَئيني هڪ آرسي! جهڙيءَ طرح تون هن سنسار ڏي نهاريندين، تهڙيءَ طرح موٽ ۾ تون پاڻ کي ڏسندين." جي مان مشڪ ڏيان ٿو، مشڪ مون وٽ موٽي ايندي. جي مان هيئن نهاريندس، راڪاس مون وٽ موٽي ايندو. جهڙي درشٽي، تهڙي سرشٽي.

ٻہ ماڻهو جهاز مان لٿا. هڪ بندر تي جهاز اَچي بيٺو. هڪڙو ماڻهو آيو. وٽ هيٺ هڪ پريوءَ جو پيارو سانت ۾ ويٺو هو. اُتان اَچي لنگهيو. هن پريوءَ جي پياري کان پڇائين:-

وجي ٿي پنهنجي پيءُ وٽ. ڪجھ وقت ڪانپوءِ چوي ٿي:- ”هاڻي مان موٽي گهر ٿي وڃان. پر مون کي هيءَ ڪرسي ڏاڍي وڻي ٿي.“ اڳي چوندي هئي:- ڪا شيءِ مون کي وڻي ٿي، پيءُ چوندو هوس، پل ڪٽي وڃ. تنهنجو ئي آهي. اڄ ڪجھ چويس نٿو. پر هيءَ ڇوڪري به ڇڏيس نٿي. چويس ٿي:- ”بابا! هيءَ ڪرسي مون کي اهڙي وڻي ٿي، جو مان کڻي ٿي وڃان.“ ڪرسيءَ ۾ هٿ وجهي ٿي، تڏهن سندس پيءُ چوي ٿو ته ”تنهنجو گهوٽ ڪو ڪنگال آهي ڇا؟ ڪو فقير، ڪو پينو آهي ڇا؟ پيري پيري اچين ٿي، ڪجھ نه ڪجھ کڻي ٿي وڃين. لڄ نٿي توهان کي اچي؟ مون توکي شادي ڪرائي: مون توکي سڀ ڪجھ ڏنو.“

ڇوڪريءَ جو اهو ٻڌو، ويچاريءَ جو منهن پيلو ٿي ويو. ڪرسي ڇڏي پاڻ هلي آئي. چيائين:- ”منهنجي گهوٽ مون کي ڇتاءُ ڏنو.“ هاڻ اِها ڳالھ ڪيتري قدر سچي آهه، مون کي خبر ڪين آهه. پر اِن ۾ معنيٰ ڏسو ڪيڏي نه آهه! ڪوبه ڪنهن کي لڳي نٿو سگهي. جي مان توهان کي هينئر لڳيان ٿو، مان وري لڳبس. جيڪي مان ڪريان ٿو، اُهو مون سان ٿئي ٿو. اِهو قدرت جو قانون آهه. قدرت ۾ پوليس وارا ڪونهن. قدرت ۾ ڪورٽون ڪونهن. قدرت ۾ جج ڪونهن، پر قدرت جو قانون اهڙيءَ طرح ٺهيل آهه، جو ڪوبه ڪنهن کي لڳي نٿو سگهي. اِن ڪري ياد ڪريو:-

”مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو توکي لڳي!“

اِن ڪري هڪ هڪ کي شيءِ پاوناٿون موڪليون، آسيس موڪليون، هڪ هڪ لاءِ پرارٿنا ڪريون. اُهي پرارٿنائون اَسان

کيس Holy Mother, Divine Mother ڪري سڏيندا آهن. سنت
رامڪرشن جا شش هن کي ماتا جي روپ ۾ ڏسندا آهن.
پوءِ ڳالھ ڪندا آهن تہ ننيڙي ٻار هئي. کيس ڪٽ وجھو
هو. جھنگ مان کيس لنگھڻو هو، جنهن جھنگ ۾ هڪ وڏو
چور، وڏو ڌاڪو ويٺو هوندو هو، جو خون ڪندو هو. ماڻهن
جون شيون ڦريءَ، زيور لاهي، اُنهن کي ماريندو هو. هن
ويچاريءَ جي هٿن ۾ زيور پيا هئا. هن ڌاڪوءَ ڏي نهاري
کيس چوي ٿي:- "منهنجا دادا! مان منجهي پيئي آهيان.
مون کي جيڪر رستو ڏيکارين!" چون ٿا، هن ڌاڪوءَ تي
اِنهن اکرن جو اهڙو اَثر ٿئي ٿو، چوي ٿو:- "هيءَ منهنجي
پوٽي آهي. مان، هن جي سنڀال لهندس."

توهين رڳو هڪ هڪ ۾ اُهو ڏسو. هڪ هڪ جي اَندر
پريو پاڻ پيو آهي. رڳو پريوءَ کي چڪٽو آهي. پريو ڍڪيو
پيو آهہ.

ڪَٿي ڪانَ ڪمان ۾، مِيان مار مَ مون:
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو توکي لڳي!

نزديڪ ٻڌ پورنما جو ڏينهن آهہ،- Thrice blessed day.
اُن ڏينهن گوتم ٻڌ جنم ورتو، اُن ڏينهن گوتم ٻڌ کي
۳۵ ورهين جي عمر ۾ ٻوڌي ورکہ هيٺ گيان جي پراپتي
ٿي. ساڳئي ڏينهن ۸۰ ورهين جي ڄمار ۾ گوتم ٻڌ هن
سنسار کان موڪلايو. مهاپري نروان پد حاصل ڪيائين.

گوتم ٻڌ اُن زمانَي ۾ آيو، جنهن زماني ۾ وڏا يگيہ
ڪندا هئا، جن تي لکاھ رپيا خرچ ڪندا هئا. اُنهن يگين
۾ ٻليون چاڙهيندا هئا. ڪيترا جانور، ويچارا ڳگدام، اُنهن

”هيءَ جيڪو شهر آهي، جتي جهاز اَچي بيٺو آهي، مان هن نگر ۾ وڃان ٿو. ڪرپا ڪري ٻڌايو ته هن نگر جا ماڻهو اِشراف آهن يا لُچا آهن.“ تڏهن هن پريوءَ جي پياري چيو ته ”جنهن نگر جا ماڻهو اِشراف آهن يا لُچا آهن.“ تڏهن هن پريوءَ جي پياري چيو ته ”جنهن نگر مان هينئر تون اَچين ٿو، اُتي اِشراف هئا يا لُچ هئا؟“ چيائين:- ”سائين! اُتي ته سڀ اِشراف هئا.“ هن پريوءَ جي پياري چيو:- ”پيارا! هتي به سڀن کي تون اِشراف ڏسندين.“

ٻيو ماڻهو اُن ڪانپوءِ آيو. ساڳيو سوال اَچي هن کان پڇيائين. چيائين:- ”سائين! هيءَ نگر مون لاءِ نئون آهي. ڪرپا ڪري ٻڌايو ته هت ٺڳ اِنسان آهن يا سچا اِنسان آهن؟“ تڏهن هن ستپرک پڇيس ته ”جتان تون اَچين ٿو، اُتي ٺڳ هوندا هئا يا سچا اِنسان هوندا هئا؟“ هن چيو:- ”سائين! اُتي ته ٺڳ ئي ٺڳ هئا.“ چيائين:- ”پيارا! هتي به تون ٺڳ ئي ٺڳ ڏسندين.“

ٽيون ماڻهو پٺيان بيٺو هو. ٻئي جواب ٻڌائين. تڏهن ستپرک کي چيائين:- ”سائين! توهين هميشه سچ ڳالهائيندا آهيو. اَڄ ته مان منجهي پيو آهيان. هڪ کي توهين چيو ٿا، هتي اِشراف رهندا آهن، ٻئي کي چيو ٿا ته تون هتي ٺڳ ئي ٺڳ ڏسندين.“ تنهن تي ستپرک چيو:- ”منهنجا پيارا! جهڙي درشٽي، تهڙي سرشٽي! جي منهنجي درشٽي آهي ٺڳ درشٽي ته مان ٺڳ ئي ٺڳ ڏسندس. جي منهنجي درشٽي آهي اِشراف درشٽي ته مان هڪ هڪ ۾ اِشراف ڏسندس.“

سنت رامڪرشن جي ڌرمپتني شارڌا ديوي، هينئر

پوءِ چوندو آهيان:- ”ڪڏهن ويچار ڪريو ٿا تہ اُهي مڇيون، جانور جڏهن ڪُسجن ٿا، قتل ٿين ٿا، اُنهن جي ڪهڙي حالت ٿئي ٿي؟ لکين جانور قتل ٿين ٿا. پکي، ڪُڪڙيون، ٻين قسمن جا جانور لکن جي تعداد ۾ روز روز قتل ٿين ٿا. جڏهن قتل ٿين ٿا، تڏهن دکي ٿين ٿا. مون کي ڪو پڪڙي وڃي: چوي:- مان توکي قتل ٿو ڪريان. منهنجي حالت ڪهڙي ٿيندي؟ توهين جيڪر پاڻ کي اُن جڳهہ ۾ وجهو. توهين سمجهو، توهين اُهو گگدام آهيو، جنهن کي ڪُهن ويٺا. توهان جي جيڪر ڪهڙي حالت ٿئي؟ اَهڙي حالت اَسين هر روز لکن جي سنکيا ۾ اُنهن جانورن جي ڪريون ٿا. ويچارا دانهون ڪندا وڃن ٿا. اُهي دانهون وڃي پرڀوءَ جي دربار ۾ پهچائين ٿا. اُها دانهن ضرور موٽي وري مون وٽ ايندي.

هڪ ماتا جو ٻالڪ گم ٿي ويو. اِسڪول ۾ ويو. شام جو موٽيو ڪين. ماتا آئي پڇا ڪرڻ. چيائون، هتان تہ ويو. پوءِ اَلائي وات تي ڪٿان گم ٿي ويو. ماتا جو دماغ ڦري ويو. ٻالڪ جو نالو هو موهن. گهٽين ۾، گلين ۾، رستن تي پيئي رلندي هئي، گهمندي هئي، پيئي پڪاريندي هئي:- ”موهن ڪٿي؟ موهن ڪٿي؟ منهنجا موهن! تون ڪٿي؟“ دماغ هن جو ڦري ويو. چري ٿي پيئي. اِها حالت اَسين روز اُنهن جانورن سان ڪريون ٿا. جيڪي جانور ڪُسجن ٿا، تنکي ماتا پتا آهن، ٻار، سوٽ آهن. اُنهن کي بہ اکيون آهن. شام جي وقت اُهي موٽڻ ٿي نٿا. ويچارا ڪُسجي ويا! مائٽن جي ڪهڙي حالت ٿيندي هوندي؟

کي ماريندا هئا، اُنهن کي قربان ڪندا هئا. پوءِ اُنهن جو ماس پرساد ڪري ورهائيندا هئا. گوتم ٻڌ کي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو ته ڌرم جي نالي ۾ هي ڇا ويٺا ڪن؟ پريوءَ جي نالي ۾ هيِ ڪُڪرم ويٺا ڪن. گگدام جانورن کي ويٺا مارين. پوءِ چوندو هو:- مون کي ڏک نه رڳو جانورن جو ٿئي ٿو، جن کي توهين ماريو ٿا، پر مون کي ڏک اُن جو ٿئي ٿو، جو اُنهن کي مارائي ٿو، اُنهن جو ماس کائي ٿو، ڇو ته اُهو ڏک جو ٻج ويٺو پوکي. اِهو ٻج موٽي وٽس اِيندو. پوءِ هن جيِ ڪهڙي حالت ٿيندي؟

اَسان مَان ڪيترا مَاس کائون ٿا. اَسان جو آهار ماس آهار آهي. پوءِ ڪڏهن ويچار ڪيو اَٿئون ته جنهن جنهن پيري اَسين ماس ورتايون ٿا، ڏک جو ٻج پيا پوکيون. اِن ٻج مان هڪ ڏينهن وڻ نڪرندا. اُنهن وڻن جو ميوو، ڏک جو ميوو، اَسان کي کائڻو پوندو. پوءِ اَسان جيِ ڪهڙي حالت ٿيندي؟

"مون ۾ آهين تون، مٿان تنهنجو توکي لڳي!"

اَسين پيا سمجهون، اَسين ٻئي جو ماس ويٺا کائون. کائون پنهنجو ويٺا ماس. وقت اِيندو. اَسان کي خبر پوندي. ڪيترا ماڻهو مون وٽ اِيندا آهن. چوندا آهن:- "اَسين سيني سان سٺو هلون. اَسان ڪنهن کي تڪليف نه پهچائي آهه. اَسان ڪنهن کي ٺڳيو ڪين آهه. تنهن هوندي به هيءَ مصيبت اَسان تي ڇو ڪڙڪي آهه؟" پوءِ مان ڏاڍو سولو سوال پڇندو آهيان:- "توهين کائيندا ڇا آهيو؟" چون:- "کائيندا ته اُهو آهيون، جيڪي سڀ کائيندا آهن،- مڇي، ساڳ، گوشت."

هئا. شرنارٿِي ٿِي آيا. ڪن کي ڪاٺو ڪين ملندو هو، ڪن کي رهڻ جي جڳهه ڪونہ ملندي هئي. هڪ ٻيِي ماتا اِيندي هئِي. ڪيس ڪڏهن بہ ڪا گهرج ٿِيندي هئِي، اَڇِي ڪجهہ نہ ڪجهہ ولِي ويندي هئِي. اِن ٻيِي مَاتا کي اَڇِي ڪوڙهہ جِي بيماري ٿِي. چيائونس:- "توکي گهر ۾ رهائيندا سين ڪين." پاڻ جي گهر رهندي هئِي. اُنهن کي اَڇِي ٻڊ لڳو، متان اَسان کي نہ ڪوڙهہ ٿِي پوي. هن کي ڪيڏِي ڪٽِي ٻاهر رستي تي ڦٽو ڪيائون.

هيءَ ٻيِي ماتا مون وٽ آئِي. چيائين:- هينئر منهنجِي اَهڙِي حالت ٿِي آهہ: مان توکي چوان؟ مان هينئر اُن وقت لاءِ نهاريان پيئي، جڏهن مان مرِي هن سنسار کان چلندس. مون کي ڇوٽڪارو کپي. ٻيو تہ ڪو ڇوٽڪارو ملندو ڪين. مان مرڻ ٿِي چاهيان." تڏهن مون چيومانس:- "اَمِي! تون سچ پچ مرڻ ٿِي چاهين؟ تنهنجِي مرڻ تي دل آهي؟" چيائين:- "ها. هينئر موت اَچي تہ مان جيڪر هڪ گهڙِي بہ ويرم نہ ڪريان. مان جيڪر خوشيءَ سان وڃان." مان اَندر وڃِي اَٽي ۾ مرچ مصالح گڏي، هيٺن هونئن ڪري، هڪ پڙِي لاهي ڪٽِي ولس آيس. چيومانس:- "اَمِي! هِي پائوڊر اَٿيئي. هِي جي تون کائين، جي پريوءَ جِي اِڇا هوندي، اَڌ ڪلاڪ ڪن ۾ تون گذاري وينديںءَ." هن جو اِهو ٻڌو، پائوڊر جي اَڳيان ٿِي نہ اَچي. پري ٿِي ويئِي. چيائين:- ترس! مون کي اَڃا ڪي ڪم ڪرڻا آهن. اُهي لاهي پوءِ مان تو وٽ اَچان ٿِي!" اَڄ ڏينهن تائين ڪونہ آئِي آهي.

هڪ هڪ چاهي ٿو تہ مان زنده رهان. ساڳيءَ طرح

”مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو توکي لڳي!“

اِهو پيغام اَچي گوتم ٻڌ ڏنو، جنهن جو جنم ڏن نزديڪ آهه. گوتم ٻڌ چيو:- جيڪڏهن توهين چاهيو ٿا، توهين سکي ٿيو، هڪ هڪ پراڻي ماتر تي ديا ڪريو!

Every creature that breathes the breath of life, he wants to live. No one wants to die.·

هرهڪ جيئڻ چاهي ٿو. مرڻ واسطي ڪوبہ تيار ڪين آهي. ڪيترا آهن جي چون:- اَسين جيڪر مرون تہ بهتر. هڪ مائي پاڙي ۾ واڪا ڪندي هئِي. چوندي هئِي:- ”اَڙي ڪال! اَچا تون مون وٽ نٿو اَچين. مان هيڏو تڪليف ۾ آهيان. اَچا ڪڏهن تون ايندين؟“ پاڙي وارن ڪن چوڪرن ڏٺو تہ هيءَ روز واڪا ٿي ڪري. هڪ ڏينهن رات جو هڪ ڇٽو ڪارا ڪپڙا پائي، سندس گهر گهڙي ويو. چيائينس:- ”مان ڪال آهيان. مان توکي وٺڻ آيو آهيان.“ چيائينس تہ ”نہ، رات جو تہ ترس. مون کي اَچا بہ ٿي ڪم آهن. اُهي پورا ڪريان، پوءِ مون وٽ اَچج.“

ڪوبہ مرڻ لاءِ تيار ڪين آهه. جيڪي شاهوڪار آهن، سي بہ مرڻ لاءِ تيار ڪين آهن. پر جيڪي غريب آهن، سي بہ مرڻ واسطي تيار ڪين آهن. جيڪي چڱا ڀلا، صحتمند آهن، سي مرڻ لاءِ تيار ڪين آهن، پر جي بيمار آهن، سوُر ۾ ڪيڪڙائن ٿا، سي بہ مرڻ لاءِ تيار ڪين آهن. هنن کان پڇيو:- ”توهين مرندا؟“ چوندا:- ”اَچا ٿورو ترس.“

۳۵-۴۰ سالن جي هيءَ ڳالهہ آهي. هڪ اَمي پمپري ڪئمپ ۾ رهندي هئِي. ويچارا ڏاڍا غريب ماڻهو اُت رهندا

هوندي هئي. هن کي هر قسم جو عيش عشرت جو سامان ملي ٿو. ناچڻيون ڇوڪريون هونديون هيون، اَڇي ڪيس وندرائينديون هيون. جيڪِي راجا پنهنجي پٽ لاءِ ڪري سگهيو، سو ڪيائين. تنهن هوندي بہ ڏٺائين، منهنجو پٽ وري وري وڃي ٿو سانت ۾ وهي. نهاريندو هو، ڪنڊ ۾ ويٺو آهي ڌيان ۾. ڪڏهن وڻ هيٺ ويٺو آهي ڌيان ۾. ڪڏهن نديءَ جي ڪنڌي تي ويٺو آهي ويچار ۾، سوچ ۾. چيائين، هيءَ ڳالهہ ٺهي تہ ڪين. هِي جي ويچار، سوچ، ڌيان ڪندو تہ ڪنهن وقت بہ وڃِي فقير ٿيندو. تڏهن پٽ کي چيائين:- "منهنجا پٽ! تون ڇا جو ويٺو ڌيان ڪرين؟ توکي ڪهڙي ڳالهہ جي چنتا آهي؟ مون توکي سڀ ڪجهہ هٿي ڏنو آهي. توکي جيڪِي کپي، مان توکي وڌيڪ ڏيان. جيڪِي تون چاهين، توکي مان ڏيان. پر مون کي ٻڌاءِ، تون سوچين ڇا ٿو؟"

تڏهن هِي ١٥-١٦ ورهين جو ڇوڪر چوي ٿو:- "بابا! جت وڃان ٿو، اُت دکہ لڳو پيو آهہ. بيشڪ، دکہ کي اَسين ڏسون ٿا. اَسان ڪِلبون کوليون آهن. اَسان وٽ T.V. آهي، ايئرڪنڊيشنر آهي، اَسان وٽ وڏيون موٽرون آهن، اَسان کي نوڪر چاڪر آهن، اَسان کي سڀ ڪجهہ آهي. اِن دکہ کي اَسين ڏسڻ چاهيون ٿا. اَندر دکہ پيو آهي.

ڏهہ ڏهہ شاهوڪار، ڪروڙپتي، عرب پتي مون کي مليا آهن. ولايت ۾ وڃان. پوءِ مون کي ڪيترا multi-millioniares ملندا آهن. سندن اکين ۾ ڳوڙها. چون، اَسين دکِي آهيون. اَسان کي سڀ ڪجهہ آهي، سنسار جيڪِي ڏيئي سگهي

اِهي پراڻي ماتر چاهين ٿا، مڇر هجي يا مکڙ هجي يا مُنگهڻ هجي، هڪ هڪ چاهي ٿو، مان زنده رهان. اَسين پنهنجي ڪاڌي جي واسطي وڃي ٿا اُنهن کي ماريون. اَسان پنهنجا پيٽ قبرستان ڪري ڇڏيا آهن. گوتم ٻڌ آيو. چيائين:- ”ديا ڪريو!“ ديا جو پيغام ڪٺي آيو! چيائين:- ”جڏهن توهين ديا سِڪندا، تڏهن توهان تي ديا ٿيندي.“ جيڪي توهان مان وڃي ٿو، سوئي موٽي توهان وٽ اَچي ٿو.

”مون ۾ آهين تون، مٿان تنهنجو توکي لڳي!“

ڪپل وستوءَ ۾ سنت گوتم جو جنم ٿئي ٿو. راجا جو پٽ ٿِي جمي ٿو. ڏاڍيون خوشيون ٿي وڃن ٿيون. سڄي راڄ ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلجي وڃي ٿي ته اَسان جي راجا کي پٽر ڄائو اهي. اَسان جي آئينده جو، پوشيه جو راجا هِي پٽر ٿيندو.

پوءِ هن جي جنم پڙهيا ٿا. راجا کي ٻڌائين ٿا:- راجن! هيءَ جيڪا هستي تو وٽ آئي آهه، سا عجيب هستي آهه! يا ته هي چڪرورتي راجا ٿيندو. ڪيترن راجائن کي پنهنجي ضابطي هيٺ رکندو،- مهاراجا، راجائن جو راجا ٿيندو، يا ته هي فقير ٿيندو ۽ هزارن ۽ لکن لوڪن کي ڇوٽڪاري جي راهه بتائيندو. راجا چيو، چڪرورتي راجا ڀلي ٿئي، پر فقير شل نه ٿئي! اِن ڪري هن کي ڏاڍي عيش عشرت ۾ رکيائين. هن لاءِ ٽي محلات ٺهرايائين. هڪ محلات ۾ اُونهاري ۾ رهندو هو، جٿي ڪيس گرمي نه لڳي. هڪ محلات ۾ سياري جي مؤسوم ۾ رهندو هو، جٿي ڪيس ٿڌ نه لڳي. هڪ محلات ۾ رهندو هو جڏهن مينهن جي مؤسوم (monsoon)

وهاري وڃان. مان توکي اِهو اَنجام يا اِها پڪ ڪئن ڏيئي سگهان؟"

گوتم بُڌ چيو ته:- "پوجيه پتا! پوءِ هڪ ڏينهن ضرور ايندو، جڏهن مان اُن جي تلاش ۾ نڪرندس ته هي جيڪو دک اَسان جي اَندر پيو آهي: هڪ هڪ دکي! ڪو آهي اِنسان جو چوي ته مان دکي ڪڏهن ڪين ٿيو آهيان. مان هميشه سکي آهيان. جي سچ سان اِئين مون کي چئي سگهي ته يا اُهو هوندو سنت يا اهو هوندو پٿر. وچ ۾ ڪونه هوندو."

پنهنجي پتا کي چيو ته:- "جيسين مون کي اِنهن ٽن ڳالهين جو جواب نه مليو آهي، تيسين مان توهان کي ڪئن پڪ ڏيان ته مان هت رهندس. مان سانت ۾ وهندو آهيان، مون کي آواز ايندا آهن، آواز پيا پڪاريندا آهن:- تون اَسان وٽ اَچ ته اَسين توکي ڇوٽڪاري جي راه ٻڌايون. هن دک چڪر مان ڪئن ڇٽجي؟"

ڪن ٿورن جي دل اَندر اِها پياس اُٿي ٿي. چون ٿا:- "پوءِ هن چڪر کان ڇوٽڪارو ڪئن ملندو؟ چڪر ۾ پيا اَچون ۽ وڃون، پيا پيسجون، ٻن پٿرن جي وچ، جئن جنڊ ۾ پيو اَن پيسبو آهي، تئن اَسين پيا پيسجون." سنت ڪبير چيو نه:-

چلتي چڪي ديک ڪي، ديئا ڪبيرا روءِ؛
دو پاٽن ڪي بيچ ۾، ثابت رهيا نه ڪوءِ!

اِنهن ٻن پٿرن جي وچ اَسين پيا پيسجون، پيا پيڙجون. اِن دک کان ڪو ڇوٽڪارو ملندو؟ هڪ هڪ دکي آهه. دک اَسان جي اَندر پيو آهه. ٻاهران بيشڪ دک کي ڍڪي ويٺا

ٿو. تنھن ھوندي بہ اَسين دکي آھيون. ھن سنسار جي اَندر دکہ پيو آھہ. اِن دکہ کان ڇوٽڪارو ڪيئن ملي؟

پنھنجي پتا کي ھيءُ ٻالڪ چوي ٿو:- پتاجي! توھان تہ مون کي سڀ ڪجھ ڏنو آھي، پر مان عمر ۾ وڏو ٿيندس، ورڌ اَوستا جو ٿيندس، ٻڍو ٿيندس. ٻڍا ڏسو، ڪيئن نہ ڪنگھن پيا. ڪڏھن ڪڏھن مان بيمار ٿيندس. بيمار ڏسو، سُور ۾ ڪيئن نہ ٻاڪارين پيا. اِسپتال ۾ وڃو. توھين ڏسندا، بيمار پيا ٻاڪارين، ڪيڪڙائن پيا. پتاجي! مان وڏو ٿيندس، مون کي ڪال جو ٻکُر ٿيڻو پوندو. موت جي منھن ۾ مان ويندس.

”توھين مونکي چئو ٿا، جيڪي مان چاھيان، اُھو توھين مون کي ڏيندا. ٽي ڳالھيون جي مون کي ڏيو تہ مان فقير ڪونہ ٿيندس. اُھي ٽي ڳالھيون ھي:- (١) مون کي پڪ ڏيو تہ مان ڪڏھن بيمار ڪونہ پوندس. (٢) مون کي پڪ ڏيو تہ مان ڪڏھن ورڌ ڪين ٿيندس. (٣) مون کي پڪ ڏيو تہ مان ڪڏھن مرندس ڪين. ڪال جي منھن ۾ ڪين ويندس.“

پتا کيس چوي ٿو:- ”پٽ! اِھا توکي ھڪ مان ڪيئن ڏيان؟ مان پاڻ ڪڏھن ڪڏھن بيمار پوان ٿو. تون ڏسندو آھين، مان ڏيڍو ڪنگھندو آھيان. ڪنگھي ڪنگھي مون کي ايڏي تڪليف ٿيندي آھي، جو مان توکي ڇا چوان؟ مان پاڻ ٻڍو ٿي ويو آھيان. منھنجا وار اَڇا ٿي ويا آھن. منھنجي منھن ۾ گھنج پئجي ويا آھن. مان ڪيئن توکي چوان، موت جي منھن ۾ تون ڪين ويندين؟ مان پاڻ ھينئر تياري ويٺو ڪريان. ڪال اَچي تنھن کان اَڳہ مان توکي تخت تي

پرسان آهي. يشوڌرا جو هٿ راهول جي مستڪ تي آهي. آهستي آهستي ڪري هنن اکيان سِر جهڪائي ڇڏيو. دل ٽُٽيس ٿي، جيڪر ڀٽ کي ڀرائڙي پائي وڃان، پر چوي ٿو، اِئين ڪندس ته يشوڌرا جاڳي پوندي. ۽ پوءِ مون کي وڃڻ ڪونه ڏيندي. آهستي آهستي گم ٿي وڃي ٿو.

ڇهه سال تپوبن ۾ رهي ٿو. ڪٺن تپشيائون ڪري ٿو. پنهنجن ششن سان هڪ ڏينهن ويٺو ذڪر ڪري ته مون ڪيڏيون ڪٺن تپشيائون ڪيون. چيائين:- وقت آيو، جڏهن سڄي ڏينهن ۾ فقط پنج ڪڻا چانورن جا کائيندو هوس. پوءِ گهٽائي ڪيم چار ڪڻا، پوءِ ڪيم ٽي ڪڻا، پوءِ ڪيم ٻه ڪڻا، پوءِ ڪيم هڪ ڪڻو. پوءِ هڪ ڪڻو به ڇڏيم. ڳانءِ جي چيٽي جو ذرو ٽڪر کائي ڇڏيندو هوس. اهڙيون ڪٺن تپشيائون مون ڪيون، پر مون کي مليو ڪجهه ڪين. منهنجو سرير سُڪي ويو.

پوءِ گوتم ٻڌائي ٿو:- هڪ ڏينهن مان ويٺو هوس. اُتان اچي هڪ ناچڻي ڇوڪري لنگهي. ڳائيندي ويئي. پيرن ۾ گهنگهرو هئس. نچندي پئي ويئي. هن جي راڳ جا اکر منهنجي ڪنن تي پيا:-

" Tune the sitar neither low nor high!"

ستار جون تندون نه گهڻو ڇڪ، نه ڍليون رکه . پوريءَ طرح اُنهن کي tune ڪر ته توکي راڳ ملندو، نه ته راڳ ملندءِ ڪين. جيڪڏهن ستار جون تندون ڍليون آهن، راڳ نڪرندو ڪين. جي تمام ڇڪيل آهن، ٽٽي پونديون. گوتم چوي ٿو:- ”بيشڪ! راڳ ناچڻيءَ ويٺي ڳايو، پر اِها ناچڻي

آهيون. سنڌ ۾ موٽڻداس هوندو هو. اُن کي اَڇي سائي (jaundice) جي بيماري ٿي. رت ويو سُڪندو. هي ويو پيلو ٿيندو. هڪ ڏينهن سندس ڌيءُ ولايت مان آئي. چيائين:- بابا! تون هڙو پيلو ٿي ويو آهين. اَڄ تہ مان توکي جهڙت ۾ ڪاهي چڙهيان. ڪيترا رنگ ڪٺي آئي هئي. ولايت ۾ اِهي رنگ، cosmetics گهڻيئي ملندا آهن. هتي touch and glow، هتي ڳاڙهو رنگ، چپن تي لپسٽڪ هنيائينس. هٿن تي رنگ هنيائينس. ڪيس ڳاڙهو بنائي ڇڏيائين. ماڻهو آيا: چيائون:- موٽڻداس! توکي ڇا ٿيو آهي؟ موٽڻداس ٻيءَ طرح ٿي پيو. موٽڻداس چيو:- "هنن رنگن ڪي نہ ڏسو. منهنجي تہ حالت ساڳي آهي. منهنجو رت وڃي پيو سُڪندو. مان ڪنهن وقت بہ گذاري وڃان." اَسين ٻاهران اِهي رنگ روپ هڻي پيا هلون، پر اَندر ۾ هڪ هڪ دکي آهہ.

پوءِ ڪئن راجا گوتم جي شادي ڪرائي ٿو. هڪ تمام سندر ڇوڪري،- يشوڌرا،- اُن سان گوتم جي شادي ٿئي ٿي. ١٣ سال پاڻ ۾ گڏ رهن ٿا. ٢٩ سالن جو گوتم ٿيو آهہ، کيس پٽ ڄمي ٿو. کيس اَچي ٻڌائين ٿا. چوي ٿو:- "هِي پٽ تہ زنجير ٿيو." "زنجير" کي پالي ٻوليءَ ۾ چون "راهُول". پٽ کي نالو ڏئي ٿو "راهُول". چوي ٿو:- "پٽ هڪ زنجير ٿي آيو آهي، پر اِها زنجير مون کي ڪونہ ٻَڌندي. مان آزاد ٿيڻ ٿو چاهيان. مان وڃڻ ٿو چاهيان اُن تلاش ۾ تہ هِي دکہ، جو جتي ڪٿي آهہ، اُن دکہ جي دوا ڪهڙي آهہ؟" اُن رات جو پنهنجي محلات مان نڪري ٿو. آڌيءَ رات جو يشوڌرا سمهي پيئي آهہ. راهُول سندس

ٿا، ڇو تہ تن ڏينهن جا ٻيا ڌرمي اڳوان ڇون ٿا تہ هي
وري ڪير نئون آيو آهي. ڪيس ڪاڏيون تڪليفون ڏين ٿا.
هڪ ڀيرو ڪي ڪُمي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ماري ڳوٺ ۾ وجهي
گوتم جي جهوپڙيءَ ٻاهران رات جي وقت اِها ڳوٺ رکي
وڃن ٿا. تن ڏينهن ۾ بہ اِهي ڪم ٿيندا هئا. اِنسان جي
دل ۾ بي رحمي پيئي آهي. جيسٽائين ديا نٿي اَچي، تيسٽائين
اَسين اِهي ڪم ڪريون ٿا.

صبوح ٿئي ٿو: لوڪ اُٿن ٿا. بانس اَچي ٿِي. ڇون
ٿا:- هي ڇا آهي؟ گوتم جي گهر ٻاهران اِستريءَ جي سرير
جا ٽڪرا پيا آهن. هي گوتم ڪري ڇا ٿو؟ ڪهڙا ڪم ٿو
ڪري؟ اَسان جي اَندر يڪدم شڪ اُٿندا آهن. گوتم ڪي
بدنام ڪن ٿا. گوتم سانت ۾ رهي ٿو. اِڪ اَکر نٿو ٻولي
تہ مون کي ڪا خبر ڪونهي. ڪجھ نٿو چوي. ڪيترا ڏينهن
گذري وڃن ٿا. اِهي ماڻهو خبيث، جن اِهو ڪم ڪيو، سي
هڪ ڏينهن خوب شراب پيئن ٿا. اِن شراب جي اَثر هيٺ
ٻڌائين ٿا تہ اَسان کي فلاڻي شاهوڪار هيترا هزار رپيا ڏنا.
چيائين، هي مان توهان کي هزار رپيا ڏيان ٿو، توهين هي
ڪم ڪريو، هن مائيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري گوتم جي
گهر جي ٻاهران وجهي ڇڏيو ڪريو. تڏهن لوڪن کي خبر پوي
ٿِي تہ هي بيشڪ سنت آهي.

گوتم روز نماشام جي وقت ستسنگ ڪندو هو. هڪ
ڀيرو اَچي ستسنگ جي ٻاهران بيهندي هئي. گوتم کي چوندي
هئي:- "تون ستسنگ تہ ڏاڍا سٺا ٿو هلائين، پر منهنجو ڪو
خيال ڪرين ٿو؟ تون مون سان ڏس ڪهڙي زندگي رهئين؟

هڪ قسم جو منهنجو گرو ٿي پيئي. مون کي سيڪاريائين تہ تو ستار جون تندون ڍاڍيون ڇڪيون آهن. اُن ڏينهن کان مون چيو تہ هاڻي مان تپشيا گهٽي نہ ڪندس. مان وچڙلو رستو وٺندس. نہ گهٽي تپشيا ڪندس، نہ گهٽي عيش پوڳہ ۾ پوندس. مان وچ جو رستو وٺندس."

پوءِ ڪئن ڇهن سالن ڪانپوءِ ساڳئي ڏينهن، ٻڌ (ويساکہ پورنما جي ڏينهن، هڪ ورکہ هيٺ ويٺو آهہ ۽ کيس گيان جي پراپتي ٿئي ٿي. گيان پستڪن جي ڳالھ يا اَکرن جي ڳالھ ڪين آهہ. مان ڪيترا بہ پستڪ پڙهان يا اَکر توهان کي ٻڌايان، پر مان گياني ڪين آهيان، جيستائين مون کي درشن نہ مليو آهہ. گيان آهہ جوت جو ديدار. دل جي ڪمل ۾ جڏهن اَسان کي جوت جو ديدار ملي ٿو، تڏهن اَسان کي گيان جي پراپتي ٿئي ٿي، گيان جو درشن اَسان کي ملي ٿو. گوتم کي اُهو درشن ملي ٿو. اُن درشن ۾ هي ڏسي ٿو تہ دکہ جو ڪارڻ آهہ ترشنا ۽ جي دکہ کان ڇوٽڪارو پائڻ چاهيون تہ ترشنائن کان پري رهون. هڪ هڪ جي اَندر باهيون پيئيون ٻرن،- ڪام جون باهيون، ڪروڌ جون باهيون، لوڀ جون باهيون. اِهي باهيون جڏهن وسايون، تڏهن اَسان جي اَندر جوت پرڪاش ٿئي. اُن جوت ۾ اَسان کي بہ گيان جي پراپتي ٿئي.

پوءِ گوتم پنهنجي جڳھ تان اُٿي ٿو. چوي ٿو:- هي گيان فقط مون واسطي ڪين آهي، سڄي سنسار واسطي آهي. مان وڃي اِهو گيان لوڪن ۾ ورهائيندس. نگرن، گرامن، شهرن ۾ اَچي ٿو. شروعات ۾ کيس ڏاڍيون تڪليفون ڏين

هنڌ ڏسندا، اُن ۾ فقط هڪ هيءَ ڳالھ آهه تہ ڇوتڪارو ڪئن پراپت ڪريو؟ هن دکہ چڪر کان ڪئن ڇٽو؟ هن جنم مرڻ جي چڪر، هن ڪال چڪر کان ڪئن ڇٽو؟ اِن ڪري ترشنائن کان پري رهو. پاڻ تي ضابطو رکو،- اَکين تي ضابطو، ڪنن تي ضابطو، مکہ تي ضابطو! اَسان جون اَکيون ڪئن نہ پلڪن پيون! پوءِ اَسان کي وڃي ٿيون اَٽڪائين. اَسان جا ڪن ڏسو، ڪئن نہ پرننداً ٻڌڻ ۾ خوش ٿين ٿا. اَسان جو مکہ ڏسو، کھڙا اَکر ڳالھائي ٿو، دلين کي ڦٽ پيو پھچائي. جي توهين سچو سکہ ٿا چاهيو تہ ضابطو سکو.

گوتم ڪيترا رتن ڪيا آهن. هينئر سندس سرير ٽڪو آهي. پنهنجي پياري آنند کي چوي ٿو: هميشھ ساٿس هوندو هو. چويس ٿو:- ”آنند منهنجا پيارا! هينئر سرير ڏاڍو ٽڪو آهي. جئن نہ ڪا ڍڳي گاڏي هلندي آهي، پوءِ جھوني پراڻي ٿيندي آهہ، چيچاٽ ڪندي آهہ، تئن منهنجي حالت ٿي آهہ. هاڻي مان توهان کان موڪلائڻ چاهيان ٿو.“ پوءِ وڻ هيٺ ليٽي پوي ٿو. سندس شش اَچي ڪٺا ٿيا آهن. اُنهن کي خبر پئجي ويئي آهہ. اُنهن کي پڇاڙيءَ ۾ هي اَکر ڏيئي وڃي ٿو:- ”اَت ديپ!“ اَت ديپ معنيٰ پنهنجي جوت توهين پاڻ جڳايو! ديپ معنيٰ ديپڪ، ڏيئو. پنهنجا ڏيئا توهين پاڻ ٿيو. ٻئي جي جوت تي توهين نہ هلو. اَسين هلون ٿا شاسترن جي جوت تي يا ٻين سنتن جي جوت تي. گوتم چوي ٿو:- توهين پنهنجي جوت پاڻ جڳايو. ٻئي جي جوت تي هلندا، ٻيا توهان کان جدا ٿي ويندا، توهين وري اونده ۾ پئجي ويندا. توهين پنهنجي جوت پاڻ جڳايو. هميشھ توهين

مان هينئر پيٽ سان ٿي آهيان. مون کي ٻار ٿيو آهي. هاڻي منهنجي لاءِ ڪجهه ته ڪر. ڪو بندوبست ڪر جنهن مان ويم پوريءَ طرح سان ڪري سگهان. تون رڳو پنهنجا ستسنگ پيو هلائين. منهنجو ويچار ئي نٿو ڪرين.“ لوڪ ٻڌن ٿا: چون ٿا:- ”هي اهڙي ئي قسم جو آهي. ٻاهران ڏسڻ ۾ سنت پيو اَچي.“ اَڌ ته ستسنگ خالي ٿي وڃي ٿو. اَڌ ماڻهن چيو:- ”ههڙي هڪ ماڻهوءَ سان اَسان جو ڪهڙو واسطو، جو اَهڙا ڪم پيو ڪري. ليڪچر وڏا ٿو ڏئي، پر سندس جيون ڪهڙي؟“ اَڌ ته ستسنگ خالي ٿي وڃي ٿو. هيءَ روز اَچي ستسنگ جي ٻاهران بيهندي هئي. روز اِهي اَکر چوندي هئي ۽ روز گوتم سانت ۾ ٻڌندو هو، لنگهي ويندو هو.

هڪ ڏينهن آئي آهي. هن جو پيٽ ويو آهي وڏيڪ وڏيڪ وڌندو. هڪ ڏينهن اَلائي ڇا ٿيو؟ هيءَ اَکر ويٺي چوي، اوچتوئي اوچتو هيءَ اَندران ڪو ڪاٺ جو گولو ٻڌي آئي هئي، مٿان ڪپڙا ٻڌل هئا، اُهو اَندران ئي اَندران ڪِري پوي ٿو. پيٽ يڪدم اَندر هليو ويو. تڏهن ماڻهن پروڙ پاتي ته هن مائيءَ سنت کي بدنام ڪرڻ واسطي اِهو ڪم ڪيو. ڪيڏو نه سَتائين! پر گوتم چوندو هو:- ”مان سڀ ڪجهه سهندس لوڪن جي صدقي!“

”لوڪن کي هِت ڪارڻي، سنت پئي فقير!“

لوڪن جي ڀلي واسطي هنن کي چوندو هو:- ”اَچو ته مان توهان کي ڇوٽڪاري جي راهه ٻڌايان.“ هڪ ڏينهن چيائين:- ”جنهن سمنڊ جو پاڻي کهڙي هنڌان به ڪڍو، توهان کي ڪارو سواد ايندو، تنهن منهنجي سکيا توهين ڪنهن به

پيار آهه پنهنجي جيون لاءِ، جهڙو مون کي ۽ توهان کي، اُن کي ڪُهِي ٽڪرا ٽڪرا ڪري اُن مان قيمو ٺاهيو.

منهنجو وقت اَچِي پورو ٿيو آهي. پيارو پريو توهان تي آسيس ڪري! اَجوڪي ڏينهن پنهنجن گهرن ۾ موٽو، اَڄ کان ٿِي چئو:- پل اَميءَ ڪجهه به ٺاهي رکيو هجي، پرواه نه ڪريو. چئو:- اَڄ بڪ ڪيندا سين، پر اِن هنسا جي ڪاڏي کي هٿ نه لڳائيندا سين. اُن کان پري رهندا سين. اَسان کي هنسا جو ڪاڌو نه کپي!

ڪَشي ڪانَ ڪمان ۾، ميان مار مَ مون:
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو توکي لڳي!

جڏهن ويندا وڏيڪ ديا ڪندا، تڏهن توهان جو اَنتهڪرڻ ويندو وڏيڪ صاف ٿيندو. ۽ صاف اَنتهڪرڻ ۾ هڪ ڏينهن اَچِي جوت جاڳندي. اَسان کي رڳو اَندر جي صفائي ڪرڻي آهه. جوت ہري پيئي، پر اها جوت هينئر ڍڪيل آهي. اُن تي پردا اَچِي ويا آهن ڪِن، گند، مٽل جا. اُهي پردا اَسان کي اُتارڻا آهن. پردا اُتري ويا: جوت اَچِي جاڳندي.

گوتمَ ٻڌ کان پڇيائون:- ”تنهنجو نيٺ پيغام ٿورن اَکرن ۾ ڇا آهه؟“ گوتم ٻڌ چيو:- ”ٿورن اَکرن ۾ منهنجو پيغام هِي آهه:- ڪنهن کي تڪليف نه پهچايو.- نه ويچار ۾، نه وچن ۾، نه ڪرتويه ۾. جيئرن جو ڀلو ڪري سگهو، ڪندا رهو! ۽ پنهنجي من کي وڌيڪ نرمل، پوتر ڪندا.“

اِهي ٿورا اَکر اَڄ پاڻ سان کڻي وڃو. توهان جو هٿ اَچڻ سڦل ٿِي پوي ۽ پمپري هڪ نئين قسم جو نگر ٿِي

پوءِ جوت منڊل ۾ نواس ڪندا. اِها جوت، گوتم ٻڌ سيڪاريو، آهي ديا جي جوت، آهي پريم جي جوت، آهي محبت جي جوت. اِن ڪري ديا ڪريو.

اَڄ مان اَدب جا هٿ ٻڌي توهان مان هڪ هڪ کي بينتي ڪندس:- ”ديا ڪريو! دياَ ڪريو! ديا ڪريو! دل جي اَندر هڪ هڪ پراڻي ماتر واسطي ديا اُڀاريو!“ سنت تلسي رامايڻ ۾ چوي ٿو:-

”ديا ڌرم ڪا مُول هئہ، نرڪ مُول اَيمان:

تلسي ديا نہ ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ مه پران!“

سنت تلسي چوي ٿو:- ڌرم آهہ اِهو. ٻيو ڪو ڌرم ڪين آهہ. مندرن لڪاڻن ۾ وڃڻ، مٿا ٽيڪ ڪرڻ، ناريل رکڻ، گل چاڙهڻ، اِهي سڀ ڳالهيون سٺيون، پر ڌرم جو تت آهہ ديا. جي توهان جي دل ۾ ديا ڪين آهہ تہ توهين ڌرم کان پري آهيو.

”تلسي ديا نہ ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ مه پران!“

جيستائين توهان جي سرير ۾ پران پيو آهہ، تيستائين ديا نہ ڇڏجو! ديا ڪريو! هڪ هڪ پراڻي ماتر تي ديا ڪريو! هڪ هڪ جو ڀلو چاهيو! اِن ڪري ڪوشش ڪريو هنسا جي ڪاڏي کان پري رهو! توهين پاڻ کي اُن پراڻي ماتر جي جڳهہ ۾ وجهي ڏسو. توهان وٽ اَمي ٿامي اَچي ٿي قيمي جا ڪوفتا: اَچي ميز تي رکي ٿي: توهين چئو ٿا:- کهڙو نہ سوادي کاڌو آهي! اَمي! تو اَڄ تمام سٺي dish اَسان کي کاراَئي آهہ. پر ڪڏهن ويچار ڪريو تہ اِهو قيمو ڪٿان ٿيو؟ اِهو قيمو ٿيو جڏهن هڪ پراڻي جنهن کي اوتروئي

(٥٨)

من کي پيارا! هڻ ڪال جو تيرِ

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

جاڳو! جاڳو! جاڳو!

اَڄ صبوح جو مان اُٿيس. مون کهڙو آواز ٻڌو؟ مون ساڌو واسواڻيءَ جو آواز ٻڌو. اُن آواز مونکي ڇا چيو؟ هڪ ئي اَکر چيائين. اُهو هڪ اَکر آهه:- "جاڳو! جاڳو! جاڳو!" منهنجا پيارا ڀائرو، منهنجو ڀينرون! جاڳو! جاڳو! اَڃا گهڻو وقت توهين ستل رهندا؟ ننڊ ڇڏيو! غفلت ڇڏيو! پنهنجي جيون ۾ اِڪ آتم آڻيو! اِهو هڪ اَکر "جاڳو" اَڄ مان پاڻ سان کڻي آيو آهيان. توهان وٽ ڇڏي وڃڻ چاهيان ٿو.

١١٣ ورهيه اَڳ، ڪارتڪ ايڪادشيءَ جي ڏينهن، سويل صبوح جو پنجين بجي، ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ٿئي ٿو پري پري سنڌڙي ۾. سنڌڙي جيئہ جندڙي! اَسان سين جي مٹڙي! پرڀات جي پردي ۾ ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ٿئي ٿو، جنهن وقت لوڪ ستل هئا. اَسان مان ٿورن کي اَمرت ويلي جو قدر ٿئي ٿو. اَسان مان ڪي ٿورو سويل صبوح جو اُٿي پياري پريوءَ جو ڪجھ ڌيان ڪريون ٿا. پياري پريوءَ جي مهما جا گيت ڳايون ٿا، پر اَهڙا بلڪل ٿورا. اَڪثر ڪري لوڪ ستل آهن.

پوي. هيترا جي وجهِ اِن سکيا ۾ پنهنجي جيون ۾ڏن ته نئين ڪالونيءَ تي پوي! پياري پريوءَ جي توهان تي آسيس ٿئي! توهان جي صدقي هن داس تي آسيس ٿئي! شل هن دم ڪان وٺي اَسين ڪوشش ڪريون ۽ پڪاريون:- پريو! اَسان کي تون سگهه ڏي، شڪتي ڏي، اَسان کي سُمت ڏي، جئن اَسين ڪنهن کي نه رنجايون، ڪنهن کي تڪليف نه پهچايون. جيترن جو ڀلو ڪري سگهون، ڪندا رهون! ۽ پنهنجي من کي وڃون وڌيڪ وڌيڪ پوتر ڪندا. هڪ سچائي ڏينهن صاف اَنتهڪرڻ ۾ اَسين به جوت جو ديدار پايون، پنهنجو مانک جنم سڦل ڪريون!

(پمپري: ٩١.٥.٢٦)

ايڪادشيءَ جي ڏينهن، سويل صبوح جو پنجين بجي جنهن وقت لوڪ ستل هئا. جڏهن ته ساڌو واسواڻي پاڻ سان اِهو هڪ اَڪر ڪٺي آيو، جو اَڪر پوءِ وڃي پکيڙيائين. پارت جي ڪند ڪرچ ۾ ويو. جتي ويو، اُتي وڃي چيائين:- "اَجا ڪڏهن توهين جاڳندا؟ اَجا ڪڏهن توهين پروڙ پائيندا ته هي مانک جنم توهان کي ڪهڙي ڪرتويه واسطي مليو آهه ۽ توهين ڪهڙين ڳالهين پنيان پيا ڦٽو ڪريو؟ جاڳو! جاڳو! ننڊ ڇڏيو! غفلت ڇڏيو! هاڻي جيڪي سال گذري ويا، سي گذري ويا. باقي جيڪو وقت بچيل آهي، اُهو شل توهين سڦل ڪريو!

ڪارتڪ ايڪادشيءَ جي شاسترن ۾ ڏاڍي مهما ڪيل آهي. اُن ڏينهن اِئين اَسان کي پڌايو وڃي ٿو ته جيڪو به شري ڪرشن کي سچيءَ دل سان پڪاري ٿو، اُن جي شري ڪرشن جنم جنم ۾ رکيا ڪري ٿو.

پراچين پستڪن ۾ هڪ ڏاڍي مٺي ڳالهه جو ذڪر ڪيل آهي ته هڪ ٻالڪي ننڍي عمر ۾ وِڌوا ٿئي ٿي. سندس حالت ڏاڍي ڏکي ٿئي ٿي. ڪارتڪ ايڪادشيءَ جي ڏينهن دل جي اونهائيءَ مان شري ڪرشن کي پڪاري ٿي:- "ڪرشن! تون منهنجي مدد ڪونه ڪندين؟ تون منهنجي رکيا ڪونه ڪندين؟ تون مون وٽ ڪونه ايندين؟ تون ديئن جو بندڌُ آهين: تون منهنجي سنڀال ڪونه اَچي لهندين؟" چون ٿا، اُها ٻالڪي جا ننڍي هوندي ودوا ٿي، ٻئي جنم ۾ ستياما جو جنم وٺي اَچي ٿي. ستياما، جا شري ڪرشن جي اِستري ٿي. ڪارتڪ ايڪادشيءَ جو ملهه، چوندا آهن، ايڏو آهه.

منهنجا پيارا! اَجوڪي پوتر ڏينهن مان پاڻ سان اِهو

مان توهان کي هڪ ڳالهه ٻڌايان. توهان کي جي صحت کپي تہ صحت جو هڪ قانون هي آهه تہ سج اُڀرڻ کان اڳہ توهين ضرور اُٿو. سج اُڀرندو هوندو سوائين ڇهين، ساڍي ڇهين، پوڻين ستين بجي. هن موسم ۾ تہ وڏا فائدا آهن. بونس (bonus) ملي ٿو. پوڻين ستين بجي سج اُڀري ٿو. سج اُڀرڻ کان پوءِ نہ اُٿو. سج اُڀرڻ کان پوءِ جيڪي اُٿن ٿا، اُنهن جي کهڙي حالت ٿئي ٿي. توهان آبشار ڏٺو هوندو: مٿان پاڻي ذم سان ڪِرندو آهي. اهڙيءَ طرح سج جون لهرون ايڏي ذم مان اَچي اُنهن تي ڪِرن ٿيون، جي اُن وقت سمهيا پيا آهن، اُنهن جي رڳن تي pressure اَچي ٿئي ٿو. آهستي آهستي اُنهن جي صحت وڃي ٿي بگڙجندي. اِن ڪري سج اُڀرڻ کان اڳہ ضرور اُٿو. اَمرت ويلي جو وقت آهي ٽي کان ڇهين بجي تائين. اِهو وقت ڏاڍو عجيب آهي. جن کي آزمودو مليو آهي، اُهي توهان کي ٻڌائي سگهندا تہ اَمرت ويلي وقت ديوتائون پنهنجي هٿ ۾ اَمرت ڪٽي نڪرندا آهن. اُهو اَمرت ڏيندا آهن اُنهن کي، جيڪي اُن وقت سجاڳہ هوندا آهن. ڀل توهين نام نہ جپيو، ڀل توهين ٻاڻيءَ جو پاٺ نہ ڪريو، پر رڳو توهين اَمرت ويلي جو ٽي کان ڇهين بجي تائين اُٿي وهو. چوڪيدار اُٿي ويٺا هوندا آهن. ڪين مفت ۾ اَمرت مِلي ٿو وڃي. اَسين اَمرت جا تلاشي آهيون، پر هنن کي اَمرت مفت ۾ ملي ٿو. رڳو ويٺا هجو. بس، پر جي وهندا، ضرور دل ٿيندو ويهي نام اُچاريون، پريوءَ سان گفتگو، پريوءَ سان ڳالهيون ڪريون. اَمرت ويلي جو وجهہ نہ وڃايون.

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ٿئي ٿو پوتر ڪارتڪ

ٻک ٿي تہ اَڄ جو پيغام آهي:- ”جاڳو! جاڳو!“ وچن ڪهڙو آيو؟ ماَن پاڻ سان لکي ڪٽي آيو آهيان:-

جن سويا تِن کويا:
جن جاڳيا تن پايا!

جاڳِي جاڳِي رام ريجهاءِ!

ڌن دؤلت اَٿيئي ڌوُڙ:
پوءِ ڇو پيو ڪمائين ڪوُڙ؟
جڳہ سارا فاني فانِي،
دو دِن ڪِي اَٿيئِي مزمانِي!

جاڳِي جاڳِي رام ريجهاءِ!

جو سڄاڳہ ٿئي ٿو، اُن جِي نشانِي آهي، اُهو رام ريجهائي ٿو. ڪم ڪار ڪري ٿو، پر پنهنجي رام کي ريجهائي ٿو. منهنجا پريتم، منهنجا محبوب، اَڄا ڪڏهن؟

ڪوُڙا بنگلا، ڪوُڙيون ماڙيون:
ڪال ڪري پيو ترت تياريون!

خبر ئي ڪين ٿي پوي، ڪال ڪڏهن ٿو اَچي؟ مونسان اَڄ ڳالهہ ڪيائون. منهنجي دل اُنهن پيارن وٽ ويئي. چيائون تہ چاليهي جو ميلو هو. چاليهي جي ٿلهي تي اَنبوهہ ماڻهن جا اَچي ڪٺا ٿيا هئا. پوءِ اَچي مينهن پيو. شايد ڪي ڏاڪڻ تان چڙهيا يا لٿا پئي. پٽ ڪِري پيئي. ١١ جڻا گذاري ويا. اُنهن جي اَندر ڪيڏيون نہ آسوُن هونديون. ڪي منشائون ميلي تي رکي ويا هوندا. اِئين ئي ويچارا ڪال جو بَکُہ ٿي ويا. اُنهن لاءِ توهين پرارٿنا ڪجو. جٽ هجن، اُت پياري پريوءَ جي ڪمل چرنن جي نزديڪ رهن ۽ اُتان اَسان سين ڪي پنهنجِي

سوال ڪٽي آيو آهيان:- ”توهين اَجا ڪڏهن جاڳندا؟ توهان کي اَجا ڪڏهن پنهنجي چنتا ٿيندي؟ سال وڃن پيا گذرندا، هٿن مان وڃن پيا کسڪندا ۽ توهين پنهنجي آنند ۾ ويٺا آهيو. ڇا تہ توهين وسري ويا آهيو؟ اَسان کي تہ پنهنجي حال تي روئڻ گهرجي. اهڙي اَسان جي حالت آهي. اَجا ڪڏهن توهين چنتا ڪندا؟“

هڪڙي پيڻ مون کي ڳڏي. سندس منهن ۾ چنتا هئي. ٧٨ ورهين جي ٻڍي هئي. مون چيومانس:- ”اَمي! توکي چنتا آهي؟“ چيائين:- ”چنتا تہ اَٿم.“ چيومانس:- ”ڪهڙي چنتا؟“ چيائين:- ”ٻارن جي چنتا، ٻيو وري ڪهڙي چنتا؟“ مون چيومانس:- ”ٻارن جي چنتا تہ ڪرين ٿي، پر پنهنجي چنتا ڪئي اَٿيئي؟ ٧٨ ورهين تي اَچي پهتي آهين. عمر تہ ڪافي چڙهي آهين. اَڄ سڏ ٿئيئي، سڀان سڏ ٿئيئي، ٻئي مهني سڏ ٿئيئي، ٻئي سال سڏ ٿئيئي. پوءِ تو پنهنجي چنتا ڪئي آهي؟“ چيائين:- ”پنهنجي تہ چنتا ڪئي ڪونہ اَٿم.“

اَسان جي حالت اِها آهي. ٻارن جي چنتا ڪريون ٿا. توهان ٻارن جي چڱي سنڀال لڌي آهي، توهان ٻارن کي ڏنڌي ڌاريءَ ۾ لڳائي ڇڏيو آهي. هاڻي ڇڏي ڏيون. هاڻي پنهنجي چنتا ڪريو. پنهنجي چنتا اَجا ڪڏهن ڪندا؟ ڏسو ڪال تہ اَچي پيو ڪاهي!

مون توهان کي چيو نہ اَڄ صبوح جو مونکي آواز ٻڌڻ ۾ آيو. آواز چيو:- ”جاڳو! جاڳو!“ پوءِ اَٽڪل ١٠ بجي اَسان هون ٻاريو. هون ٻاري اَسان پوڄا ڪئي. پوءِ نُوري گرنٿ مان وچن ورتوسين. وچن ۾ بہ اِهي ساڳيا اَکر آيا. تڏهن مون کي

هتي اَچڻو آهه. رڳو مساڻي ۾ ويندا تہ اِهو ويچار ايندو تہ اَسان کي نيٺ هتي اَچڻو آهي. اِتان باهہ جي دوار مان لنگهي اَڳتي هلڻو آهي. اسين هليا هلنداسين. سرير اِتي ئِي رهجي ويندو. پاڻ کي، پنهنجي من کي اِهو پرڀوت ڏيڻو آهي.

سنڌ ۾ هوندو هو وتايو فقير. کيس چريو ڪري ڪوٺيندا هئا، پر چريو ڪين هو. هلندو اِئين هو ڄڻ تہ مست آهي، پر ڳالهيون برهم گيانين جون ڪندو هو. هميشه ٽوپي پائيندو هو. ٽپ ٽپ تي هميشه سندس هٿ مٿي تي ويندو هو. ڏسندو هو تہ ٽوپي رکي آهي يا نہ. هڪڙي ڏينهن هڪ ماڻهو هن جي ٽوپي ڪڍي ويو. مٿي تي هٿ لاهي: ٽوپي ٿهي ئي ڪين. ڏاڍي ٽوپيءَ جي ڳولا ڪيائين، پر ٽوپي لڀي ئِي نہ. نيٺ هِي وتايو فقير وڃي مساڻن ۾ ويٺو. چيائونس:- ”تون هٿ مساڻن ۾ ڇو اَچي ويٺو آهين؟“ چيائين:- ”جنهن ٽوپي کنئي آهي، سو هڪ ڏينهن مساڻن ۾ ضرور ايندو.“ هن ماڻهوءَ کي خبر پيئي. چيائين:- ”هن فقير جي پَتَ نہ لهي.“ سو يڪدم وڃي ٻي اَهڙي ٽوپي ٺهرايائين، پوءِ ٻَئِي ٽوپيون کڻي اَچي پيري پَئي چيائين:- ”سائين، مون تنهنجِي ٽوپي کنئي اِن ويچار سان تہ مون کي ماپ کپندي هئِي تہ توکي بِي ٽوپي ٺهرائي ڏيان. سو تون هي ٻَئِي ٽوپيون وٺ ۽ ڪرپا ڪري تون مساڻن مان نڪر، نہ تہ مونکي يڪدم مساڻي ۾ اَچڻو پوندو.“ نيٺ مساڻن ۾ هڪ ڪي اَچڻو آهي.

ڏسو، سنسار ڪيڏو نہ بي وفا آهي. هڪ ماڻهوءَ مونکي غريبن جي شيوا لاءِ چيڪ موڪليو. مون چيڪ موڪليو آفيس کي ۽ آفيس چيڪ موڪليو بئنڪ کي. بئنڪ چيڪ واپس

آسيس موڪلين، جئن اَسين اُنهن جي هن هڪ ڳالھ مان سبق سکون تہ هن جيون تي بقاءُ ڪين آهي. ڪنهن بہ وقت ڪال جو سڏ ٿئي. اَسان جو پيارو پرنسيپل ڪندناڻي، جنهن هيڏو وڏو ڪاليج اَڇي هٿي ڪوليو، ڪلھ صبوح جو گذاري ويو. مونسان سندس ڏرمپتنيءَ ڳالھ ڪئي. مونکي چيائين تہ ڪيس پستن جو وَڙو ڏاڍو وڻندو هو. مون اِهو وَڙو ڏاهيو. مون کي چيائين اِهو وَڙو ڏاهي رکي ڇڏج. ڪنهن کي ڏج نہ. مون کي تڪر تڪر ڪري روز ڪارائج. وَڙو رهجي ويو پر پاڻ هلندو هليو! اَهڙي سنسار ۾ اَسين رهون ٿا. ڪنهن وقت بہ ڪال اَچي ڪڙڪي. اِن ڪري تياري ڪريون. پنهنجي چنتا ڪريون. ٻين جون چنتائون توهان گهٽيون ڪيون آهن. هاڻي اُهي سڀ ڇڏي ڏيو. اُهي سڀ ڏيو پريوءَ کي:- ”پريو! تون ڇا جي لاءِ ويٺو آهين؟ مان ڇو ويٺي چنتا ڪريان؟ مان ڇو ويٺو چنتا ڪريان؟ چنتا تنهنجي آهي، پر مان شل پنهنجي چنتا ڪريان. مونتي آسيس ڪر تہ باقي زندگي، جا بچيل آهي، سا مان پوريءَ طرح خرچ ڪريان.“

هڪ هڪ ايڪادشيءَ کي ڪنهن نہ ڪنهن نالي سان سڏيندا آهن. ڪارتڪ ايڪادشيءَ کي ڪوٺين پربوڌني ايڪادشي. اِها ايڪادشي آهي من کي پربوڌ ڏيڻ واسطي. جيڪي توهان کي ٻڌي ٿو، سو آهي مَنُ. جيڪو توهان کي ڇوتڪارو وٺي ڏيندو، سو بہ آهہ مَنُ. مَنَ کي جي توهين پربوڌ ڏيو، توهان کي ڇوتڪارو وٺي ڏيئي سگهي ٿو. ۽ هيءَ پربوڌني ايڪادشي آواز ڪٽي اَچي ٿي:- ”من کي پربوڌ ڏيو.“ سنڌ ۾ اَسان وٽ اِهو رواج هوندو هو. مساڻن ۾ ميلا لڳندا هئا. پيارا، نيٺ توکي

هو. سانت ۾ ويٺو هوندو هو، ويٺو پاڻ کان سوال پڇندو هو:- "مان هت ڪهڙي ڪرتويه واسطي آيو آهيان؟ مان ڪير آهيان؟ مان هيِ سرير ته ڪين آهيان. مان من ته ڪونه آهيان. اَسين پاڻ کي سرير ڪري پيا سمجهون. سرير جي پيا پوڄا ڪريون.

هڪ ڀيڻ مون کي ڳڏي: چيائين:- "تيار ٿيڻ ۾ مون کي ٽي ڪلاڪ لڳن." تيار ٿيڻ ۾ ٽي ڪلاڪ؟ چيومانس:- "مطلب ڪهڙو؟ ڇا جي واسطي تون ٽي ڪلاڪ وڃائين ٿي؟" چيائين:- "پارٽيءَ تي ويندي آهيان: پوءِ چوندا آهن: تون ڪهڙي نه سهڻي ٿي لڳين؟" "اَڙي، سهڻو ته هيِ سرير آهي. اِهو سَرير ته هڪ ڏينهن ڇٽ ٿي ويندو. اِن سرير تي تون ايترو وقت ٿي وڃائين؟ جنهن پدارٿ ولڻ واسطي تون هتي آئي آهين، اُهو ته تون وٺين ڪين ٿي."

ساڌو واسواڻيءَ ننڍي هوندي کان وٺي پاڻ کي اِها سکيا ڏني ته مان هيِ سرير ڪين آهيان، مان هيِ من ڪين آهيان. مان ته ڪا ٻي چيز آهيان. مونکي پياري پريوءَ کنهن خاص ڪرتويه واسطي موڪليو آهي. شل اُهو خاص ڪرتويه مان پالن ڪريان. شل مان پريوءَ کي سمست جيون اَرپن ڪريان. ماتا ڏٺو ته هيِ ويراڳ ۾ وڃي ٿو وڃندو. چيائين:- "هن کي شادي ڪرائبي ته شايد سڌو ٿي ويندو." ماتائون اِئين سمجهنديون آهن.

هڪ ماڻهو مدراس مان مون وٽ آيو. ۵۵ ورهين جو هو. سندس زال گذاري ويئي. ماتا کيس چيو:- "هاڻي ٻي شادي ڪر." "اَڙي، ۵۵ ورهين ۾ مان شادي ڪئن ڪندس؟" مون وٽ ويچارو آيو. مون چيومانس:- "ماتا توکي تنگ ٿي

ڪيو. چيائون تہ ”اَسين اِن چيڪ جا پئسا ڪين ڏينداسين.“ ”ڇو نہ پئسا ڏيندا؟“ چيائون تہ ”اَسان کي خبر پيئي آهي تہ هِي ماڻهو ڪلهہ گذاري ويو.“ ”اَڙي، گذاري تہ ڪلهہ ويو، پر چيڪ تہ هن هفتو اڳہ ڪڍيو هو ۽ سندس صحيح پيئي آهي.“ چيائون:- ”هِي گذاري ويو تہ هن جو ڪم ڇٽو. هن جِي ڳالهہ اَسين ٻڌنداسين ڪين.“ هاڻي پئسا سندس بئنڪ ۾ رکيل هئا، پر ڇو تہ گذاري ويو، سندس چيڪ متجي ڪين سگهيو. دنيا بي وفا آهہ. اِن دنيا سان توهين گهڻو وقت ناتو رکندا؟

پيارو دادا ساڌو واسواڻِي وري وري چوندو هو تہ من کي هٿو ڪال جو تير! توهين جي مَن کي پرڀوءَ ڏيڻ چاهيو تہ من کي هٿو ڪال جو تير. من! اُهو ڏينهن اَچيئِي پيو، جنهن ڏينهن هِي سڀ ڪجهہ توکي ڇڏڻو پوندو. هِي بنگلا ماڙيون سڀ ڪجهہ فانِي اَٿيئِي. هڪ اَٿيئِي نتيہ پدارٿ، جو هميشهہ هلي ٿو. اُهو نتيہ پدارٿ اَٿيئِي نام. من! نام جِي ڪمائِي ڪر! اُٿندي وهندي، هلندي چلندي، جاڳندي سمهندي تون نام جپ!

”جس وکر ڪئہ لئہ تون آئيا!“

جنهن وکر وٺڻ واسطي پيارا، تون هن بزار ۾ آيو آهين، اُهو وکر تو وساري ڇڏيو آهي. ٻيا وکر گهڻيئِي ٿو وٺين. کهڙيون نہ اُچيون اُچيون ساڙهيون ٿو وٺين. کهڙا نہ بَکل ٿو وٺين. ٻيون ڪيتريون شيون ٿو وٺين، پر جنهن وکر وٺڻ واسطي تون هِت آيو آهين، اُهو تہ تون نٿو وٺين. نتيہ پدارٿ اَٿيئِي نام.

ننڍِي هوندي کان وٺِي ساڌو واسواڻِي هڪ نرالو پيار

واسواڻيءَ ڏنو، هن سان جي ڳالهه ٻولهه ڪبي ته ڦاسجي وڃبو.
سو جيڪو به سوال شري ڀارمل پڇي ته سادو واسواڻي جواب
ڏئي:- ”ڪر ڪا خبر، حقيقت جي خبر؟“ هو چويس:- ”ٻلا!
ڪاليج ۾ وري ڪڏهن وڃڻو اٿيئي؟“ چوي:- ”ڪر ڪا خبر،
حقيقت جي خبر؟“ وري پڇائينس:- ”ڀڳهار گهڻو ملندو اٿيئي؟“
”ڪر ڪا خبر، حقيقت جي خبر؟“ هن ماڻهوءَ نيٺ چيو:-
”هي ته ڪو مست آهي.“ ماتا کي وڃي چيائين:- ”هن مست
ڇوڪري کي تون شادي ڪرائيندينءَ، ڇوڪري ويچاريءَ جي
ته جند ئي اُڙجي ويندي. هن ڇوڪري کي ڪڏهن به شادي
نه ڪرائج.“ پوءِ پيارو دادا پاڻ اسان سان اِها ڳالهه ڪندو هو.
چوندو هو ته جي دنيا مان ڇٽڻو آهي ته مست ٿي ڇٽڻو آهي.
مست ٿيو. مست ٿيندا، تڏهن ڇٽندا.

شري شنڪر آچاريه چوي ٿو ته زندگيءَ جون ٽي نعمتون
آهن:- (اَ) مانکه جنم. اسان مان هڪ هڪ کي اِها نعمت
ملي آهي،- مانکه جنم. نه ته اسين ڪِريون، ريڍون، مڇر
ٿي سگهون ها، مڇيون ٿي سگهون ها. هتي مان آيس ٿي،
مون ڏٺو دڪان تي مئل مڇيون رکيون هيون. اسين مڇيون
ٿي سگهون ها. پربوءَ جي ڪيڏي نه ڪرپا، اسان کي مانکه
جنم ڏنو اٿس. ڪهڙي ڪرتويه واسطي اسان کي هي مانکه
جنم مليو آهي؟

پيارو دادا سادو واسواڻي هڪ ڏينهن هڪ رستي تان
پئي هليو، جتي جڳهه پئي ٺهي. ماڻهو ويٺا هئا، پٿر پئي ڪٽيائون.
جنهن پٿر ويٺي ڪٽيا، تنهن کان سادو واسواڻيءَ پڇيو:- ”پيارا،
تون ڇا ويٺو ڪرين؟“ چيائين:- ”سائين، مان پٿر ويٺو ڪٽيان.“

ڪري، تون اَچي آشرم ۾ رهه." ۵۵ ورهين ۾ وري بہ شادي. ماتائون اِئين آهن.

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ماتا چيو، مان هن کي شادي ڪرايان. تن ڏينهن ۾ ساڌو واسواڻي پروفيسر هو. ڏاڍو هوشيار وديارٿي هوندو هو. پهريون نمبر ايندو هو. وڏي ۾ وڏو تن ڏينهن ۾ M.A. جو اِمتحان هوندو هو، اُهو پاس ڪيائين. سندس مرضي هئي تہ مان وڃي دکين دردرن جو دوست ٿيان، وڃي پريوءَ جو اِڪ خادم ٿيان. ماتا چيس:- "جيستائين مان حيات آهيان، تيستائين تون اِهي ڳالهيون نہ ڪر. مان گذاري وڃان، پوءِ توکي جيڪي کپي، سو ڪج." پيارو دادا ساڌو واسواڻي وڃي پروفيسر ٿيو. ماتا چيو تہ "هاڻي مان هن جي شادي ڪرايان." مائٽين واريون ڪيتريون اِينديون هيون. ساڌو واسواڻي اِيندو هو، اُن کي چوندي هئي تہ هيءَ سهڻي ڇوڪري اَٿيئي، هيءَ وڏي ڪُل جي ڇوڪري اَٿيئي. ساڌو واسواڻي چوندو هو:- "اَمي، بيون سڀ ڳالهيون مان تنهنجون مڃيندس، پر مونکي شاديءَ ۾ نہ گهير. مان چاهيان ٿو تہ مان آزاد رهان. توسان پنهنجو اَنجام پورو ڪري ۽ پوءِ جي پيارو پريو مونکي حياتي ڏئي، اُها سڄي پياري پريوءَ جي چرنن ۾ اَرپن ڪريان."

ماتا پنهنجي ڪٽنب جي هڪ وڏي کي چيو تہ "تون اَچي هن کي سمجهاءِ." اُن جو نالو هوندو هو شري بهار مل. شري بهارمل هوندو هو هڪ State جو ديوان. وڏو عهدو اُن جو هوندو هو. شري بهارمل آيو ۽ اَچي ساڌو واسواڻيءَ سان گڏ ويٺو. چيائينس:- "پٽ، مون ٻڌو آهي تہ تون شادي نٿو ڪرڻ چاهين. توکي شاديءَ جي خلاف ڪهڙو ويچار آهي؟" ساڌو

جا سون کان وڌيڪ ملهائتي آهي. اُها ڳالھ کهڙي آهي، جنهن جي تلاش ۾ تون وڃين ٿو؟" تڏهن ياگنولڪيہ چوي ٿو:- "مئتري! برابر، مان وڃان ٿو اُن ڳالھ جي تلاش ۾، جنهن کان وڌيڪ ملهائتي ٻي ڪا چيز ڪانہ آهي." اَسين ڪئن نہ دنيوي ڳالهين لاءِ جهيڙا ڪريون ٿا، جهڳڙا ڪريون ٿا، پر اُها ڪهڙي چيز آهہ، جنهن کان وڌيڪ ملهائتي ٻي ڪا چيز ناهي. اَمرا پد هڪ ڪي پائڻو آهہ. اَمرا پد ڪئن پراپت ٿئي؟ گروجن پنهنجي باڻيءَ ۾ چون ٿا:- "اَمرت پيوءِ، اَمر سُ هوءِ!" اَمر اُهو ٿو ٿئي، اَمرا پد اُهو ٿو پراپت ڪري، جو اَمرت پيئي ٿو. گروجن کان پڇائون:- "اُهو اَمرت ڪهڙو آهہ؟" گروجن چيو:- "اُهو اَٿو نام جو اَمرت. نام جو اَمرت پيئو! ڀل توهين Limca پيئو، Thums-up پيئو، پر نام جو اَمرت ضرور پيئو."

نام جي ڪمائي ڪريو! ۽ ساڌو واسوانيءَ چيو تہ نہ وساريو تہ نام جا ٻہ روپ آهن دکي دردر، دين، مسڪين ۽ پسون پکي، جي روز روز پيا ڪسجن. اُنهن کي بہ ساڳي حياتي آهہ، جا توهان کي ۽ مون کي آهہ. جي اَسان کي ڪو پڪڙي وڃي تہ اَسان جي جيڪر ڪهڙي حالت ٿئي؟ اِها حالت اَسين لکن جي تعداد ۾ روز روز جانورن سان ڪريون ٿا.

وڌيڪ توهان کي ٽرسائيندس ڪين. هن سنت جا سکيا اَچي ڏني، شل اِها سکيا اَسان مان ڪن نہ ڪن جي دلين اَندر گهڙي وڃي! هڪ پاسي نام جي سکيا، ٻئي پاسي ديا جي سکيا. نام ڪمايو، ديا ڪريو!

هڪ ڏينهن هڪ ٻالڪي ساڌو واسوانيءَ وٽ اَچي ٿي.

”ڇا واسطي ٿو ڪُٽين؟“ ”سائين، اِن واسطي ته ڪجهه پئسا ڪمايان.“ ”ڇا واسطي ٿو پئسا ڪمائين؟“ چيائين:- ”سائين، پئسا ڪمايان، ٿو، جئن روٽي کائي سگهان.“ ”ڇا واسطي ٿو روٽي کائين؟“ چيائين:- ”اِن واسطي ته جيئرو رهي سگهان.“ ”ڇا واسطي ٿو جيئرو رهڻ چاهين؟“ جواب ڏيئي ڪين سگهيو. پر اِهو سوال مان توهان مان هڪ هڪ کان پڇڻ چاهيان ٿو:- ”ڇا واسطي هيءَ زندگي ملي؟ ڇا واسطي هي مانڪه جنم اَسان کي مليو؟ جنهن جنم واسطي ديوتائون ديولوڪ ۾ منتظر آهن، اُهو جنم اَسان مان هڪ هڪ کي مليو آهي: ڇا واسطي؟“ هي ساڙهيون پائي، پائوبر پينٽون هٽي پيا گهمون. پوءِ اوچتوئي اوچتو ڪال اَچي ٿو ڪنڌ کان پڪڙي ۽ پوءِ اَسين ٽائيمس آف اِنڊيا ۾ پڙهون ٿا ته فلاڻو گذاري ويو. گذاري ته ويو، پر جنهن ڪرتويه واسطي هت آيو، اُهو پُورو ڪري ويو يا نه؟ جي نه ته وري هن مانڪه جنم جو وجه اَلائي اَسان کي ڪڏهن ملي؟

”مانش جنم دلنڀ هئہ، هوت نه بارون بار!“

اُپنشدن ۾ هڪ ڳالھ جو ذڪر ڪيل آهي ته رشي ياگنولڪيه ڪيترا سال وديارٿين کي پاڙهي ٿو. پوءِ اَچي ٿو پنهنجي ڌرمپتني مئتريءَ وٽ. ڪيس چوي ٿو ته ”هي سون جون ڳوٿڙيون ڪٺي آيو آهيان، تو وٽ ڇڏي وڃڻ چاهيان ٿو. مون کي تون موڪل ڏي ته مان نڪران.“ مئتري چوي ٿي:- ”ڪٿي ٿو نڪرين؟“ ياگنولڪيه چوي ٿو:- ”مان جيڪر تلاش ۾ نڪران.“ ”ڇا جي تلاش ۾ تون وڃين ٿو؟“ تون سون ڏيئي مونکي وڃين ٿو تلاش ۾ اِن جي معنيٰ ته تون اُن ڳالھ جي تلاش ۾ وڃين ٿو،

شيام. ڪپيو مهامنتر اُچاريو:- ”هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري! هري رام هري رام، رام رام هري هري!“ جيڪو نام وٺيو، وڃو اُچاريندا. وڃو پاڻ کي نام جي رنگ ۾ رڱيندا. ۽ ٻئي پاسي ديا ڪريو! پاڻ کي اُن جڳھ ۾ وڃو. توهان جي جيڪر ڪهڙي حالت ٿئي؟ مونکي ڪو پڪڙي وٺي هلي ڪوس گهر ۾: چوي، توکي ٽڪرا ٽڪرا ڪندس: منهنجي جيڪر ڪهڙي حالت ٿئي؟ هي جانور ويچارا پيا ڪسجن. آهون ۽ دانهون ڪَندا اُهي مرن ٿا. اُهي آهون ۽ دانهون اُن گوشت ۾ پيئيون آهن. اُهي توهين کائو ٿا. ضرور توهان جا سرير هڪ ڏينهن بيمار ٿيندا.

وري ٻه هٿ اَدب جا ٻڌي توهان جي چرنن ۾ اِها وينتي رکندس: هڪ پاسي نام، ٻئي پاسي ديا. هڪڙو هٿ آهه نام، ٻيو هٿ آهه ديا. هڪڙو پير آهه نام، ٻيو پير آهه ديا. توهان جا ٻه پکه آهن. اُهي پکه کوليو ۽ اُڏامو. اُڏامي چداڪاش ۾ وڃي سئر ڪريو.

(اُلهاس نگر: ٨.١١.٩٢)

چويس ٿي:- ”مون توهان جا اُپديش گهڻيئي ٻڌا آهن. توهين چئو ٿا:- ماس آهار نہ ورتايو: پر مان ڇا ڪريان؟ مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي آهہ. مان پاڇيون کان ٿي، مون کي سواد اَچيئي نٿو.“ تڏهن ساڌو واسواڻي چوي ٿو:- ”مون کي هڪڙو ڪپ آڻي ڏيو.“ وڏو ڪپ هٿ ۾ جهلي، ٻالڪيءَ کي چوي ٿو:- ”جيترو ماس توکي کپي، مان توکي سرير مان ڪپي ڏيان، پر اِنهن گگدام پسن کي نہ کهاءِ.“ ٻالڪي اَچي چرنن ۾ ڪري ٿي، معافي گهري ٿي. چوي ٿي:- ”اَج کان وٺي مان ڪڏهن بہ ماس کائڻ جو ويچار بہ ڪين ڪنديس.“

اَڄ توهين ڪتا ٿيا آهيو جنم دن ملهائڻ واسطي. مان اِئين پيو سمجهان تہ ساڌو واسواڻي توهان جي اَڳيان اَچي بيٺو آهي هٿ ۾ ڇري کڻي: توهان کان پڇي ٿو:- ”توهان کي گهڻو ماس کپي؟“ جيترو ماس توهان کي کپي، مان پنهنجي سرير مان ڪپي توهان کي ڏيان، پر توهين انهن گگدامن کي نہ کهايو!“

اِهو پيغام، اِها سکيا، هن سنت ستپرکہ جي شل اَسين پنهنجن دلين اَندر کڻي هلون! هڪ پاسي نام ڳائيندا هلون. ڪم ڪار ڪندا رهون، ٻيا فرض پالن ڪندا رهون. رستي تان هينئر موٽنداسين، پنڌ ڪري پنهنجن گهرن ۾ ويندا سين، قدم قدم تي نام ڳائيندا ويندا سين. آفيسن ۾ وڃي ويهون، ٿوروئي وقت ملي، نام ڳائيندا رهون. رات جي وقت بستري تي ليٽيا ئي پيا هجون، نام ڳائيندا رهون. جيڪو نام توهان کي وڻي. سڀ نام اُن اِڪ وٽ وٺي هلندا، جو پاڻ اَنام آهي. جيترو نندو نام، اُهو فائدي وارو. جيڪو نام توهان کي وڻي،- رام،

اُٿ جاڳ! ننڊ نہ ڪر ايتري: ڪر تياري، ڪر تياري!"

هِي سڀ جيڪي ڏسون ٿا، سو اِڪَ سپنو آهي. جڏهن سجاڳ ٿينداسين، تہ پروڙ پائينداسين تہ هي سڀ سپنو هو! پوءِ اُٿي ٿي پڪار:- "ڪر تُرت تياري!" تياري ڪرڻي آهي. پيارا! پئسو پدارٿ توهين ڪمايو وِيئا، توهان کي ڏنيواد: پراُن مسافريءَ لاءِ ڪا تياري ڪئي اَٿو؟

راجا هڪ ڏينهن دربار ۾ ويٺو هو. ڪيس هڪ ماڻهوءَ اَچي چائنيز وِجڻو ڏنو. هي ماڻهو چائنا مان آيو هو. راجا کي چيائين تہ هي وِجڻو مون تنهنجي لاءِ آندو آهي. راجا پيو نهاري، پيو نهاري. سندس سامهون ويٺو هو دربار جو مسخرو. هڪ هڪ دربار ۾ مسخرو ٿيندو آهي. راجا اِهو وِجڻو ڪڍي اِن مسخري کي ڏنو ۽ چيائينس تہ "هي وِجڻو مان توکي ڏيان ٿو، پر جي توکان وڌيڪ ڪو مورکہ اِنسان توکي ملي وڃي تہ هي وِجڻو اُن کي ڪڍي ڏج." راجا جي چوڻ جو مطلب هو تہ سڀي اِنسان ذات ۾ تون ئي مورکن ۾ مورکہ آهين. اِن ڪري مان توکي هي وِجڻو ٿو ڏيان. پر جي توکي ڪو توکان بہ وڌيڪ مورکہ ملي وڃي تہ اُن کي اِهو وِجڻو ڏج.

سال گذري وڃن ٿا. راجا بيمار ٿي پوي ٿو. ڊاڪٽر جواب ڏين ٿا. راجا کي چون ٿا:- "هاڻي باقي ٿورا ڪلاڪ توکي زنده رهڻو آهي." مسخرو راجا کي ملڻ اَچي ٿو. چويس ٿو:- "راجن! مون ٻڌو آهي." راجا چوي ٿو:- "ها، هاڻي مسافريءَ تي هلڻو آهي." مسخرو چوي ٿو:- "راجن! مسافري ڪهڙي آهي؟ لنبي آهي يا ڇوٽي؟" راجا چوي ٿو:- "آهي تہ ڏاڍي لنبي." مسخرو چوي ٿو:- "راجن! جي لنبي آهي

(٥٩)

ڪئي اَٽيئي ڪا تياري؟

دادا:- اَڄ جو ويچار:-

”فاني اَٽيئي هي بنگلو، فاني اَٽيئي هيءَ ماڙي:
اُٿ جاڳ! ننڊ نہ ڪر ايتري: ڪر تياري، ڪر تياري!

پيارا! تون هِتِ اِئين ئي ويٺو آهين، جڻ وساري ويٺو آهين! هِتِ جيڪي شروع ٿيندو، سو ضرور پورو ٿيندو. تنهنجي زندگي هن پرٿويءَ تي شروع ٿي آهي: هڪ ڏينهن ضرور پوري ٿيندي. ۽ افسوس! تون ويسر ۾ ويٺو پنهنجو وقت وڃائين! ياد ڪر! بنگلن ۽ ماڙين ۾ تون خوش ٿي ويٺو آهين: تون پيو چوين، مون هن سال هي وڏو بنگلو ٺهرايو آهي: ڏهن سالن کان پوءِ هن کان وڌيڪ وڏو بنگلو مان ٺهرائيندس.

”فاني اَٽيئي هي بنگلو، فاني اَٽيئي هيءَ ماڙي!“

فانيءَ جي معنيٰ ناسونت. اَڄ آهي، سڀاڻ ڪونہ هوندي. يا اُن جڳهہ کان تون کسجي ويندين يا اُها جڳهہ توکان کسجي ويندي. پيارا! هي جيڪي بہ تون ڏسين ٿو فاني اَٽيئي، ناسونت اَٽيئي. رهندو ڪين. ناس ۾ ناس ٿي ويندو!

”فاني اَٽيئي هي بنگلو، فاني اَٽيئي هيءَ ماڙي:

جئن مان سولائيءَ سان وڃي سگهان!“ سڀ ڳالهيون ڪري وڃي سمهي ٿو. ٻه بجا رات جا لڳڻ ٿا، ٿوري مونجهه سمجهي ٿو. چوي ٿو:- ”اِها مونجهه ته پيئي ٿيندي آهي.“ اَڌ ڪلاڪ ڪنهن کي ٻڌائي ڪين ٿو. اَڌائي بجي پنهنجي زال کي اُٿاري چويس ٿو:- ”مون کي ڏاڍي مونجهه آهي: مان سهي نٿو سگهان.“ ڊاڪٽر اَچي ٿو. ڪيس اِسپتال ۾ کڻائي وڃن ٿا. اَڃا وات تي ئي آهي ته گذاري وڃي ٿو. اهڙيون ڳالهيون ڪيتريون نه ٿين پيئيون. ڪال جا قاصد پيا ڦرن، اوچتوئي اوچتو اَچي ٿا ڪڙڪن.

سراسري طور اَسان کي ٻڌايو وڃي ٿو ته هر روز هڪ لک ٧٥ هزار ماڻهو، ڀائر ڀينرون، ٻار، پرلوڪ ڇڏين ٿا. منهنجو وارو، توهان جو وارو ڪڏهن ايندو؟ پر ايندو ته ضرور. شل تياري ڪريون! اَڄ فقط توهان کان پڇڻ آيو آهيان:- ”تياري ڪريو پيا يا نه؟ تياري ڪريو پيئيون يا نه؟“ جي نه ته باقي جيڪو وقت بچيل آهي، تياري ڪريو.

شادي ٿي هئي: هني مُون تي پئي ويا. هنن جا مٽر هنن کي ٽرين تي چڙهڻ آيا. مٽر بيٺا هئا. ويٺي واڌايون ڏنائون. گارڊ سيٽي هنئي. ڪنوار هئي پليٽفارم تي. بوڙي جئن چڙهي ٿي ته پير کسڪي ويس. وڃي هيٺ ريل جي پٽن تي ڪري ۽ مٿان ريل گاڏيءَ جا ڦيٿا هليا. اُتي جو اُتي گذاري ويئي. مٽر ۽ ساهيڙيون جي آيا هئا واڌايون ڏيڻ، سي هينئر گهوٽ سان عزاپرسي ڪرڻ لڳا. هن سنسار ۾ ڪيترا ڀيرا ته اَسان کي تياري ڪرڻ جو وجهه به ڪين ملي ٿو. اِن ڪري توهان کي سوال پڇان ٿو:- ”توهان تياري

تہ پوءِ پاڻ سان اِن لنبي مسافريءَ لئہ ڪجھ کنيو اٿيئي يا نہ؟ اِن مسافريءَ لاءِ ڪا تياري ڪئي اٿيئي؟ ”راجا چوي ٿو:- ”تياري تہ ڪا مون ڪئي ڪين آهي.“ مسخرو ڪيسي مان اِهو وِجِڙو ڪڍي راجا کي ڏئي ٿو. چويس ٿو:- ”مونکان وڌيڪ مورکہ تہ تون آهين: مان توکي ٿو اِهو وجڙو ڏيان. لنبي مسافري، جنهن جي توکي پڪ هئي تہ توکي اُن مسافريءَ تي وڃڻو آهي ۽ تو تياري ڪئي ڪين آهي.“

اَسان مان هڪ هڪ کي پڪ آهي: ٻي ڪنهن ڳالھ جي پڪ هجي يا نہ: پر هِن هڪ ڳالھ جي تہ هرهڪ کي پڪ آهي تہ زندگي جا شروع ٿي آهي، هڪ ڏينهن ضرور پوري ٿيندي. اَسين هِتي آيا آهيون: پاڻ سان موت جي ٽڪيٽ کڻي آيا آهيون. اِن موت جي ٽڪيٽ تي تاريخ بہ لکي پيئي آهي، پر هِتي گم ٿي ويئي آهي. اِن ڪري تاريخ جي خبر ئي نٿي پوي. گم ڪري ڇڏي اٿئون. وقت ايندو، آواز اُٿندو:- ”مڪان خالي ڪرو!“ هِي جسم آهي مڪان، جنهن ۾ اَسين رهيا پيا آهيون. مڪان ڪِري پوندو، اَسان کي هلڻو پوندو. پوءِ پيارا! تياري ڪئي اٿو ڪا؟

”فاني اٿيئي هي بنگلو، فاني اٿيئي هيءَ ماڙي:
اُٿ جاڳ! ننڊ نہ ڪر ايتري: ڪر تياري، ڪر تياري!

هڪ ماڻهو آفيس مان موٽي ٿو: پنهنجي ڪٽنب جي ياتين سان گڏ رات جي ماني کائي ٿو. پوءِ پنهنجي پٽ کي سڏي چوي ٿو:- ”مون کي هينئر پنهنجون تاريخون لاهڻيون آهن.“ ڪيس لنڊن ۽ نيويارڪ وڃڻو هو. پٽ کي چوي ٿو:- ”تون منهنجي لاءِ جهاز جي بُڪنگ ڪرائي ڇڏ،

ديس ۾ رهون ٿا، اسين جن ڪمن ۾ مشغول آهيون، اسان کان ٻيون تياريون ڇڏيون ڪين. هڪ تياري آهي،- پرڀوءَ وٽ وري وري وڃو. پرڀوءَ جو ويچار ڪريو. پرڀو ڪيترائي روپ ڌاري هن پرٿويءَ تي آيو آهي. سڀ روپ اُن جا آهن، جو پاڻ اَروپ آهي. پنهنجي ڀڳتن جي صدقي پرڀوُ وري وري اَچي ٿو ۽ پيو ايندو. جيڪو به روپ توهان کي وڻي، اُن روپ جو ويچار ڪري چئوس:- ”هري! مئن جئسو تئسو تيرو! مون کان تياري ته نٿي پڄي. مان ڪري نٿي سگهان. مان ڪري نٿو سگهان، منهنجي تياري آتيئي هيءَ پڪار، جا مان توکي ٿي ڪريان، مان توکي ٿو ڪريان:-

منهنجي تياري:

آتيئي سڪ جي پڪاري:-

هري مئن جئسو تئسو تيرو!

جهڙي تهڙي، جيهي تيهي، مان اِڪ تنهنجي آهيان! مون کي قبول ڪر!“

جڏهن مون اَڄ ويٺي ويچار ڪيو ته ڪهڙي تياري ڪريون، پنج ڳالهيون مون کي ويچار ۾ آيون:-

(١) وري وري نام اُچاريون. نام نه وساريون. جيڪو نام توهان کي وڻي. ڪيترائي نام آهن:- اوم، ستنام، هري رام، هري شيام، واهگرو. مهامنتر آهي:-

هري رام هري رام، رام رام هري هري!

هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

ڪونه ڪو نام ڪٿي وڃو اُچاريندا. ڏسو، من ڪيڏو نه ٿو ڀٽڪي! صبوح جو اُٿون ٿا، تيار ٿيون ٿا، اِشنان ڪريون

ڪئي آهي يا نه؟"

فرانس ملڪ جي بادشاهه جو هڪ صلاحڪار هو. مئزرن اُن جو نالو. جدا جدا هنڌن تي نياپا ڪٽي ويندو هو. ڏاڍي دل هوندي هئس ته مان پراچين شيون (antiques) ڪٺيون ڪريان. جَت ويندو هو، اُتي ڪم لاهي پوء ويندو هو antiques جي دڪان تي. پنهنجي گهر ۾ هڪ museum ٺاهيائين. محلات ۾ رهندو هو. کيس هڪ وڏو هال هوندو هو. اُن هال ۾ اِهي سڀ antiques رکيون هئائين. اُنهن antiques سان ايڏو پيار هوندو هوس جو هڪ هڪ antique کي نالو ڏيندو هو. کنهن کي جان کوٺيندو هو ته کنهن کي پيو ڪجهه. بيمار پيو: ڊاڪٽرن کيس جواب ڏنو. کيس چيائون:- "تون بستري تان به نه اُٿبج. اُٿين، متان اُٿيئي ڪِري پوين." هن کي اَچي دل ٿي ته مان اِنهن antiques کان ته موڪلايان. وچان ٿو: سڄي عمر مون اِنهن antiques جي گڏ ڪرڻ ۾ گذاري آهه. اُٿي ٿو. لٺ تي آهستي آهستي قدم کٽي هال ۾ آيو آهي. هڪ هڪ antique اَچي ڏسي ٿو. ڳلن تان ڳوڙها پيا ڳڙنس. پيو چوي:- "هي سڀ مان هت ئي ڇڏي ويندس: کٽي ڪجهه به ڪونه ويندس." جيڪي به شيون اَسين ڪٺيون ڪريون ٿا، هڪ ڏينهن سڀ ڇڏي اَڳتي هلون ٿا. پوء تياري ڪئي اَٿئون يا نه؟

"فاني اَٿيئي هي بنگلو، فاني اَٿيئي هيءَ ماڙي:
اُٿ جاڳ! ننڊ نه ڪر ايتري: ڪر تياري، ڪر تياري!

ڪهڙي تياري ڪريون؟ ڪيترين تيارين جو ذڪر ڪيل آهي، جي ڪرڻ اَسان کان پڇنديون ڪين. اَسين جنهن

وينا آهيون ڪنهن پوتر وايومنڊل ۾، اُپوترتا جو ويچار اَچي تو ڄاڳي، ڇو جو اَسان جي ڌارا، سُرت هن وقت هيٺين چڪرن ۾ قائم آهي. اُن کي مٿي چاڙهي چاڙهي سهسرار چڪر ۾ آڻڻو آهي. اُن ۾ ڪيرتن توهان کي ڏاڍي مدد ڪندو. مان چاهيان جنهن وقت توهين ڪمن ڪارڻ مان واندا ٿيو، هت ڪيرتن ۾ اَچي شامل ٿيو. ڪيرتن جو آواز جئن ويندو چڙهندو، توهان جي سُرت، ڌارا ويندي مٿي چڙهندي. پنهنجي سُرت نام ۾ ڇڏيو.

(٢) ٻي تياري: روز ٿورو وقت سانت ۾ گذاريون. اَسين ڪيڏي نه گوڙ ۾ رهون ٿا. سانت ۾ ويهي، ڪانءِ ڪا تڪ ڪٽي، اُن جو ويهي ويچار ڪريو. ١٥ منٽ سان شروع ڪريو. پوءِ وڌو وڌائيندا. سانت ۾ ويهي پنهنجي پريتم سان ڪو ناتو جوڙيو. پرڀوءَ کي چئو:- ”تون منهنجي ماتا آهين، تون منهنجي اَمي آهين. جي ڪنهن وقت بہ تڪليف ۾ اَچان، يڪدم ٻوڙي تو وٽ ايندس!“ ڪيترئي خبرون اُچن ٿيون. ڪيترئي مشڪلاتون، ڪيترا مسئلا اَسان جي اَڳيان اَچن ٿا، اُن وقت اَسين منجهي پئون ٿا. منجهون ڇو؟ جي ماتا جو ناتو آهي، اُتي ئي ويهي پڪاريونس:- ”اَمي! اَمي! اَمي!“ ڪن جون ڇوڪريون وڏيون ٿي وييون آهن: مٿو اَچان ڪين ٿيو آهي: ماتا کي ڪيڏي نہ چنتا آهي. اَڙي! پر توکي بہ ماتا آهي: تون پنهنجي چنتا ڪٽي ماتا کي ڏي. چئينس:- ”اَمي! ٻالڪي وڏي ٿي ويئي آهي: هاڻي تنهنجو ڪم اَٿيئي: ڇوڪرو ڳولي ڏي!“ هن جي اَڳيان تہ ڪيترائي ڇوڪرا وينا آهن.

پياري پرڀوءَ سان ماتا جو ناتو رکو، پتا جو ناتو رکو،

ڻا، نيرن ڪائون ڻا، من سچو وقت پيو ڀٽڪي. هيترا سال هي من ڪيڏو نه ڀٽڪيو آهي! ۽ ڪتو ڪچ ڪين ڪيو اَٿس. هاڻ ڀڏوس نام سان. جيڪو وقت ملي، اَندر ۾ نام پيو هلي. پل جيڪو وقت توهين ڪم ڪريو، نام نه اُچاريو، پر جنهن وقت ڏسو من اَجايو ڀٽڪي ٿو، ڀڏوس نام ۾.

لنڊن ۾ هڪڙو وڏو ڊاڪٽر اَکين جو ماهر هو. چيائين:- ”تون پيو چوين ته نام اُچاريو؛ وقت ڪٿان اَچي جو نام اُچاريون. اَسان جي لنڊن ۾ اَهڙي حالت آهي جو اَسان کي مٿي کنهڻ جي به فرصت ڪَونه ملندي آهي.“ مون چيومانس:- ”تون پنهنجي گهر مان پنهنجي ڪِلنڪ ۾ ويندو هوندين.“ چيائين:- ”ضرور ويندو آهيان. گهر ۾ ٿوريئي ويهبو.“ چيومانس:- ”پوءِ واٽ تي ڪار پيو هلائين، ڇو نه ٿو نام اُچارين؟“

ڪيترو وقت اَسان کي ملي ٿو؛ پر اَسان جو من ڀٽڪڻ تي ڏاڍو هريل آهي. ياد رکو جڏن من پيو ڀٽڪي، تڏن اَسين به پيا من سان ڀٽڪون. جڏن پيا اَسين وڏيڪ ڀٽڪون، تڏن اَسان جي اَندر اَشانتيِ وڃي ٿيِ وڌندي. اِها اَشانتيِ آهي اَسان جي دک جو ڪارڻ. من کي ڀڏو نام سان. ڪونه ڪو نام ڪٽيِ وڃو اُچاريندا. جيڪو وقت توهان کي ملي. توهان کي هڙو سندر آستان آهي. جيڪر وري وري هت ملو، گڏجيِ ويهيِ ڪيرتن ڪريو. ڪيرتن دواران ڏاڍيِ پراپتيِ ٿئي ٿيِ. اَسان جي ڏارا هِن وقت هيٺين چڪرن ۾ ڀڏل آهي، ڦاٿل آهي. اِن ڪري ڏسندا اوچتو حسد جو ويچار اَچيِ جاڳندو. اوچتو ئيِ اوچتو ڌڪار جو ويچار، اَپوترتا جو ويچار اَچيِ جاڳندو.

پر اُن ۾ ضرور ڪا معنيٰ هوندي. پوءِ اَسين اِهي سڀ آزمودا قبول ڪري سگهون ٿا.

پياري دادا ساڌو واسوانيءَ اَسان کي هڪ موقعي تي ڪٿو ڪري چيو:- ”اَچو تہ مان توهان کي هڪ اَکري منتر ڏيان. اُهو اَکر هيءُ:- قبول! قبول! قبول!“ چيائين:- ”جيڪي ٿئي، نہ پڇو ڇو ٿيو يا هونءَ ڇو ٿيو؟ قبول! پريو، تو وٽان آيو آهي. تنهنجو پرساد ٿي آيو آهي. ڏسڻ ۾ اَچي ٿو تہ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ آهي، پر اَسان کي قبول آهي ڇو تہ تو وٽان آيو آهي.

”پريان سندي پار جي، مڙيوئي مٺائي!“

ستسنگ ۾ ويٺا هئا. هڪڙو ماڻهو پڪوڙا کڻي آيو. سنت چيو، ورهائي ڏيو. ماڻهو کائڻ لڳا. هڪ هڪ اَچا ڇُڪ هنيو، ٿو ٿو ڪري وڃي ٻاهر ٿڪو ڪيائون. تنائون تہ هڪ ماڻهو ويٺو کائي ۽ سنت ويٺو کائي. ڇا ٿيو هو جو پڪوڙن ۾ ڪو لوڻ گهڻو پئجي ويو. زهر وانگر پڪوڙا ٿي ويا. اِن ڪري سڀ وڃي ٻاهر ٿڪو ڪري آيا. چيائون، هي ويٺا کائين. هنن جي پڪوڙن ۾ شايد لوڻ گهٽ ڪونهي. سنت کان تہ پڇي نٿي سگهيا. پر هن ماڻهوءَ کان اَچي پڇيائون:- ”تنهنجي پڪوڙن ۾ لوڻ گهڻو ڪونهي ڇا؟“ چيائين:- ”لوڻ ڇو ڪين آهي.“ ”پوءِ کائين ڪئن ويٺو؟“ چيائين:- ”هيتريون مٺايون سنتن ڪارايون آهن. اُهي روز اَسين خوشيءَ سان کائون ٿا. اَڄ مسين مسين کارو پڪوڙو آيو آهي، اَسين نہ کائون؟ سنتن جو پرساد آهي! پرساد ڪري کائو. قبول! قبول!

(۴) چوٿين تياري: جئن آهستي آهستي اَنتهہ ڪرڻ ويندو

پراڻا جو ناتو رکو، دوست يا ساهيڙيءَ جو ناتو رکو. جيڪو ناتو توهان کي وڻي، سو رکو، پر رکو ضرور. پرپوُ چوي ٿو:- ”جيڪو ناتو توهين رکڻ چاهيو، مان اُن ناتي ۾ توهان وٽ ايندس.“

مئنيجنگ ڊائريڪٽر هو ۽ پروپرائيٽر هو. ميز اڳيان رکي هئس ڪرسي، اُن تي ويٺو هو. سندس سامهون وڏي ميز ۽ وڏي ڪرسي رکي هئي. مون پڇيومانس ته ”هيءَ وڏي ڪرسي ۽ وڏي ميز ڪنهن جي واسطي آهي؟“ چيائين:- ”منهنجي Senior Partner واسطي آهي.“ پڇيومانس:- ”تون پاڻ پروپرائيٽر، تون پاڻ مئنيجنگ ڊائريڪٽر: تنهنجو Senior Partner وري ڪير آهي؟“ چيائين:- ”منهنجو Senior Partner آهي پيارو پرڀو. جڏهن نه ڪوبه مسئلو اڳيان ايندو آهي ته اُهو فائيل مان اُن کي سوُنپيندو آهيان ۽ چوندو آهيانس ته هي ڪم هاڻي توکي سنڀالڻو آهي. مان نٿو ڪري سگهان.“ پڇيومانس:- ”پوءِ پنهنجي نفعي جو گهڻو حصو پنهنجي Senior Partner کي ڏين؟“ چيائين:- ”ڏهه سيڪڙو اُن کي ڏيندو آهيان ۽ اُن ۾ هوُ خوش آهي. اُن پئسي کي مان هٿ ڪين لائيندو آهيان.“

(٣) ٽين تياري: جڏهن توهين وڏيڪ ناتو جوڙيندا، توهان جو انتهڪرڻ ويندو صاف ٿيندو. هن وقت اسان جي اندر ڏاڍا گندا آهن، ڪِن آهن، ملينتا آهي. جڏهن اسان جو اندر ويندو صاف ٿيندو، تڏهن اسان کي پروڙ پوندي ته جيڪِي پرڀو ڪري ٿو، اُن ۾ئي اسان جو ڀلو آهي. بيشڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته مصيبت اچي ڪڙڪي آهي. اسان جو پيارو اوچتو اسان کان کسجي ويو آهي، ڌنڌي ۾ اچي نقصان پيو آهي،

صاف ٿيندو، تڏهن پروڙ پوندي ته هڪ هڪ ۾ اَسان جي پريوءَ جو ديرو آهي. هڪ هڪ پسون، هڪ هڪ پکي، پريوءَ جو روپ آهي. ڪڏهن توهان اِنهن پسن ۽ پکين جي اکين ڏي نهاريو آهي؟ منهنجي اکين سان نهاريو. توهين ڏسندا هن پکيءَ، هن پسونءَ ۾ ڪرشن ويٺو آهي. ڪرشن ويٺو مرلي وڄائي. اِن مرليءَ تي هڪ ئي آواز ويٺو اُڀاري:- ”دیا ڪريو! دیا ڪريو! اَءِ اِنسان، توکي ٿوري وڏيڪ طاقت ملي آهي، اُها طاقت تون ڪٿان ٿو ڪم آڻين؟ هنن پسن پکين کي وڃي تو کُهين. هنن جي سرير کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري پنهنجن ديگڙن ۾ رڌي، مرچ مصالح وجهي ويٺو کائين. تون ته پريوءَ کي ويٺو کُهين.“ پوءِ توهين پاڻيهي هنسا جي ڪاڏي ڪان پري رهندا. پاڻيهي توهان جي اَندر سجاڳي اِيندي. چوندا، هي رت جو ڪاڏو اَسين ڪائينداسين ڪين.

(٥) پنجين تياري: هڪ ٻئي جي مدد ڪريو. ڇو ته مانوَ ڌرم آهي شيوا ڌرم. جنهن ڏينهن توهان ڪنهن غريب، ڪنهن بکايل کي روٽي نه کارائي آهه، جنهن ڏينهن توهان ڪنهن ننگي کي وستر نه پهريو آهه، جنهن ڏينهن توهان ڪنهن پياسي جيوَ کي،- ڀل اِنسان هجي يا پکي هجي،- توهان پاڻي نه پيئاريو آهه، توهان جو ڏينهن ويو اَجايو.

سانت ۾ ويهي نام اُچاريو. پريوءَ سان ڪونه ڪو ناتو جوڙيو. هڪ هڪ ۾ پريوءَ جو روپ ڏسي دکين دردرن، غريبن مسڪينن، پکين پسن جي شيوا ڪريو، پنهنجو مانکه جنم سڦل ڪريو!

(پاناما: ٥-١٠-٩١)

سنت مالا
١٣١١ - ١٣١٦

جولاءِ-آگسٽ-سپٽمبر ١٩٩٤

رُوحانيِ بات چيتِ
(٤)

١٠ رپيا
جشن واسواڻيِ
August 94
Regd. No. PNC/E-